Kha

پنهنجا پراوا

68

(ڪهاڻيون)

ڪرشن کٽواڻي

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

GHANSHYAM BHATIA

- Girison Traders
- Gulshan Traders
- Shivam Liquour
- Praven Wines
- Prakash Wines
- Laxmi Wines



Vicky Manoj Apartments, Opp. Khemani Bus Stop,
Behind Seema "C" Bldg., Ulhasnagar-2.



Off.: 550930-564039-564094
Resi.: 541781-542070
Mobile No.: 98202-90520

With Best Compliments from

D. T. KALANI GROUP OF COMPANIES

D.T. KALANI HOUSE,
CHANDER SHEKAR AZAD MARG,
BEHIND CANARA BANK, KHEMANI,
ULHASNAGAR - 421002.
TEL.: (0251)548301/2/3, 708305
DIRECT 565943 MOBILE : 98201-52400
FAX : (91-251) 546677
E-MAIL : DTKGROUP@BOM4.VSNL.NET

With Best Compliments From :

چيتي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني کٽنب کي لک لک واڌايون

Anil B. Chellani

SAI BABA CONSTRUCTION

Builder's & Developer's



Sai Narayan Baba Apts., Plot No. 252/255
Sector 10, New Panvel.
✆ : (R) 911-542818, 541000 Mobile : 98210 - 18550

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

SAI BABA

BUILDING MATERIAL SUPPLIERS

Poonam Hsg. Society,
Opp. Ulhasnagar Municipal Corporation,
Ulhasnagar.

With Best Compliments From :

چيتي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان
صاحبن ۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

دنيا جي سيني سنڌين کي

رام جوهراڻي

چيئرمن

جون شپ ڪامنائون

سهيوگ فائونڊيشن

سماجڪ، سانسڪرتڪ ۽ تعليمي سنستا

۱۳، ۱۸، وٺوبا لين، فرسٽ فلور، ڪالباديوي، بمبئي - ۴۰۰۰۰۲.

SAHYOG FOUNDATION

A SOCIO-CULTURAL EDUCATIONAL ORGANISATION

Registered Under the Public Trust & Societies Reg. Act.

14 - 18, Vithoba Lane, 1st Floor, Kalbadevi,
Bombay - 400 002. ✆ : 201 6860 - 648 1826

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

BHARATI RAJANI

EX-MEMBER

ULHASNAGAR MUNICIPAL CORPORATION

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

SILVER POINT



With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينھن) نئين سال جون اوھان صاحبن
۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

M/S. MOTIRAM BUDHARMAL

Engineers & Govt. Contractors

OFFICE

4, Hira Co-op. Housing Society Opp. Old Telephone
Exchange, Ulhasnagar - 421 003.
✆ : (0251) 551759, 892849

RESIDENCE

Assandas Budharmal Manwani,
3, Hira Co-op Hsg. Society, Ulhasnagar - 421 003.
✆ : 551773, 550427, 551830.

With Best Compliments From :

گوپلاڻي پريوار طرفان سيني سنڌونگرواسين کي
چيٽي چنڊ جون شڀ ڪامنائون

Shri Satyanarain Flour mills

Tel.: 911-540363

Shri Satyanarain Medical & General Stores

Tel.: 911-545054

Shri Satyanarain Paper Atta Mills

Tel.: 911-545797

Shri Satyanarain Traders

Tel.: 911-542417

Shri Satyanarain Pharma Distributors

Tel.: 911-551953

Shri Satyanarain Medical Agencies

Tel.: 911-540644

Shri Satyanarain Automobiles

Tel.: 911-564594

Bhart Chowk, SINDHUNAGAR - 421 001.

اوهان پنهنجي ٻار کي موت جي سزا ڏيندا؟
بلڪل نہ تہ مهرباني ڪري هيءُ غور سان پڙهجو

شاديءَ کان اڳہ رت جي تپاس اوهانجي اولاد کي خوفناڪ تباهيءَ کان بچائي سگهيتي. ”ٿيلاساميا ميجر“ Thailaseaemia Major ٿيلاساميا مائينر (ننڍي) بيماري جا جيوڙا جائي جمر کان ٿين ٿا. پرش ۾ بہ تہ استري ۾ بہ. جڏهين ٿيلاساميا مائينر جيوڙن وارا وڏا ٿي شادي ڪندا تہ انهنجي اوُلاد کي ٿيلاساميا (وڏي) بيماري ٿي سگهيتي.

ٿيلاساميا ميجر علاج رهت بيماري سنڌي جاتيءَ ۾ چڱي ڦهليل آهي. ان بيماري وارن ٻارن جي رت ۾ هوميوگلوبن ضرورت کان گهٽو گهٽ هوندي آهي جنهنجي نتيجي ۾ رت پاڻيءَ وانگر ڇڊو ٿي ويندو. اهڙن ٻارن کي زنده رکڻ لاءِ بار بار نئين رت وجهائڻ جي ضرورت پوندي آهي اهڙي ٻار جون بڪيون ۽ جيرو وڏي ويندو آهي، انکري منا پيشاب ۽ دل جي بيماري ٿي پوندي آهي. اهڙن ٻارن جي عمر وڌ ۾ وڌ ١۵ کان ٢٠ سالن تائين ٿيندي آهي. تنهنڪري اڳوات رت جي تپاس جو فيصلو بربادي ۽ / يا آبادي جو رستو کولي سگهيتو. هاڻي ئي عمل ڪريو!

ٿيلاساميا لاءَ رت جي تپاس ڪرايو!

جاتيءَ جي ڀلي لاءِ هيءُ اشتهار وجهايو وڃي ٿو
شپ ڪامنائن سان :

With Best Compliments From :

HOTEL ROSEWOOD

99 / C, Tulsiwadi, Opp. Air-Conditioned Market, Tardeo,
Mumbai - 400 034. ✆ : 494 032027 (8 Lines)
Fax : 4953764 Telex : 011 - 76396 ROSE IN

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن ۽ سڀني
ڪٽنب کي لک لک واڌايون

بچت ! بچت !! بچت !!! ڪيو



سائين سوپ گئلري

مان مفت اسڪيم سان ۽ هول سيل جي اگهہ ۾ گهرو سامان خريد ڪريو

الهاسنگر ۾ پهريون وچتر قسم جو انوکو ۽ انوٺو دڪان

جتي اوهانجي شخصيت ۽ سندرتا ۾ چار چنڊ لڳائڻ وارا خوشبودار ۽ بيشمار سنان جا صابڻ - شيمپو - پرفيوم - ڪپڙن ڌوئڻ جا صابڻ ۽ پائوڊر ۽ انيڪ گهريلو شيون بلڪل نئين رنگ ڍنگ جون رکيل آهن.

سائين سوپ گئلري

بانسري هوٽل جي پرسان، گول ميدان، اُلهاسنگر - 1 فون : 544557

فري هوم ڊليوري

واجبي دام اُتم ڪام



سندرتا جي مهاراڻي

شري سائين فئشن گئلري

هاڻي شري سائين سوپ دڪان ۾ زالن لاءِ سندرتا جو خزانو کلي ويو آهي جو آهي شري سائين فئشن گئلري.

سندرتا ۾ نکار آڻڻ لاءِ انوکي ۽ ڪشش ڪندڙ عجب ۾ وجهندڙ بيشمار ۽ بلڪل نئين ڊزائين (Export Quality) ايميٽيشن زيورات (Also on Rent) فئشن جي هر آئٽم چوڙيون، بڪل، ربڙ بئنڊ، پرس، چمپل، ڪاسميٽڪس، (نوان رانديڪا) موجود آهن گهر ۾ ڪم ايندڙ چيزون بہ پڌي اگهہ ۾ ملنديون آهن.

شري سائين سوپ فئشن گئلري

بانسري هوٽل جي پرسان، گول ميدان، اُلهاسنگر ٢. فون : 544557

With Best Compliments From :

جيڪي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

Narayan Punjabi

&

Deepa Naryan Punjabi

Members of
Ulhasnagar Municipal Corporation
Ulhasnagar

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

pride electronics

TVS Refrigerators, Audios,
Washing Machines & Appliances.

Shop No. 761, Opp. Tilson Shopping Centre, Section 17,
Ulhasnagar - 421 003. ✆ : 550890

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

GEHIMAL H. KARIA
PRADEEP G. KARIA

Dealers in :

A to Z Plumbing & Sanitarywares,
Roofing Sheets, Water Tanks,
Water Proofing products.
Decorative wall & floor tiles

Bombay Office :

11, Mohatta Market,
5th Floor, Palton Road, Bombay - 400 001.
Tel.: 2615916

Show Room :

Shop No. 105-107, Karia Arcade,
Opp. New Era High School,
Ulhasnagar - 421 003.
Tel.: 545021 / 547021 Fax : 0251 - 550791
E-mail : ghkaria@vsnl.com

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن ۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

SAI BABA CHEMICALS

Furniture Bazar, Ulhasnagar - 2.

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن ۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

NATIONAL

National
ENGINEERING WORKS

Mfrs. of : Automatic Biscuit Making Plants
Biscuits Moulding & Cutting Rollers Dics

Near Old Dalda Depot, Ulhasnagar - 421 003.
✆ : 0251 - 544226, 549312, 568935

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن ۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

Annu Manwani

SATYAM

Wrist Watches, Gift,
Electronics & Novelties

104, Japani Bazar, Ulhasnagar - 2.
✆ : 704151 - 709052 Mobile : 0982 - 104415

With Best Compliments From :

چيتي چند (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

M/s. Ambratlal Suhkwani

Builders & Govt. Contractors

Shop No. 7, New Ajanta Society, Near Aman Cinema,
Ulhasnagar - 2. Dist. Thana.
✆ : STD - 0251 Off. : 544414, 545630 Resi.: 551170, 551735

Gram : AMRITSUKH

K-3 (56)

پنهنجا پراوا

(ڪهاڻيون)

000076

ڪرشن ڪتواڻي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، اُلهاسنگر - ٣.

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

Narendra Kumar K. Thakur

Municipal Corporator

&

Retired Asst. Municipal Commissioner
Ulhasnagar Municipal Corporation

Resi.: 202, Kewal Kunj, Section - 17,
Ulhasnagar - 421 003. ✆ : 541785, 550363

ارپڻ

سر ڳواسي گوبند مالهي کي
جنهن سنڌي ادب جي هر صنف
تي قلم هلائي ايندڙن لاءِ
هڪ راهه گهڙي

ڪرشن کٽواڻي

سلسلو	صفحو
١. مهاڳ	٥
٢. ماءُ ۽ ڌيءُ	١١
٣. سياري جا ڏينهن	١٩
٤. پنهنجا پراوا	٢٧
٥. ٽرين ۾	٣٥
٦. اڻ لکيل خط	٤٢
٧. هڪ ننڍڙي مرڪ	٦١
٨. ماستر صاحب	٦٧
٩. امانت	٧١
١٠. وڇوڙو	٧٦
١١. هڪ سنڌي جي آتم ڪٿا	٨٢
١٢. سونهن جي ڳولها	٩٠
١٣. سوڪڙي	٩٨
١٤. اُداس فلئٽ	١٠٣

Add. of Writer :
5/3, New Palasia,
Indore - 452001
Tel.: 532952

Pahanja Parawa
(Stories)

By : Krishin Khatwani

SINDHI TIMES PUBLICATION
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar - 421 003.
Tel.: 564000
Fax : 0251 - 550575

Published by :
Suresh Paryani
for
The Sindhi Times Publication

Printed by :
Vishal Enterprises
Ulhasnagar - 421 004.
Tel.: 581932

Computer Typesetting by :
Media Digital
Ulhasnagar - 421 003.
Tel.: 542607

Sole Agent :
Jagdish Book Depot
Main Bazar,
Ulhasnagar - 421 002.
Tel.: 700455

Price Rupees Sixty Only
Year 2002

مهاڳ :

ٽٽل سپنا

ڪلڪتو مون لاءِ نئون نہ آهي. بينگال منهنجو ٻيو گهر آهي. شانتينڪيتن ۾ مون پنهنجي ڦٽندڙ جوانيءَ جا چار سال گهاريا. اها عمر جڏهين سپنا جڙندا آهن، ٽٽندا نہ آهن، جڏهين اندر ۾ ۽ آسپاس سڀ خوبصورت لڳندو آهي. هر صبوح نئينءَ زندگيءَ جو نياپو ڪٺي ايندو آهي. پاسندو آهي اڄ ڪجهہ ٿيندو. رات جو اڪيلا تارا ڪهاڻيون ٻڌائيندا آهن، چنڊ ڪنهن انسان جي چهري جيان پنهنجو لڳندو آهي. زندگيءَ جي ان شروعاتي ڏينهن ۾ لڳندو آهي تہ زندگي ايڏي وڏي آهي جو اسانجا سڀ سپنا پورا ٿيندا. ائين محسوس ڪبو آهي تہ هن پرٿويءَ جا سڀ مسئلا اسانجي جيون ۾ ئي حل ٿي ويندا. اسين هن دنيا مان وينداسين، ان کان اڳ اڄ جو دکي انسان دکن کان نجات پائيندو، دنيا ۾ جنگين بدران امن هوندو، انسان کي کاڌو، اٽو،لٽو سڀ ملندا ۽ انساني ناتا منجهيل سٽ بدران سکہ مئہ هوندا.

منهنجو پهريون ڪتاب تڏهين ڇپيو هو جڏهين منهنجي عمر پندرهن سالن جي آسپاس هئي. مهني اندر ئي ڪتاب وڪامي ويو هو. مون وٽ ڪيترا خط آيا. پر خاص ڳالهہ اِها ٿي جو منهنجي ان اڌ ٻالپڻ-اڌ جوانيءَ واريءَ زندگيءَ ۾ مونکي ڪيترا ساهتڪار دوست مليا. ان ڪتاب لکڻ کان اڳہ مون ٽئگور، شرت، پريمچند ۽ ٻين ڪيترن ڀارتي شاه عبداللطيف ليکڪن جا سنڌي ترجما پڙهيا هئا. سنڌ جي وڏي ۾ وڏي ڪلاسيڪي شاعر کي اڌ سمجهندي اڌ نہ

ڪتاب بابت ....

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن جو هي چاليهون سال هلي رهيو آهي (1962 کان 2002) هن سوڍو انڪل هڪ سوءِ ٻارهن ڪتاب جدا جدا صنفن جا آهن. لوڪ گيت به آهن، لوڪ ادب بابت ڪهاڻيون آهن، ناول ۽ ناٽڪ به آهن، ته مضمون به، ڪوتا به آهن، ته آتم-ڪٿائون به.

سنڌيءَ جي اول درجي جي ليکڪن، اديبن جون رچنائون ڏنيون ويون آهن. پوپٽي هيراننداڻي به، ته تارا ميرچنداڻي، ريٽا شهاڻي، اندرا واسواڻي، گوبند مالهي، ته لڇمڻ ڀمڀاڻي ۽ نارائڻ شيام، هري دلگير به، ته ڪرشن کٽواڻي به.

هن سال 2002 جو هي ڪتاب ڪرشن کٽواڻي جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

هن کان اڳ ڪرشن کٽواڻي جو ناول ست ڏينهن به ڏنو آهي ته ڪهاڻين جا مجموعا اڪيلي، ڀڀري، منهنجا مارُوئڙا، ته سندس ڪوتا سنگره ''هڪ ڏکي سانت'' به.

ڪهاڻين جي هن مجموعي ''پنهنجا پراوا'' ۾ سنڌي جيوت سان لاڳاپو رکندڙ ڪهاڻيون ڏنيون آهن. سندس اندرين سوجهه ٻوجهه جو نقش آهن. ڪرشن کٽواڻيءَ تي بينگالي ساهتيه جو، بينگالي جيوت جو، چڱو اثر آهي. ان جو ڪارڻ شايد اهو ٿي سگهي ٿو ته هو ڪجهه سال شانتينڪيتن ۾ ايياس ڪندي بينگالي وايو منڊل ۾ رهيو آهي. ڪئين به هونءَ به ته سنڌي ادب تي بينگالي ادب جو خاص طور ٽئگور، شرت بابوءَ جو چڱو اثر رهيو آهي.

ڪرشن کٽواڻي جي جان تان وڏيڪ اثر رهيو آهي، اهو هنن ڪهاڻين ۾ به ظاهر آهي.

18 Feb., 2002

نارائڻ ڀارتي.

هئا، ڇاڪاڻ ته پاڪستان سرڪار ڪي هنن جي سوچ ۽ سرگرمين مان ڊپ ٿيو. ڪڏهن ڪن دوستن جا سينسر ٿيل خط ايندا هئا ۽ اهي پڙهڻ بعد مان شونيه آڪاس ڏي نهاريندي الائي ڪهڙي سوچ ۾ ٻڏي ويندو هوس. مون ماڻهن کي پنهنجيءَ پوميءَ کان جدا ٿيڻ وقت ڇن پن ٿيندي نه ڏٺو، مون دنگا فساد نه ڏٺا. انسان کي حيوان بڻجندي نه ڏٺو. پر آهستي آهستي منهنجي اندر ۾ هڪ شونيتا ڦهلجندي ئي ويئي. جڏهن نديءَ جا ڪنارا دور ٿي ويا هئا ۽ نديءَ جو مڪمل پاڻي به آسپاس جي ميدانن ۾ ڦهلجي ويو ۽ ندي ندي نه رهي. منهنجو هڪ سپنو هو ڪاڏيءَ جو ڪُرتو پاجامو، ڪلهي تي لٽڪندڙ ٿيلهي ۽ اسڪيچ بوڪ ۽ ڪجهه ڪاپيون. مان هن سندر سنسار ۾ رلندو رهندس پر انسان پوري سنسار ۾ رهي نه سگهندو آهي، زنده رهڻ لاءِ مٽي لڪائڻ لاءِ منکي صرف ڪجهه وال زمين کپي ۽ اها به مونکان کسي ويئي هئي.

شانتينڪيتن ۾ منهنجا پويان ٻه سال لئبريءَ جي ڪليل شيلفن جي آسپاس گذريا. هن زندگي، هن دنيا کي سمجهڻ لاءِ مون ڪئين ڪتاب پڙهيا، بنا ڪنهن رٿا، بنا ڪجهه نوٽس وٺڻ جي. جڏهن هڪ ڀار جو پنهنجي ڳوٺڙي جو دڳه پلجي ويو هو هڪ پنار تي ٻهي چوطرف نهاريندي عجب ڪائي رهيو هو ته هيءَ دنيا ڪيڏي وڏي ۽ سندر آهي، پوءِ به هو پنهنجي گهر جو رستو ڇو ڳولهي رهيو آهي.

آشرم ڇڏڻ ويل مون اندر ۾ بيحد گهڻو ڊپ ۽ اڪيلائي محسوس ڪئي. مان اهڙو ڪجهه به نه ڄاڻندو هوس جنهن سان پنهنجي آجويڪا ڪمائي سگهان. انسان جي زندگيءَ ۾ الائي ڪيئن، الائي ڪڏهين موڙ ايندا آهن. جڏهن شاهراه پيچرن ۽ وراهجي ويندي آهي ۽ چونڊ ڪرڻ لاءِ اسان کي جاگرافيءَ جي ڪا ڄاڻ نه هوندي آهي. ڪجهه وقت بمبئي ۾ رهي مونکي حالتن اندور پهچايو ۽ اٽڪل ڏه سال ڏنڌي ۾ ڏينهن جو مصروف رهندو هوس ۽ رات جو ان ٿڪ کي دور ڪرڻ لاءِ ڪتاب پڙهندو هوس.

سنڌي وري وسي رهيا هئا، وري سنڌي ۾ رسالا ۽ ڪتاب

سمجھندي مون پڙهيو هو. ان ئي زماني ۾ سنڌيءَ جي پياري ليکڪ منگھارام ملڪاڻيءَ، جنهن پوءِ ڪلڪتي کي پنهنجو گھر بڻايو هو، ٽئگور جي گيتانجليءَ جو سنڌي نظم ۾ ترجمو ڪيو. مون اهو ڪتاب ايترا ڀيرا ته پڙهيو هو جو سڄو ڪتاب مونکي برزبان ياد پئجي ويو. 1954 ۾ مئٽرڪ پاس ڪري شانتينڪيتن وڃڻ کان اڳ مان ڪراچيءَ جي شرناگتي آرٽ سڪول ۾ ٽي سال ڪن پينٽنگ سکيس. اتي جو بينگالي ماستر، شانتينڪيتن ۾ پينٽنگ سکيل هو.

اهو 1942 واري ڀارت ڇوڙو واريءَ آندولن کان بعد وارو زمانو هو. نه صرف ڀارت جي آزادي ويجھي نظر اچي رهي هئي، پر اسان نئين سندر سنڌ جا سپنا ڏسڻ به شروع ڪيا هئا. ڪيترا ساهتڪار ۽ راڄنيتيءَ ڪم ڪندڙ منهنجا دوست بڻيا. مان انهن مان ڪن سان سنڌ جو رٿن به ڪري آيس.

شانتينڪيتن ۾ گھاريل ٽيهرين ٽن سالن ۾ به مون آئينده جي سنڌ جي سپنن کي تاتيو ۽ پاليو. مان سنڌ جي ليکڪن ۽ پبلشرن جي لهه وچڙه ۾ رهيس ۽ انهن کي پنهنجون رچنائون موڪليندو هوس. اونهاري جي لنبيءَ وئڪيشن بعد مان 16 آگسٽ 1947 جي رات ٽرين ۾ شانتينڪيتن لاءِ روانو ٿيس. ٻه ڏينهن اڳ پاڪستان جي جنم جي خوشيءَ ۾ ڪراچيءَ ۾ جشن ٿيا هئا، اهي مون ڏٺا هئا ۽ اڌ رات جو ريڊيو تي نهروءَ جي پارليامينٽ ۾ ڪيل تقرير به ٻڌم. مان سمجھان ٿو اسان هندستانين لاءِ ان ويل اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو هو ته اسين ڪلون يا رئون. اڌ رات جو ٽرين ۾ سنڌ جو بارڊر ڪراس ڪرڻ ويل مونکي خيال نه آيو هو ته مان وري هن پنهنجي جنم-ڀوميءَ ۾ واپس موٽي نه سگھندس، هيءَ جو ديس منهنجو هو، هن بعد ڌاريو ٿي ويندو.

ست ان مهنا پوءِ جڏهن منهنجا مائٽ اباڻا اجھا ڇڏي راجستان جي هڪ ڳوٺڙي ۾ جھوپڙي، نما هڪ جاءِ مسواڙ تي ڪري اچي وسيا. تڏهين حقيقتون پنهنجا سندر ته کولڻ لڳيون. منهنجا ڪيترا ليکڪ ۽ راڄنيتيءَ ۾ سرگرم دوست سنڌ ۾ گرفتار ڪيا ويا

سان اهڙو ناتو جوڙي نہ سگهيو آهيان جو 17 سال سنڌ ۾ رهڻ سان اتي جي زمين-آسمان سان جڙيو هو. نديءَ کي ياد ڪندي سنڌو ندي ياد ايندي هئي. ميدانن جو تصور ڪرڻ ويل سنڌ جي ميدانئي، بنا گهٽي وٽڪار واري زمين اکين اڳيان ايندي هئي. ڪن ان ٻوليءَ کي ان طريقي سان ڳالهائيندي ٻڌڻ چاهيندا هئا جئين سنڌ ۾ سنڌي ڳالهائي ويندي هئي، جا هاڻ اسان وٽان هند ۾ الوپ ٿيندي تي وڃي.

ڪجهہ سال اڳ جڏهن بينظير ڀٽو پاڪستان جي وزيراعظم هئي تہ ڀارت جي ڪن سنڌي ليکڪن کي ڪراچيءَ ۾ انٽرنئشل ادبي ڪانفرنس تي نينڊ ڏيئي گهرايو ويو هو. اسانجي سني مرحبا ڪئي ويئي ۽ سنڌ جا سيئي تواريخي ۽ سيتڪ مرڪز اسانکي گهمايا ويا. اسانکي پنهنجن ڳوٺن ۾ بہ وٺي ويا. ڀارت ۾ عام سنڌي سنڌي ليکڪن کي نہ سڃاڻن، پر سنڌ ۾ پڙهيل ڳڙهيل سنڌي ڀارت جي سنڌي، ليکڪن کي بہ سڃاڻن، ڇاڪاڻ تہ اتي بہ ماڻهن کي ڪتابن لاءِ ايترو قرب آهي جيترو هت بينگال ۾ آهي. منهنجا گهڻا ناول ۽ ڪهاڻيون اتي وري ڇپايون وييون آهن. اسانجا اتي جا سنڌي پاٺڪ ۽ ليکڪ دوست ايترو تہ قرب سان ملندا هئا جو ڀنهي جي اکين ۾ پاڻي اچي ويندو هو. اتان موٽڻ بعد مون اتي جا ڏنو ان تي مون هڪ ڪتاب لکيو آهي، ڪتاب روائتي سفرنامو نہ آهي پر انڪل ٿيهن ڪويتائن پنجن ريکا چترن ۽ هڪ ڊگهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ مون اهو اظهارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيڪو مون اتي ڏٺو ۽ انڀوَ ڪيو.

اِهو ڪتاب پورو ڪرڻ بعد اوچتو مون محسوس ڪيو تہ اڄ جي سنڌ اها سنڌ تہ نہ آهي جا اسانجي هئي يا جنهن ۾ اسين هئاسين. ڪڏهين ڪڏهين ائين ٿيندو آهي جو زمانو اڳتي وڌي ويندو آهي ۽ اسين هڪ هنڌ بيٺا هوندا آهيون.

اڄ اسان وٽ پنهنجي ڀومي نہ هند ۾ آهي نہ سنڌ ۾ هڪ ليکڪ لاءِ اها تمام ڏکدائي ۽ پيڙا دائڪ حالت آهي، اسانجي سنڌي اڄ ڪهڙي دشا ۾ وڃي رهيا آهن اها ڪين بہ ڄاڻ نہ آهي، ۽ اسين

ڇپجڻ لڳا. اڪل ڀارت ساھتيہ سميلن ٿيڻ لڳا. ڀئين سميلن ۾ مان وري ليکڪ دوستن جي ويجھو آيس ۽ وري لکڻ شروع ڪيو.

ان زماني ۾ مان ٻہ زندگيون جئندو ھوس، ڏينھن جو مان ڏنڌوڙي ھوس ۽ رات جو ھڪ ليکڪ روز اڌ رات تائين ڪم ڪندو ھوس. ننڍي ھوندي مون تي ٽئگور، ڪيٽس ۽ شيلي جو ڪافي اثر ھو، منھنجون رچنائون بہ رومانٽڪ شئليءَ ڏانھن مائل ھيون. ڌنڌي ۾ بيحد مشغول ھوندي مان آسپاس جي زندگيءَ کان ڪٽيل ھوس، پر منھنجي اندر ۾ يادگيرين جا انبار ھئا. اھي يادگيريون سدا منھنجي اندر ۾ بار بڻجي رھيون، پھريان ئي ناول مون انھن يادگيرين کان مڪت ٿيڻ لاءِ لکيا. پين ۾ شانتينڪيتن ۽ ان عرصي ۾ ساري ڀارت جي ڪيل رٽنن جون يادگيريون ھيون ۽ ھڪ ۾ سنڌ جي ياد جنھنجو مون نالو ئي رکيو منھنجي منڙي سنڌ. اھو ناول سنڌي ۾ ڪافي مقبول ٿيو ۽ 1962 ۾ ڇپيل ناول ھاڻ وري 1991 ۾ سنڌ ۾ ڇپيو آھي ۽ ڪراچيءَ ۾ ھڪ وڏي ھال ۾ ان جو ادگھاٽن سماروہ ٿيو جنھن ۾ اُتي جي سٺن ليکڪن ۽ مکيہ راڄنيتي اڳوانن بہ ڀاڱہ ورتو. ٻئي بہ ناول ھند ۽ سنڌ ۾ ٻنھي ھند ڇپيا آھن، پر ھند ۾ وڌيڪ مقبول ٿيا آھن. ڪن جو الزام ھو تہ اھي سنڌين جي جيوت تي نہ لکيا ويا آھن، بينگال جي جيوت. پر اھي سنڌي جي انھن ٿورن ناولن مان آھن جن جا ڪجھہ ڇاپا نڪتا آھن، ڪاليج ۾ پاڙھيا ويا آھن، ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيا آھن، ۽ انھن مان ھڪ ناول تي ئي مونکي ساھتيہ اڪاڊمي اوارڊ مليو.

ڪي ڳالھيون ليکڪ جي اندر ۾ بوج بڻجي پيون پلبيون آھن ۽ ٻاھر نڪرڻ لاءِ واجھہ وجھنديون آھن. ھڪ دفعو ڪلاڪار انھن کي ڪنھن ماڌيم دواران اظھار ڏيندو آھي تہ انجو بوج گھٽجي ويندو آھي. ھنن ناولن لکڻ بعد منھنجو ڇڻ ليکڪ طور پراڻين يادگيرين سان ناتو ٽٽڻ لڳو. مان ٻيو ڪجھہ ڳولھڻ لڳس.

مونکي خبر نہ آھي تہ مان ڀاڻ کي ڏوہ ڏيان يا اھو سڀاويڪ آھي تہ اٽڪل چاليھہ سال مڌيہ پرديش ۾ رھڻ سان بہ مان ھن زمين

ماءُ ۽ ڌيءُ

رڪي پوني ۾ رهندي هئي. پنجيتاليهن جي عورت جا پنجٽيهن کان مٿي نہ لڳندي هئي. هميشه سينگار ڪيل هوندي هئي. سدا نون فيشن انوسار ڪپڙا، پُر سني ميڪ اپ، ڳالهائڻ ۽ منهن تي ڀاون کي ظاهر ڪرڻ جو نجو نمونو، اڳلي تي اثر وجهڻ ۾ ماهر هئي. هر ڳالهہ ۾ چاهہ وٺڻ جو ڏيکاءُ ڪندي هئي، پوءِ ڀل اها ڳالهہ ٻار جي ڏانوَ جي هجي، جوانن جي ڏانوَ جي، يا ٻڍن جي شونق جي. هن زندگي جئڻ تي چاهي،جنهن کان ڇڄي وڃڻ جو ڊپ سندس اندر ۾ هميشه لڪل نموني حاضر رهندو هو. ڪيس لڳندو هو تہ هوءَ شاه راه جو وڻ نہ، ڪنهن پيچري جو وڻ هئي ۽ ان پيچري کي شاهراه ۾ تبديل ڪرڻ تي چاهيو.

پوني ۾ مٿئين وچولي طبقي جي پاڙي ۾ سندس بنگلو هو. بنگلي اڳيان ننڍو باغيچو هو جنهن کي هن پنهنجو ڏيان ۽ وقت ڏيئي صاف ۽ سرسبز رکيو هو. بنگلو پراڻو هو پر ان ۾ هن زماني جا سڀ سکہ هئا. پنهنجي جواني سلامت رکڻ لاءِ رکيءَ باغ ۾ هڪ بئڊمنٽن ڪورٽ بہ ٺهرايو هو. اوڙي پاڙي جا جوان جوانڙيون، اڌير عمر وارا پاڻ کي سدا جوان سمجهڻ وارا مرد ۽ عورتون اُتي راند ڪندي من بهلائيندا هئا. چرچا گهبا ٿيندا هئا. ننڍيون پارٽيون ٿينديون هيون، جن ۾ آرٽڪ بوجو رکي عورتپڻي جي هوشياريءَ سان سيني تي مڙهيندي هئي، جڻ پنهنجي باغ ۽ بئڊمنٽن ڪورٽ جو خرچ هنن جي کيسن مان ڪڍندي هجي، پر هوءَ ڪنهن کي بہ ارهو ٿيڻ نہ

سنڌي اديب ۽ عام سنڌي هڪ ٻئي کان ايترو ته ڪٽيل آهيون جو اسين ڪين ادب جي آئيني ۾ ڪين سنڌن صحي چهرو ڏيکاري نه ٿا سگهون.

ويجهڙائيءَ ۾ مون جيڪي ڪهاڻيون لکيون آهن اهي سنڌين جي جيون تي آڌار تي آهن. اهي سپنا ٽٽي چڪا آهن جڏهين ليڪ هڪ وڏو ليڪ سمجهڻ جا سپنا ڏسندو آهي. اڄ سپنن ڏسڻ جو زمانو به نه رهيو. خود ساهتيه جو زندگيءَ کي موڙڻ جو اثر به گهٽجي ويو آهي. اندر ۾ ڪاتڙف آهي، هڪ پيڙا دائڪ درد آهي جو شخصي نه آهي. اکين ۾ هڪ خاليپڻو آهي ڇاڪاڻ ته سنڌين جي سيپتڪ آئينده جو ڪو تصور ڇٽو نه آهي.

باقي ٿورا سال بچيا آهن زندگي ۾ اگر مان انهن احساسن کي لفظن ۾ آڻي سگهيس جي سنڌ جي سار سان اندر ۾ اتپن ٿيندا آهن ته ائين پائيندس منهنجو ڏهاڪن جو لکڻ جو پورهيو سجايو ٿيو.

••••

ڪرشن کٽواڻي

(ڪلڪتي جي پارتيه پاشا پريشد وٽان ملبل اوارڊ وقت هنديءَ ۾ ڪيل تقرير جو سنڌي ترجمو)

سدا سنيون مارڪون کڻي ايندي هئي.

مونيڪا ٻئي سانچي جي جوڙيل هئي. چلولي ڪنهن به هڪ ڪم ۾ من لڳائي نہ سگهندي هئي. ڪتابن جي ويجهو نہ ويندي هئي. فلمن، خاص ڪري انگريزي رومانٽڪ ۽ هنسا ڀريل فلمن سان خاص چاهہ هوس. هوءَ صرف پنهنجو پاڻ بابت سوچيندي هئي ٻيو نرڪ وڃي يا سرڳ ان سان سندس ڪو پريوجن ڪونہ هو. چوڙيون، ماٽيون، ڪائيون ڀيئڻ جي شونقين. نئنا کان ٻيٽا ڪپڙا سبائيندي هئي تڏهين بہ نئنا جا نوان ڪپڙا پاڻ پهرين پراٽا ڪندي هئي ۽ نئنا کي وري وڏيڪ خوشي ٿيندي هئي تہ اهي ڪپڙا پهرين مونيڪا پاتا. ڀيڻ کي خوش ڏسي هوءَ ڀيڻ کان بہ وڏيڪ خوش ٿيندي هئي.

رڪيءَ کي پنهنجي جيون فيلسوفي هئي. گهر ۾ وندر ورهن لاءِ پارٽيون صرف پنهنجي وندر لاءِ نہ ڪندي هئي. سندس دور درشٽيءَ ۾ سدا اهو خيال رهندو هو تہ ائين هوءَ پنهنجي ڌيئرن کي بہ اتساهت ڪندي رهندي هئي تہ ڇوڪرن سان دوستي رکن، ڪين گهر اچڻ جي نيند ڏين. ڌيئرن جي دوستن ۽ ساهيڙين سان هو چرچا گهڻا ڪندي هئي، ڄڻ تہ هوءَ بہ سندس عمر جي آهي. هوءَ صبوح جو اخبارن ۾ ٿلهن اکرن ۾ آيل خبرون ان لاءِ پڙهندي هئي جيئن ٻين سان ڳالهيون ڪرڻ ويل انهن تي اثر وجهي سگهي. شهر ۾ آيل نئين فيشن بابت ڪيس ڌيئرن کان بہ وڌيڪ خبر هئي.

جڏهن مونيڪا ارڙهين سالن جي هئي ۽ اَنٽر ۾ پڙهندي هئي، شڪل صورت ۽ بدن جي بيهڪ مان ائين لڳندي هئي ڄڻ اسڪول ۾ پڙهندڙ ڇوڪري آهي، تڏهين هڪ سانجهي، هڪ ڇوڪري کي هٿ هٿ ۾ ڏيئي اچي ماءُ جي سامهون بيني. رڪيءَ ان ناهوڪي ڇوڪري کي پهريون دفعو ڏٺو هو. مونيڪا بنا واقفيت ڪرائيندي چيو : ”ممي، اِندر ۽ مون فيصلو ڪيو آهي تہ هن امتحان بعد اسين شادي ڪنداسين.“

رڪيءَ جي هٿن مان ڄڻ ڪجهہ ڪري پيو. هن پاٽڪي اهڙو مهتوَ ڏنو هو جو هوءَ سمجهندي هئي هن گهر ۾ هوا بہ سندس موڪل

ڏيندي هئي، هوءَ اهي سڀ ڪم اهڙي هوشياريءَ سان ڪندي هئي جو اڳلا سدا ائين ئي سمجهندا رهندا هئا ته هو رڪيءَ جي مهمانوازيءَ جو فائدو وٺي رهيا آهن.

رڪيءَ کي صرف هڪ غم هو. سندس مڙس سال ۾ صرف هڪ ڀيرو ڏيساور کان پوني ايندو هو ۽ هفتو ڏيڍ گذاري ائين غائب ٿي ويندو هو ڄڻ هيءُ ڪو پراڻو گهر هو. پر رڪيءَ جي مڙس گرڊر جي هيءَ عادت ته گذريل پندرهن سالن کان هئي. رڪيءَ هن کي ڏيساور جي زندگيءَ بابت ايتريون ته ڪهاڻيون ٻڌيون هيون جو هوءَ هاڻ حقيقت ۽ افواه ۾ فرق ڳولهي ئي نه سگهندي هئي. پهرئين سالن ۾ هوءَ بيحد اڪيلائي محسوس ڪندي هئي، پر انسان جو من به شايد پاڻيءَ جيان آهي جو پنهنجي راه ڳولهڻ ۾ پڙ هوندو آهي. رڪي به ڌيري ڌيري پاڻ هيري ورتو ۽ پنهنجي زندگيءَ جو ڪاروبار اهڙي نموني هلائڻ لڳي، جنهن ۾ مڙس جي موجودگيءَ جي گنجائش ئي نه هجي هن ايترو اوس خيال رکيو ته مڙس وٽان ڪيس پئسو ضرورت کان وڌيڪ ملندو رهي. جاءِ به پنهنجي نالي ڪرائي ڇڏي. ڪافي جواهرات وٺي لاڪر ۾ رکي ڇڏيائين ۽ بي فڪريءَ ۾ پنهنجي زندگ ي جئڻ لڳي.

رڪيءَ کي به ڌيئر هيون. وڏي نئنا، ننڍي مونيڪا، جنهن کي سڀ موني سڏيندا هئا. ٻنهي جي عمر ۾ ٻن سالن جو فرق هو. رڪيءَ من ئي من نشچو ڪيو هو ته هنن ٻنهي ڌيئرن کي پاڻ جهڙو بڻائيندي. پر شايد شڪل صورت، قدبت، سان گڏ، انسان سڀاءُ به پنهنجي نرڙ تي لکائي ڦو اچي، جنهنڪري هڪ ئي گهر ۾ رهندڙ به ڀينر هڪ ٻئي جي بلڪل ابتڙ هيون نئنا ٻين جو خيال رکندي هئي، ڪم سوچي سمجهي ڪندي هي، ڪيس ڪڏهين ڪڏهين ماءُ تي ترس ايندو هو، جنهنجو مڙس دور ديس ۾ هو. ڪيس پيءُ جي به ڪڏهين ڪڏهين ياد ايندي هئي. ڪيس ڪڏهين پيءُ تي غصو ايندو هو ڪڏهين ترس، ڪڏهين سانت ئي سانت ۾ دور نهاريندي رهندي هئي، بنا سوچڻ جي بنا ڪجهه سمجهڻ. جي پڙهڻ ۾ هوشيار هئي،

جي ڳالهه ڪندي هئي ته نئنا بنا سوچ ويچار جي جواب ڏيندي هئي: ممي مان شادي نه ڪنديس. پلاتون هيڏي گهر ۾ اڪيلي ڪيئن رهندينءَ؟

ڏسو، ڪهڙيون ٿي ٻاراڻيون ڳالهيون ڪري. اڪيلي هونديس ته مونکي ڪير کائي ويندو ڇا؟ باباڄ پنهنجو ڇوڪرو ڳولهه. يا مونکي موڪل ڏي ته تو لاءِ وَر ڳولهيان.

رڪيءَ جي دماغ مان اها ڳالهه ڪڏهين به ويئي ڪانه هئي ته سندس پئسي جي ڪشش تي گهڻيئي ڇوڪرا ڇڪجي ايندا. ۽ اها ڳالهه غلط به نه هئي. گهڻيئي ڇوڪرا نئنا سان دوستي رکڻ لاءِ آتا هوندا هئا. ۽ ائين به نه هو نئنا جي اندر ۾ سدا اها تمنا لڪل نموني حاضر هئي ته سٺيءَ شخصيت وارو شخص سندس زندگيءَ ۾ اچي جنهن سان گڏ هوءَ پنهنجو ننڍڙو گهر وسائي.

سريش پهريون ڇوڪرو هو جو نئنا جي ويجهو آيو. ڊگهو قد، وڻندڙ شخصيت. مونيڪا ڇوڪرن سان ٻاهر گهمڻ پسند ڪندي هئي. نئنا کي اهو نمونو نه آئڙيو، هوءَ سريش کي گهر وٺي ايندي هئي. رکي سريش جي سٺي خاطرداري ڪندي هئي. هن لاءِ خاص شيون ٺاهيندي. سڀ ڪم ڇڏي سندس سامهون اچي وهندي ۽ ائين ڳالهيون ڪندي ڄڻ سريش نئنا جو مزمان نه، سندس مزمان آهي. سندس ڳالهيون ٻڌي نئنا بور ٿيندي هئي ته هوءَ محسوس ڪرڻ لڳي ته هيءُ سريش ٻڌو آهي، ۽ ڏيري ڏيري سندن رشتو ختم ٿي ويو.

منيش سندن پاڙيسري هو. هو ۽ سندس پاڇائي بئدمنٽن راند ڪندا هئا. پڙهڻ ڇڏي هو پيءُ ۽ ڀاءُ جي بزنيس ۾ گهڙيو هو. نئنا کي هو خراب نه لڳو. پر رڪيءَ کي هو ڏاڍو پسند هو. هوءَ نئنا کي همٿائڻ لڳي ته هوءَ منيش جي ويجهو اچي. منيش چرچن ڪرڻ ۾ ماهر هو. هو ٻين کي به کلائيندو ۽ پاڻ به کلندو. پر ٿورن ڏينهن ۾ نئنا محسوس ڪرڻ لڳي ته منيش کي ڪانئوس وڌيڪ سندس ماءُ جي ڪمپني پسند هئي. جنهن نموني هو رڪيءَ جي هرڪا ڳالهه رکندو هو تنهن مان اهو به صاف نظر ايندو هو ته سندس رڪيءَ جي پئسن

بنا نہ گھرندي. ڪيس لڳو ھن دنيا ۾ سندس ضرورت گھٽجي ويئي. جڻ ھوءَ چامڙي بڻجي ويئي ۽ ٽنگ جيڏي مونيڪا ڪانئس ڊگھي ٿي ويئي.

جڏھين مونيڪا اِندر کي در تائين ڇڏي آئي تہ رڪيءَ ڏيءَ کي سمجھائيندي چيو : ايتري تڪڙ ڪھڙي آھي؟ پنھنجيءَ وڏيءَ ڀيڻ جو بہ سوچ. ھن لاءِ بہ ڇوڪرو ملي وڃي تہ توھان ٻنھي جي ڏاڍي ڌام ڌوم سان گڏ شاديون ڪنديس.

پر مونيڪا جيڪو فيصلو ڪري ان تان ڪيس ڪير لاھي. ھن ماءُ جي ڳالھہ جھڙي ٻڌي تھڙي ڪانہ. سوچڻ تہ ھوءَ سکي ڪانہ ھئي. ڇوڪرن نما وارن کي ھن جھٽڪو ڏنو، چيائين : اڄ ھر انسان کي پاڻ بابت سوچڻو پوندو آھي. ٻين بابت سوچڻ مورڪتائي آھي. نئنا پنھنجو ڇوڪرو پاڻ ڳولھيندي. مان انھن جھنجھٽن ۾ ڇو پوان. ٻڌي ڇڏ، منھنجو نشچو آخرين آھي.

ماءُ کي ڌيءُ جي سياءَ جي خبر ھئي. ھوءَ اندر ئي اندر تہ خوش ھئي، ۽ ڌيءَ لاءِ فخر بہ محسوس ڪيو ھئائين جنھن اوکو ڪم سولو ڪري ڇڏيو ھو. نئنا بہ ائين ڪنھن ڇوڪري کي ھٿ سان پڪڙي اچي سامھو بھي ھا تہ ھوءَ من تان ھڪ بوجو لٿل محسوس ڪري ھان. نئنا جي شاديءَ جو بھانو بہ ھڪ سوچيل دليل ئي ھو، سچ تہ سندس اھم کي ضرب آئي ھئي جو ھن چاتو تہ ھن ڪٽنب ۾ سندس اھميت گھٽجي ويئي ھئي.

امتحانن بعد مونيڪا ۽ اندر جي شادي ٿي ويئي. رڪيءَ جو گھوٽ پاڻ سان ڪئين سوکڙيون کڻي آيو ھو. پر سيني کان وڌيڪ خوشي ٿي نئنا کي.

مونيڪا جي وڃڻ بعد گھر ۾ وقت جڻ تڪڙو ھلڻ لڳو. رڪي سدا ان گھڙيءَ لاءِ نھاريندي ھئي جڏھين نئنا بہ ڪنھن ڇوڪري جي ھٿ ۾ ھٿ ملائي سندس سامھون اچي بھندي ۽ چوندي: ممي، گڏج منھنجي فيوچر ھسبنڊ سان.

پر اھڙو ڪجھہ نہ ٿيو. رڪي جڏھين بہ نئنا سان سندس شاديءَ

پليٽن مان ڪيس لڳو تہ هو چڱيءَ دير ڪان ات وينو آهي. نئنا چيو هوءَ هٿ منهن ڌوئي واپس اچي ٿي. پنهنجي ڪمري ۾ پهچي نئنا پنيان نهاريو. هن سمجهيو هو تہ ديپڪ بہ سندس پنيان سندس ڪمري ۾ ايندو. پر اهڙو ڪجهہ نہ ٿيو. هو رڪيءَ سان ڳالهين ۾ ائين مشغول هو جڻ ڪانئس وسري ويو تہ نئنا گهر ۾ واپس آئي هئي. نئنا ڳلي ۾ ڪجهہ اٽڪندو محسوس ڪيو. ڪيس لڳو سندس اکيون آليون ٿي وييون آهن هٿ منهن ڌوئڻ، ڪپڙا بدلائڻ بدران هن پاڻکي هنڌ مٿان اُڇلي ڏنو، منهن وهاڻي ۾ لڪائي پنهنجن لڙڪن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندي رهي.

گهڻيءَ دير بعد ديپڪ ۽ رڪيءَ کي خيال آيو تہ نئنا واپس ڪانہ آئي هئي. هو سندس ڪمري ۾ آيا. نئنا جا سڏڪا مانا ٿي ويا هئا. لڙڪ سندس ڳلن تي ڄمي ٽانڊا بڻجي ويا هئا. اونده ۾ نئنا پنهنجي آواز کي سياويڪ بڻائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو : ”ممي، مونکي مٿي ۾ ڏاڍو سور آهي.“

چڱو پٽ، تون آرام ڪر، اسين توکي ڊسٽرب نہ ڪنداسين.

نئنا ديپڪ سان ڳالهايو بہ نہ. ديپڪ سهج سڀاءَ چيو : نئنا سڀاڻي ڪاليج گڏجنداسين.

هو وري ڊرائنگ روم ۾ هليا ويا. نئنا جا ڪن ڪيتري دير ڊرائنگ روم مان ايندڙ سندن آواز ٻڌندا رهيا. ان بعد ديپڪ شايد هليو ويو ۽ گهر شانت ٿي ويو.

صبوح جو نوڪرياڻي بہ دفعا نئنا جي ڪمري مان ٿي آئي پر نئنا اجا ڪانہ اُٿي هئي. نئنا جي ڪاليج جو وقت ٿي رهيو هو. رڪي نئنا جي ڪمري ۾ ويئي، پيار مان سڏ ڪيائين نئنا پٽ اُٿ، تنهنجي ڪاليج جو وقت ٿي ويو آهي.

نئنا ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. سندس اکيون بوٽيل هيون. رڪيءَ پنهنجو هٿ نئنا جي نرڙ تي رکيو. هوءَ ڊڄي ويئي. نرڙ برف جيان ٿڌو هو.

ڊاڪٽر منهن گنڀير بڻائي چيو : نہ، ڪابہ اُميد نہ آهي. آءٌ ائم

تي به اڪ هئي. نئنا خوشامند ڪرڻ تي هريل نه هئي. هوءَ اندر ٻاهر هڪڙي هئي، اهائي منجهس وڏي ۾ وڏي ڪمي هئي. پر رڪيءَ ڪان ته ڪئين خوشامند ڪرڻ سڪي. سندس هر لفظ، هر پاءَ ۾ شيريني پريل هوندي هئي. اڱلي جي ساراهه ڪري پل ۾ هنڪي پنهنجو ٻڻائي ڇڏيندي هئي، پوءِ پل هوءَ اندر ۾ اڱلي کي ڌڪاريندي هجي.

نئنا منيش کي ڌڪارڻ لڳي. سندس چرچا ڪيس ڪوڪلا پاسڻ لڳا. سوچيندي هئي هيءُ کهڙو مرد جو ڏنڊو ڇڏي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيڪار، بنا مقصد، ڳالهيون ڪندو رهي. جڏهين ديپڪ نئنا جي ويجهو آيو ته نئنا اها ڪوشش ڪرڻ لڳي ته هو سندس ماءُ جي ويجهو نه اچي. هو صرف سندس رهي، صرف سندس. نئنا کي ٿورو بخار تي پيو هو ۽ هوءَ به ٽي ڏينهن ڪاليج نه ويئي. ديپڪ ڪيس ڏسڻ سندس گهر آيو.

نئنا بدن ۾ هيٺي هئي، هوءَ پورو ڳالهائي به نه ٿي سگهي. ڪجهه وقت بعد رڪي ديپڪ ڊرائنگ روم ۾ وچي وينا ۽ عجب ته ٿورين گهڙين ۾ ئي رڪيءَ ديپڪ کي پنهنجو ٻڻائي ڇڏيو. هن ديپڪ کي مانيءَ لاءِ ترسايو، نوڪر ڪان خاص شيون ٺهرايائين ۽ جڏهين نئنا اڌوري موڊ ۾ پنهنجي هنڌ جي حوالي هئي، هو ڊرائنگ روم ۾ ڳالهيون ڪندا رهيا.

ان بعد جڏهين به ديپڪ نئنا سان گڏجندو هو ته هو سندس ماءُ جي ساراهه ڪندو هو. نئنا ٻئي ڪنهن ڪان ماءُ جي ساراهه ٻڌي ڏاڍو خوش ٿئي ها، پر ديپڪ ڪان اها ساراهه ٻڌي ڪيس ايرشا ٿيڻ لڳي. ڪيس خبر ئي ڪانه پيئي هئي ته اندر ئي اندر ۾ سندس ماءُ ڏانهن رخ بدلجندو رهيو هو. پيءُ جي غيرحاضريءَ ۾ سندس ماءُ ۾ موه اُتي هو. هوءَ سوچيندي هئي هن بدنصيب عورت سان همدردي ڪرڻ سندس فرض آهي. پر رڪيءَ ڪڏهين به پاڻکي بدنصيب نه سمجهيو هو. هن زندگي ماڻڻ تي چاهي ۽ ماڻي رهي هئي.

هڪ سانجهيءَ نئنا ڪنهن ساهيڙيءَ وٽان گهر جي دروازي ۾ پير رکيو ته ڪيس ديپڪ جا ڪليل ٽهڪ ٻڌڻ ۾ آيا. ميز تي خالي ڪوپ

سياري جو هڪ ڏينهن

- ننڍوءِ ماءُ
- اڇهو آيس
- اڄ ٿڌ وڌيڪ آهي.
- لڳي ٿو هيءَ سيارو سخت ٿيندو.
- ڪالهه صبوح جو پنڌ ڪرڻ ويو هوس ته سيءَ ڏڪائي رهيو هو. لڳي ٿو سويٽر ۾ ننڍڙا تنگ ٿي پيا آهن. ٿڌي هوا رستا ڳولهي وٺندي آهي.
- توهان وٽ ٻيو سيوٽر به ته ڪونهي.
- خيال اچيم ٿو هڪ شال پيتيءَ ۾ پيئي هئي. شال سويٽر مٿان اوڙهيندس ته بچاءُ ٿي پوندو. اڄ ته ڪالهه کان به ٿڌ وڌيڪ آهي.
- اڄ ڪٿي پنڌ ڪرڻ نه وڃو. منجهند جو اها پيتي کوليندا سين.
- توکي ته خبر آهي ته مان صبوح جو پنڌ نه ڪندو آهيان ته سڄو ڏينهن بدن سست سست لڳندو آهي. کاڌو به هضم ڪري نه سگهندو آهيان، ڪاڪوس ۾ وڃڻ ويل به ڏاڍي تڪليف محسوس ٿيندي آهي.
- اهو به سچ آهي.
- ته پوءِ به ڪوپ چانهه جا ڏاهي وٽ. چانهه پيءَ پيتي کوليندا سين
- ڪيترا نه اجايا ڪپڙا ميڙي رکيا اٿيئي.
- اهي نه ميڙيان ها ته اڄ شال ڪم نه اچي ها.
- سچ ٿي چئين، ڪڏهن ٿڌ پوندي، ڪنهنکي کهڙي خبر.

ساري، مان ڪجهه به ڪري نه ٿو سگهان.

رڪيءَ خالي اکين سان ڏيءُ ڏي نهاري رهي هئي.

ڊاڪٽر پنهنجي واچ ڏانهن نهاريندي چيو : هن ڪجهه ڪاڏو آهي.

نوڪرياڻي دوائن واري ڪٻٽ مان هڪ خالي شيشي کڻي آئي.

ڊاڪٽر رڪيءَ ڏانهن نهاريو. سندس اکيون پڇي رهيون هيون : ڇا گهر ۾ ڪجهه ٿيو هو؟

رڪي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. سندس دماغ چئي رهيو هو ته ڪجهه به ته ڪونه ٿيو هو، ڪجهه به ته ڪونه ٿيو هو.

••••

- ياد اچي ويو. لڳي پيو ڄڻ اڳئين جنم جي ڳالهه آهي. عجب پيو لڳيم ته هيءَ سويٽر مون پنهنجن هٿن سان مڙهيو هو. اهو ڪهڙو نه سنو زمانو هو. هيءَ سويٽر مڙهيندي مان سپنن ۾ ڪوهجي ويندي هيس. تڏهين نندو منهنجي پيٽ ۾ هو. سڀ ڪجهه ڪيترو سنو ۽ خوشي ڀريل لڳندو هو. توهان اڃا تڏهين نوڪريءَ ۾ گهڙيل هئا. توهانجي ڀهرينءَ پگهار مان مون هيءَ پشم ورتي هئي.
- مون ته اهو سويٽر اڳه نه ڏٺو هو.
- مان لڪي لڪي مڙهندي هيس. بين اڳيان مڙهڻ ۾ شرم ايندو هو. اهي ڏينهن ئي اهڙا هئا. سدا بين جوئي سوچبو هو، پنهنجو نه.
- ته هيءَ سويٽر نندؤ جو آهي. پر مون ته هنجي بدن تي ڪڏهين به ڪونه ڏٺو. ننڍي هوندي هو ڏاڍو رئٽو هوندو هو. مان روز شام جو هنکي گهمائڻ وٺي ويندو هوس، ٺڪل هوندي به. سياري ۾ به پيرو نه پڳو هو.
- ها، توهانجي ته اکين جو هو تارو هوندو هو. رات جو هو رئندو هو ته هنکي چاتيءَ لائي سڄي سڄي رات ڪمري ۾ ڦيرا پائيندا رهندا هئا.
- پر مون نند جي بدن تي هيءَ سويٽر ته ڪڏهين ڪونه ڏٺو.
- هو ڪجهه ٿلهيرو ڄائو هو. هو منهنجو ڀهريون ٻار هو. مونکي ڪهڙي خبر ته ٻار ايترا ٿلها به ڄمندا آهن. هيءَ سويٽر ڪيس سوڙهو ٿي پيو هو، توهان بزار مان هن لاءِ ٻيو سويٽر ڳنهي آيا هئا.
- وقت ڪترو جلد گذريو وڃي. اڄ هو خود ٻن ٻارن جو پيءُ آهي. مونکي اهو نند ياد ٿو اچي جڏهين مان صبوح جو پنڌ ڪرڻ ويندو هوس ۽ ڪيس ساڻ وٺي ويندو هوس. هو، پنڌ ڪرڻ بدران ٻڪون پائيندو هو ۽ ٻڪون، پائيندي ڏڪا کائيندو هو ۽ پوءِ رئندو هو. مان ڪيس هنج ۾ کڻي پرچائيندو هوس.

- انسان کي آئينده جو سوچڻ گهرجي ۽ تڏ کان اڳ ئي بندوبست ڪرڻ گهرجي.
- هاڻ تيون اِهي ڳالهيون ياد اچنوَ. پر سال ئي توهانکي چيو هو ۽ اهو سويٽر پراڻو ٿي ويو آهي. ٻيو وٺي ڇڏيو.
- مون سوچيو هو، هڪ ٻيو سال ٻه نڪري ويندو. ٻڍاپي ۾ هر نئين شيءِ وٺڻ کان اڳ ٻه دفعا سوچڻو آهي ۽ ڪنهنکي خبر هئي هن سال هيتري ٿڌ پوندي. اڙي ڏس، اها شال ته نه آهي، مونکان ته رنگ ٻه وسري ويو آهي.
- توهان ته سڀ وساري ڇڏيندا آهيو. اهوئي ته رنگ هو. اها ئي ته شال آهي.
- نئين پيئي لڳي. ڪم هلي ويندو.
- کولي ڏسو. مونکي ته ياد ٿو پوي ته اڳئين سال جڏهن ويڙهي اندر رکي هئيسين ته ننڍڙا ننڍڙا ٽنگ پئجي رهيا هئا.
- ڏسان. ڏس، کولي اتم، بدن تي وجهي ڏسان.
- مونکي ته هتان ئي ننڍڙا ٽنگ ڏسجي رهيا آهن.
- سڄي شال ٽڪي پيئي آهي.
- پر هن گهاٽي رنگ ۾ اهي ننڍڙا ٽنگ ڏسڻ ۾ ٿورو ئي ايندا. تون ويجهي ويني آهين انڪري ڏسي سگهين ٿي. پريان ڪير ٻه ڏسي نه سگهندو.
- توهان شال ڏيکارڻ لاءِ پائي رهيا آهيو يا ٿڌيءَ هوا کان بچڻ لاءِ. هوا ته انهن کان ٻه ننڍن ٽنگن مان لنگهي ويندي.
- سچ ٿي چئين. ڏس، پيتيءَ ۾ ٻيو ڪو ڪپڙو ته نه آهي.
- ڏسان.
- هو ڏس چا آهي. سويٽر جيان پيو لڳي.
- اڙي، هيءَ ته ٻار جو سويٽر آهي. هيءَ هتي ڪٿان آيو؟
- ايڏو ننڍو سويٽر. ڪنهنجو هوندو؟
- ياد ڪريان.
- لڳي ٻه نئون پيو. چڻ ڪنهن پاتوئي ڪونهي.

- ۽ هاڻ اسان وٽ ڪجهہ بہ نہ آهي. نئون بنگلو ٺهرايو اٿائون ۽ اسين پراڻيءَ مسواڙي جاءِ ۾ رهيا پيا آهيون. هر مهني مني آرڊر موڪلين جنهن مان گذر ٿئي. ڪڏهين ڪنهن شيءِ تي دل ٿئي تہ اها بہ نہ وٺي سگهجي.
- اڙي تون روئي رهي آهين. تون ئي تہ چوندي آهين تہ ٻار خوش تہ اسين اڳيئي خوش.
- ڪڏهين ڪڏهين مان اڪيلائي ۾ سچ پچ رئڻ لڳندي آهيان. توهان نند جو ڪيڏو خيال رکندا هئا. بنا گهرڻ جي پنهنجون سڀ سٺيون شيون ڪڍي هنڪي ڏيئي ڇڏيندا هئا...
- اوه، ڪير وٺي اچڻ جو وقت ٿي ويو آهي، پيتي بند ڪريون، اچ تہ بجليءَ جو بل بہ پرڻو آهي... اچ سويل پرو نڪرندس ۽ سڀ ڪم نپٽائي ايندس.
- نند ڪي فون ڪجو تہ هن پيري پئسا وڌيڪ موڪلي، توهانکي سويٽر جو ضرورت آهي.

(شام)

- توهان ڪيتري دير لڳائي ڇڏي. منهنجو تہ ساهہ مٺ ۾ ڪري ڇڏيوَ. صبوح جو نڪتا آهيو، سانجهيءَ جو وريا آهيون.
- اڳي بہ تہ سڄو ڏينهن ڪم تي ويندو هوس.
- اهي ڏينهن ٻيا هئا. مان جوان هيس، گهر ۾ ٻار هئا.
- اوه چانهہ ٺاهي وٺ، مان ٿڪجي پيو آهيان. (پنهنجو پاڻ ڪي) اڳي ايترو ٿڪ ڪٿي ٿيندو هو. بدن ۾ هاڻ ست ئي نہ رهيو آهي. هيءَ آرام ڪرسي بہ ڪيتري پراڻي ٿي وئي آهي. ليٽڻ سان بير جون ڪنڊون پٺيءَ ۾ چنبڻ لڳيون آهن. سچ تہ هن گهر ۾ سڀ پراڻو ٿي ويو آهي، اسين بہ، سامان بہ،
- پهرين هيءَ پاپڙ ڪائي پاڻي پيو. چانهہ بہ تيار ٿي وئي آهي.
- سور لاءِ ڪا گوري هجي تہ اها بہ ڪٽي اچ.
- توهان بہ ٻي ڏينهن آرام ڪريو. ڪيڏانهن بہ ٻاهر نہ نڪرجو.
- هون....

- پر وقت ايترو جلد ڪٽي گذريو آهي. ڏسو ڪونہ ٿا اسين پيدا ٿي ويا آهيون.
- ڇا نند کي اهي ڏينهن ياد هوندا؟
- هنکي اهي ڏينهن ياد ڪيئن ايندا. ڪيس پنهنجا ٻار آهن.
- تون بہ ڏاڏو سارينديي آهين انهن ٻارن کي.
- مان سچ پچ ڏاڏو ياد ڪندي آهيان انهن کي. جڏهين توهان گهر ۾ نہ هوندا آهيو، جڏهين مان گهر ۾ اڪيلي هوندي آهيان تہ من ۾ ايندو آهي انهن ٻارن کي وٺي اچان ۽ ڪين هتي ئي رهايان.
- پر تنهنجي نهن توکي موڪل نہ ڏيندي. چوندي تون ٻارن کي ڪاري ڇڏيندين ۽.
- هوءِ ٻارن کي نوڪرن وٽ ڇڏي ويندي، پر مون وٽ نہ موڪليندي، ڇڻ اسان ٻار پاليائي ڪونہ.
- ٿي سگهي ٿو، هوءِ صحيح هجي. انسان بہ هڪ وڻ جيان آهي. پهرين هو اسرندي وڏو ٿيندو آهي. جڏهين وڏي وڏو ٿيندو آهي تہ پئي طرف موت ڪائيندو آهي. سندس هر عضوو ڪمزور ٿيڻ لڳندو آهي ۽ هڪ ڏينهن...... اڄ گهٽيئي ڏينهن ٿيان آهن جو نند ۽ ڪملا اسان وٽ نہ آيا آهن.
- ڏينهن پوءِ ڏينهن اهو وچ وارو عرصو وڌندو ٿو وڃي. پهرين هو هفتي هفتي ايندا هئا، پوءِ مهني مهني، هاڻ تہ ئي مهنا گذريو وڃن. ۽ ڪين ڪار بہ اهي.
- توهان ئي تہ اها ڪار ورتي هئي ۽ ان ۾ چڙهيا بہ ڪونہ. هڪ هڪ ڪري سڀ شيون هنن کي ڏيندا ويا.
- تو بہ تہ ائين ڪيو. گهر جون ڪنجون بہ تہ ننهن کي ڏيئي ڇڏيہ.
- ۽ توهان سالن جي محنت سان پنهنجو ڇمايل ڏنڊو هنکي ڏيئي ڇڏيو. ۽ هاڻ هو ائين سمجهندو آهي تہ توهانجو انتي ڪو حق نہ آهي.
- انسان پنهنجي ٻارن لاءِ ئي تہ محنت ڪندو آهي.

کهڙي ضرورت هئي. مان کهڙو ٿي ٻاهر نڪران. (پنهنجي بدن تي شال رکي ڏسي ٿي) ڪيئن ٿي لڳي؟

- تمام سٺي. هن سال سيارو ٿڌو ٿيندو. توکي شال کٽي هئي؟
- پر توهان پڌايو ڪونہ، هو سڀ ڪيئن هئا.
- ڪير؟
- نندو ۽ سندس ٻار توهان گهر ويا هئا يا فيڪٽريءَ تي؟
- مان اوڏانهن ڪونہ ويو هوس.
- تہ فون ڪيوَ. نندوءَ ماڻهوءَ هٿ توهانکي پئسا موڪلي ڏنا؟
- مون فون ڪونہ ڪيو.
- توهان فون ڪونہ ڪيو. تہ هيءَ سڀ ڪيئن وٺي آيا؟ اوڌر تي؟
- مان رامچند وٽ ويو هوس.
- رامچند. ڪهڙو رامچند؟
- رامچند جنهن مون وٽ، منهنجي ڪارخاني تي ويهہ سال ڪم ڪيو هو. هاڻ خود هنکي وڏو ڪارخانو آهي. اسانجي ڪارخاني کان بہ وڏو.
- هن وٽ ڇو ويا هئا؟
- ويچارو پيري پئي گڏيو. ايتري عزت ۽ حب ڏنائين جو من پرچي آيو. نندؤ ماءُ، ڪڏهين ڪڏهين مونکي لڳندو آهي تہ پنهنجو يا پرائو رت سان ڪونہ ٿيندو آهي. هن انسان ۾ الائي ڪهڙي شيءَ آهي جا ڪيس پنهنجو بڻائي ٿي يا ڏاريو. مان رامچند کي اٺن سالن کان ڪونہ گڏيو هوس، پر جڏهين مونکي ڏٺائين تہ سڀ ڪم ڇڏي اُٿي آيو ۽ اچي مونکي پيري پيو، سڀني گراهڪن ۽ نوڪرن جي سامهون مون بہ تہ ڪيس پيار ڏنو هو. ويهن سالن تائين ڪيس پٽ جيان پاليو هو.
- مون اجا بہ ڪجهہ نہ سمجهيو.
- نندؤ ماءُ، انسان جي اندر ۾ الائي ڪهڙو اهنڪار آهي. انسان جانور جيان چئن پيرن تي هلي نہ سگهندو آهي. هو ٿورو ئي هيٺ جهڪي سگهندو آهي، گهڻو نہ. مان نند کي فون ڪري نہ

- چانهه ۾ کنڊ گهٽ آهي.
- ڊاڪٽر ڪونه توهانکي چيو هو ته توهانکي هاڻ کنڊ ۽ لوڻ گهٽ کائڻ کپن.
- پر تون پنهنجي چانهه مني ناهيندي آهين.
- عورت جي ڳالهه ٻي آهي. منهنجي زندگيءَ جو کهڙو ملهه آهي.
- ائين نه چئه.تو بنا مان هڪڙو ڏينهن به گهاري نه سگهندس.
- مان توهان لاءِ ته جيان پيئي، هونءَ هاڻ منهنجو زندگيءَ ۾ ڪو موهه نه رهيو آهي. (ترسي) هيءَ ڇا جو پئڪيٽ آهي؟ مون ته ڏنو ئي ڪونه. ڇا آندو اٿوَ؟
- ها هيءَ کوپ وٺ. (پئڪيٽ کٽي) سويٽر آهي. بزار مان ورتي آيس.
- (خوشيءَ ڀريل آواز ۾) ته توهان سويٽر وٺي به آيا. مونکي ڏيکاريو به ڪونه! کهڙو رنگ آهي؟ (پئڪيٽ هٿن ۾ وٺي ۽ کوليندي) ته نند توهان کي پئسان موڪلي به ڏنا. يا پاڻ ڏيئي ويو. يا توهان ته اوڏانهن ڪونه ويا هئا؟ ڪيئن هئا هو سڀ؟ نيٽ به آندو آهن. اکين سامهون صورت اچڻ سان ئي من تڙپيو وڃي. پر توهان ايترو اداس ڇو آهيو، طبيعت ته ٺيڪ اٿوَ؟ (سويٽر کولي ڏسندي) سٺو آهي. رنگ به وڻندڙ، گرم به آهي. گهڻي مليوَ؟
- چار سؤ روپئي.
- سٺو آهي. توهانکي هيءَ رنگ نندي هوندي ڪان وڻندو هو. ۽ توهانجي بدن ته سهندو به آهي.
- تو هيءَ پئڪيٽ ڪونه ڏٺو.
- هن ۾ وري ڇا آهي؟
- کولي ڏس.
- اڙي شال. هيءَ ته زناني شال آهي. ڪنهنجي لاءِ وٺي آيا؟
- تنهنجي لاءِ. نندؤ ماءُ، مون ڪيترن سالن کان توکي ڪجهه وٺي ڪونه ڏنو آهي.
- (منهن تي خوشي پر ٻاهران ناراضپو ڏيکاريندي) مونکي شال جي

پنهنجا پراوا

جين پڇيو : ڪنهنجو خط آهي؟

ادا جو. نارائڻ وراڻيو. سنڌيءَ ۾ لکيل آهي.

ڇا لکيو اٿائين؟

بابا هن دنيا ۾ نہ رهيا.

جين ڇرڪ پريو. بي خياليءَ ۾ هوءَ اُٿي بيني، پوءِ پاڻ سنڀالي وري صوفا تي ويهي رهي. پڇيائين : قضيو ڪڏهين ٿيو؟

ٻين تاريخ. نارائڻ وراڻو.

ٽيويهن تاريخ آهي. ٽي هفتا گذري ويا. هو فون ڪري ٿي سگهيا، يا تار ڪن ها.

نارائڻ سوچيو، فون ڪرڻ تي پئسا لڳندو آهن ۽ تار بہ خط کان گهڻي مهانگي آهي. زال کي چيائين : اسان مان ڪير وڃي تہ نہ سگهي ها. سوچيو هوندائين، دير پوڻ سان بہ ڪو فرق نہ پوندو.

جين سوچيو، ڇا ڪوبہ فرق ڪونہ هو. هن تہ پنهنجي سهري کي ڏٺو بہ نہ هو. هن بابت ڄاڻ بہ تمام ٿوري هيس. پر تڏهين بہ هوءَ دهلجي ويئي هئي. هن پاڻ کان پڇيو : ڇا پيءُ جي موت جو نارائڻ تي ڪو مانسڪ دٻاءُ نہ پوندو؟ هن ٻڌو هو ڀارت ۾ رت جا ناتا تمام سبل ٿيندا آهن.

خط ۾ ٻيو ڇا لکيو اٿائين؟ جين پڇيو.

ڪجهہ خاص نہ. نارائڻ ڪوڙ ڳالهايو. سندس ڀاءُ ٻئي ڳالهيون بہ لکيو هيون. نارائڻ جين کي صرف ايترو ٻڌايو تہ هو ننڊ ۾ ئي

سگهيس. پبلڪ فون تي مون ٻه دفعا رسيور کنيو، فون ڪرڻ لاءِ، پر وري رکي ڇڏيم، مان فون ڪري نه سگهيس.

مان گهر واپس اچي رهيو هوس جو رستي تي رامچند جي آفيس ڏٺم. دل الائي ڇو کهڙي ڇڪ ڏني، هنگي گڏجڻ لاءِ آفيس ۾ اندر هليو ويس. ڇانهه پئندي مونکي الائي ڇا ٿيو، مان پڇي ويٺس.

رام، ڪٿي ڪا پارٽ ٽائيم نوڪري ملندي؟ هن عجب مان مون ڏانهن نهاريو پر پوءِ بنا ٻڌائڻ جي سڀ سمجهي ويو. مونکي هزار روپيه ائڊوانس ڏنائين. سڀاڻي کان مان اڌ ڏينهن لاءِ ڪم تي ويندس. اڙي تون هيئن پيلي ڇو ٿي ويئين؟ توکي ڇا ٿيو؟ - توهان هيءَ سٺو نه ڪيو. جڏهين ننڍو ٻڌندو ڪيترو ڏکي ٿيندو.

••••

وڃجاءِ جلد موٽي اچڄ. مان تنهنجو انتظار ڪنديس.

جين اُٿي، رنڌڻي ۾ وڃي فرج کوليائين، جگ مان گلاس ۾ کير اوتڻ لڳي تون کير پئندين؟ جين پڇيو.

نہ.

نارائڻ اُٿيو. ڪيس ڳنجي ۾ نڪر پيئي هئي. ٻاهر کلندڙ دروازي جي پر مان شيلف کولي بوٽ ڪڍي، ويهي پاتائين. در کولي ٻاهر وڃڻ لڳو تہ رنڌڻي مان جين جو آواز آيو: پنهنجي سنڀال ڪڄ.

ٻاهر اچڻ سان ٺڌيري وٺندڙ هوا نارائڻ جي بدن کي ڇهيو. نارائڻ کي اهو ڇهاءُ وڻيو. هن چوطرف نهاريو. آڪاس ۾ چنڊ بيٺو هو. نارائڻ کي ياد نہ هو تہ اهي چانڊوڪيون راتيون هيون، جئين جيون جون سوکيم ڳالهيون انسان کي ياد نہ رهنديون آهن. اونهاري جي صاف سٿري وٺندڙ ڏوتل رات. چنڊ رستي جي ٻنهي طرف لڳل وڻن جي وٿين مان هيٺ جهاتيون پائي رهيو هو.

نارائڻ اوچتو اندر ۾ گهري اڪيلائپ ۽ اداسائي محسوس ڪئي. اڪيلائپ تہ سندس عادتن سان رلي ملي ويئي هئي هن ديس ۾ رهندي پر اڄ اداسائيءَ ان کي گهرو ٻٽائي ڇڏيو هو.

وڏي ملڪ آمريڪا جو هيءُ ننڍو شهر آمريڪا جا ڳوٺڙا بہ ننڍا شهر آهن. رٿائتا، پڪا سڌا رستا، سهڻا گهر، وڏا مال (دڪانن جا ميڙ). هو هن دور ديس جي ننڍي شهر ۾ اڪيلو سنڌي اڪيلو هندستاني هو. من کولڻ لاءِ ڪڏهين ڪير ڪونہ ملندو هو. جين ۽ هنجي وچم ڪا اڻڄاتل، اپسڄندڙ دوري هئي، جنهنکي هو ڪن تنهائيءَ جي موقعن تي محسوس بہ ڪندا هئا، پر جنهن کي نہ هو ڇيد ڪري سگهندا هئا ۽ نہ انکي دور ڪري سگهندا هئا. ڪين شادي ڪئي چار سال ٿيا هئا، گهر ۾ پنهنجن جيان رهندا هئا، پر ٻنهيءَ کي پنهنجي پنهنجي خانگي دنيا بہ هئي، جنهن ۾ ٻيو پير پائي نہ سگهندو هو. ڪڏهين ڪڏهن نارائڻ کي لڳندو هو تہ چارلس سندس پٽ هوندي بہ سندس پٽ نہ آهي. هو ڪنهن ٻيءَ دنيا جو رهواسي آهي جنهن کان پاڻ اڻواقف آهي.

گذاري ويو هو.

ادا جي گهر، يا پيدا آشرم ۾؟

پيدا آشرم ۾ نارائڻ وراڻيو.

جين چيو : توکي گهڻو سوچڻ نه کپي. تو لاءِ نند مفيد آهي. نند جي گوري وٺي سمهي پئه.

اوچتو نارائڻ محسوس ڪيو سندس گلي ۾ ڪجهه اٽڪي پيو آهي. گهٽيل آواز ۾ چيائين، جين پليز، مان تورو اڪيلو پنڌ ڪري اچان؟

جين همدرديءَ ڀريل آواز ۾ چيو : مان تنهنجي اسٿتي محسوس ڪري سگهان ٿي. پل وچ، پر گهڻي دير نه لڳائج. توکي هيڪلائيءَ بدران ڪنهن جو ساٿ گهرجي. روٽي کائيندي؟

نه.

جين سانت رهي. ڪيترو وقت نارائڻ ڏي نهاريندي رهي. ڍلي آواز ۾ چيائين : مون سهري کي ڏنو به ڪونه.

نارائڻ ڪنڌ مٿي ڪڻي زال ڏانهن نهاريو.

جين چيو : چارلس به هنکي ڪونه ڏٺو. تون چوندو هئين جڏهن هو ٽن سالن جو ٿيندو تڏهين انديا هلنداسين.

نارائڻ اوچتو هلڪي ڏکڻي محسوس ڪئي. سندس چهرو ڪجهه پيلو پئجي ويو.

چارلس سمهي پيو؟ نارائڻ پڇيو.

ها. جين وراڻيو.

تون کائي وٺ.

نه، نارمن

نارائڻ اُچار نه ڪري سگهندي هئي، انڪري هن مڙس جو نالو رکيو هو نارمن. آفيس ۾ به نارائڻ کي سڀ نارمن سڏيندا هئا.

توکي بک ۾ نند نه ايندي آهي. نارائڻ چيو.

مان کير جو گلاس پي سمهي پونديس.

ڪجهه سوچيندي وري چيائين. تون ٻاهر پل وچ پر پري نه

به ڪونه هئا. لڙڪ سندس اکين جي ڀنبڙين ۾ اٽڪيل هئا ۽ هن جڏهين راه جي پڇاڙي طرف نهاريو ڪيس نظارو ڌنڌلو ۽ عڪس ۾ ٽٽل نظر آيو.

نارائڻ ڪي سندس پيءُ ئي پالي وڏو ڪيو هو. سندس ماءُ، جڏهين هُو ننڍو هو، تڏهين گذاري ويئي هئي، هو ماءُ جي چهري کي اکين اڳيان چٽي نه سگهندو هو. هو پيءُ جي ڇهن ٻارن مان آخرين ٻار هو، انڪري پيءُ جو لاڏلو ۽ ٻين سيني ڀائرن ڀينرن ۾ شڪايتن جو باعث هو. اڄا اسڪول ۾ ئي هو جو هندستان کي مڏي ڪانيءَ سان ٻه اڌ ڪيو ويو هو ۽ هو ۽ سندس مائٽ، جانورن جيان چاري جي ڳولها ۾ پنهنجون زميون ڇڏي ٻين ميدانن ۾ رليا هئا.

هاڻ به جڏهين نارائڻ کي آگري ۾ گهاريل اهي روشنيءَ ۽ خوشيءَ بنا سال ياد ايندا آهن ته هنجو ساهه منجهڻ لڳندو آهي. سندس اندر ۾ هن دنيا لاءِ انسان ذات لاءِ نفرت جاڳندي آهي. هڪ سوڙهيءَ، گندي گهٽيءَ ۾ ڪين ڪن مسلمان ڀنگين جي جاءِ ڪسٽوڊين وٽان، سنڌ ۾ ڇڏيل جاءِ جي بدلي ۾ ملي هئي. ٻاهر رستي تي کليل ڪسيون هيون جن جي بدبوءِ سڄي محلي ۾ ڦهليل هوندي هئي. جتي به ويهبو هو ان چوطرف مکيون اچي مڙنديون هيون. گهر ۾ سدا گهيي ۽ ڪلڪل هوندي هئي، جو ڪنهن لاءِ نه پورو ڪاڌو هوندو هو، نه ٻي ڪا سهوليت. سيني شين جو اَپاءُ هوندو هو، سڀ ڪان وڏيڪ تازيءَ هوا جو. ان نرڪ ۾ سيڪو خودغرض بڻجي ويو هو ۽ سيني کان وڌيڪ ڌڪاريو ويندو هو نارائڻ کي، جيڪو ڪجهه ڪمائيندو ڪونه هو، گهر تي هڪ بوجو هو نارائڻ ڪلهن تي بوجو کڻي مزوري ڪئي هئي، ڪنفيشنري ڪارخاني تان گوليون اوڌر تي وٺي اسڪولن ٻاهران وڪيون هيون، ڪيلن جو ٿيلهو هلايو هو، تڏهين به سندس ڀاجائي ڪيس پورو ڪاڌو نه ڏيندي هئي. سڀ چڱيريون شيون پنهنجي مڙس ۽ ٻارن لاءِ لڪائي رکندي هئي.

نارائڻ جون اکيون بند ٿي ويون. سامهون هڪ موٽر آئي جنهن جي مهڙ واري بتين جي تکيءَ روشني سندس منهن تي پيئي. ڪار سندس ڀر مان لنگهي ويئي ته نارائڻ سڄاتو هيءَ اهوئي ماڊل هو جهڙو

هنن ننڍن شهرن ۾ رات جي سانت سويلي لهي ايندي آهي، رستن تي موٽرن جي آمدرفت گهٽجي ويندي آهي، ماڻهو پردن ڍڪيل درين اندر ٽي.وي. سامهون ويٺل هوندا هئا.

نارائڻ پنڌ ڪندي ان راهه تي پهتو جا ڪيس تمام خوبصورت ۽ دلڪش لڳندي آهي، پر هو ان راهه ڏي گهٽ ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته اها راهه ڪيس سنڌ جي پنهنجي ٻالپڻ جي ياد ڏياريندي آهي. هن رستي جي ٻنهي پاسن تي اهڙا وڻ پوکيل آهن، جن جون ٽاريون ته وڏيون آهن، پر پن تمام گهٽ آهن. ڄڻ اگهاڙا وڻ اُڀ کي ڇهڻ جي ڪوشش پيا ڪن. نارائڻ کي هن رستي تي هلڻ سان ائين محسوس ٿيندو آهي ڄڻ چنڊ يا تارا مٿي آسمان ۾ نه، راهه مٿان، وڻن جي چوٽين وٽ بيٺل آهن. جڏهين پهريون دفعو نارائڻ چانڊوڪي رات ۾ هن رستي تي آيو هو ته سنڌس اکين ٻالپڻ جو هڪ واقعو سڄيوَ ٿي ويو هو. اها پورنماسيءَ جي رات هئي. نارائڻ ٽرين مان پيءُ سان گڏ لٿو هو ۽ ٽانگي ۾ پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيو هو. ٻن ڪوهن جو پنڌ. ٻنهي طرفن، هِت هُت، پنن بنا، ننگا وڻ، دور دور ٻنين مٿان ليٽيل چانڊوڪي، رات جي سانت رستي تي هڪ ئي ٽانگو، گهوڙن جي ٽاپ ٽاپ. اها قدرت جي ننگي سونهن ڏسي نارائڻ جي ننڍڙي دل ده ده ڪرڻ لڳي هئي. هن هٿ وڌائي پي جي چيچ کي مظبوط پڪڙي ورتو هو. اوچتو ٽانگي واري هٽ ڪن تي رکي ڏوهيڙو ڳائڻ شروع ڪيو هو. نارائڻ کي سڀ جادوئي لڳو هو، هڪ طلسم جنهن اندر ٻار گم ٿي ويندو آهي.

هو رستي تي رکيل ڪاٺ جي بينچن مان هڪ تي ويهي رهيو. زندگي هڪ راز آهي. دٻليءَ اندر دٻلي. ۽ آخرين دٻلي بند آهي. هو جڏهين ڪئين ڏاڪڙا سهي، هڪ غريب ملڪ مان، شاهوڪار ملڪ ۾ پهتو هو، هن ديس ۾ رهڻ جي موڪل پائڻ لاءِ گوريءَ زال سان شادي ڪئي هئائين جا ڪانئس ٽي سال وڏي هئي، بئنڪ جي اوڊر تي بنگلو ۾ ڪار ٻڌي هئائين، ته ائين سمجهيو هئائين ته سڀ ڪجهه پائي ورتو هئائين، پر اڄ پيءُ کي پائرن پينرن کي ياد ڪندي سندس اکين ۾ لڙڪ اچي ويا. هو سڀ سقيم هئا. هو موٽر ٻُنهڻ ته ڇا موٽر ۾ چڙهندا

هن به جواب ڏنا، صرف پنهنجي اهم کي خوش ڪرڻ لاءِ، پوءِ پنهنجن ڪمن ۾ ايترو مشغول ٿي ويو جو آيل خط به اڌورا پڙهندو هو. سندس پياءُ ناراض هو ته سندس وڏي عيال پالڻ ۾ هو ڪا مدد نه ڪري رهيو هو، سندس پينرون ناراض هيون، جو هو سندن لاءِ ۽ سندن ٻارن لاءِ ڪجهه نه موڪليندو هو.

سڀ خود غرض آهن. نارائڻ غصي ۾ پنهنجو پاڻ کي چيو منهنجو هن جڳه ۾ ڪير به ڪونه آهي، جين ۽ چارلس کان سواءِ. هنن کي جاڻ نه آهي مونکي ۽ جين کي ڪيتري ڪشمڪش ڪرڻي ٿي پوي. پنهنجي آجيوڪا لاءِ. هو سمجهندا آهن هتي پئسا وڻن جيان پوکبا آهن. اسانجو گهر، اسانجون موٽرون، اسانجو فرنيچر، سڀ گروي آهن، بئنڪن منجهه. اڌ پگهارون قسطن پرڻ ۾ گم ٿي وينديون آهن. مان پياءُ کي ڪجهه نه موڪليندس. اهو سندس متي جو سور آهي. اسانکي پنهنجا مسئلا آهن. اسين بهتر زندگي جئڻ جي ڪوشش ڪنداسين، چنتائن رهت.

هن کي جاڻ نه پيئي هئي ته جوش ۾ سندس قدم تيز ٿي ويا هئا. سندس اندر ۾ ٿهليل گوڙ گهمسان سندس چوطرف ٿهليل سانت متان حاوي پئجي ويو هو.

هن سامهون پنهنجو گهر ڏٺو، ننڊڙو، ننڊ جي گهيرت ۾ ليٽيل صرف بئنڪ جي بتي ٻري رهي هئي. هن ڪنجيءَ سان دروازو کوليو. جين شايد جاڳي رهي هئي، بيڊروم مان چيائين : موٽي آئين. دير لڳائيه. فرج ۾ کاڌو رکيو اٿيئي.

نارائڻ بيڊروم جي دروازي وٽ پهچي چڪو هو. پڻ پڻ ۾ چيائين : کاڌو ڪونه ٿو وڻي. هن اونده ۾ ڪپڙا لاٿا، ڪڇي ۽ گنجيءَ سان جين جي پر ۾ ليٽي پيو. جين پاسو ورايو ۽ هڪ هٿ نارائڻ جي نرڙ تي رکيائين. اوچتو نارائڻ جو اندر اڇلي پيو. هنکي لڳو سندس اندر مان ڪجهه ٻاهر نڪرڻ ٿو چاهي، پوريءَ طاقت سان هن پنهنجو هٿ جين جي هٿ متان رکيو ۽ جين جي هٿ کي پنهنجن ڳلن ۽ چپن متان گهمائڻ لڳو. پر پاڻ کي سنڀالڻ ۾ ناڪامياب ويو. پنهنجو منهن

وٽس هو. هن اندر ۾ پاڻ لاءِ هڪ فخر محسوس ڪيو. ڪيئن تڪليفون سهي هو هن شاهوڪار ديس ۾ پهتو هو ۽ اُتي جو رهواسي بڻجڻ لاءِ جين سان شادي به ڪيائين. هنن جو پيار نه هو، صرف توري سڃاڻپ هئي، آفيس ۾ جين جي پيڻ به طلاق ورتا هئا ۽ هاڻ دماغي طرح توازن ۾ نه هئي. جين پڌو هو هندستاني مرد پوري زندگي هڪ عورت سان نباهي سگهندا آهن ۽ نارائڻ محنتي هو، هن جي اڪيلائپ تي ڪڏهين ڪڏهين جين کي ترس ايندو هو، ائين شادي ٿي ويئي ۽ نارائڻ نارمن بڻجي آمريڪا جو رهواسي بڻجي ويو.

نارائڻ جي وڏي ڀاءَ لکيو هو. نارائڻ بابا هليا ويا. پڇاڙيءَ جو ڪير به سندن ويجهو ڪونه هو. اسان کي تار دير سان پهتي هئي. مان آگري مان ٻڙودي پهتس ته آشرم وارن سندس سرير کي اڳه ئي ڪاٺين حوالي ڪري ڇڏيو هو.

نارائڻ جي ڀاءَ وڌيڪ لکيو هو. منهنجون به ڏيئريون وڏيون ٿي ويئون آهن. توکي ته خبر آهي ته هندستان ۾ ڌيءَ جي شادي ڪرائڻ لاءِ گهڻا گهڻا پئسا لڳندا آهن. ڪڏهين اڌ زندگيءَ جي ڪمائي، ڪڏهين منيءَ زندگيءَ جي ڪمائي جتي به ڳالهه هلائجي ٿي پهرين پئسن جي ڳالهه ڪين ٿا. تنهنجي ڀاڄائي ته ڌيئرن جي چنتا ۾ هاڻ ئي ٻڍي لڳڻ لڳي آهي. هاڻ تون ئي اسانجو آسرو آهين.

نارائڻ جي اندر غصو اُڀري رهيو هو. سندس لونڊڙين وٽ ڌون ڌون ٿيڻ لڳي. هو اُتي بينو ۽ رستي تي ڊيما قدم کڻڻ لڳو. پنن بنا وڻ اَچل هئا، پوري سرشتي سانت هئي. بادلن بنا آڪاس ۾ چنڊ مؤن هو. نارائڻ جڻ پاڻ کي چيو : هن دنيا ۾ سڀ خود غرض آهن. ماءَ پيءُ به، ڀاءُ پيڻ به سڀڪو صرف پنهنجو ئي سوچيندو آهي، پنهنجو ئي خيال ڪندو آهي. اهي سڀ مٽ مائٽ، ويجها ۽ پريان، جن ڪڏهين ڪيس ڪنگهيو به ڪونه هو. جن ڪڏهين اها سار به ڪانه لڌي ته هو جيئرو آهي يا مري ويو، انهن جڏهين پڌو ته هو آمريڪا پهچي ويو آهي. هڪ گوريءَ ميم سان شادي ڪئي اٿائين ته اوچتو سيني جو لاڏلو ۽ دادلو بڻجي ويو. سڀ هتان هتان سرنامو وٺي ڪيس خط لکڻ لڳا. شروعات ۾

انسان نہ لڳي رهيو هو. ڇا سچ پچ هو هن جي پيءُ جو پوٽو هو؟ سلامتراءِ، سندس پيءُ هن ٻار کي ڏٺو بہ ڪونہ هو، پر ايڪڙ ٻيڪڙ جيڪي سندس چئيون آيو هيون انهن ۾ پنهنجي پوٽي بابت ئي لکيو هئائين. نارائڻ سوچيو : جڏهين چارلس وڏو ٿيندو تہ ڇا کيس ياد رهندو تہ کيس سلامتراءِ نالي هڪ ڏاڏو هو.

نارائڻ محسوس ڪيو تہ رات جيڪا سندس اندر ۾ برف جمي ويئي هئي، اها پگهرڻ لڳي آهي. سندس اکين سامهون سندس ڀاڄائيءَ جو اهو چهرو آيو، جيڪو هن نئين ڪنوار جو ڏٺو هو. تڏهين هوءَ نارائڻ سان ڪئين ڳالهيون ۽ چرچا ڪندي هئي. ڪڏهين ڪڏهين تہ نارائڻ کي لڳندو هو تہ هوءَ سندس ڀاءُ کان بہ کيس وڌيڪ ويجهي آهي.پر جڏهين حالتون بدليون، کيس پنهنجا ٻار ٿيا تہ سڀ بدلجڻ لڳو. نارائڻ ڏاريو ٻڌجي ويو. نارائڻ ننڍي هوندي پنهنجين ڀينرن سان ڪئين چرچا ڪندو هو. کين چوٽيءَ کان پڪڙي چيڙيندو هو. شاديءَ بعد هو تمام دور جون ٻڌجي وييون هيون.

چارلس ننڊ مان جاڳيو هو ۽ رئڻ لڳو. نارائڻ ڊُڪ ڀائي پٽ کي هنج ۾ کنيو ۽ کيس ڇاتيءَ لائي، ٻني ٿپوريندي سانت ڪرايائينس. هو سندس نرڙ، ڳلن، چپن کي چمڻ لڳو. هن محسوس ڪيو سندس اندر ۾ وير چڙهي رهي آهي، کنهن کي پيار ڪرڻ لاءِ. کنهن کي پنهنجو بڻائڻ لاءِ. ان ويل من محسوس ڪيو هن دنيا ۾ کير بہ ڏاريو نہ آهي.

سيپٽمبر 1994

●●●●

جين جي ڇاتيءَ ۾ لڪائي سسڪيون ڀري رئڻ لڳو. جين سانت ۾ هنجي وارن ۾ آڱريون ڦيرڻ لڳي. سسڪيون ڀرندي ڀريندي نارائڻ کي ننڊ اچي ويئي.

آسمان ۾ سج مٿي چڙهي آيو هو جو نارائڻ جاڳيو. جين ڪم تي وڃڻ لاءِ تيار ٿي رهي هئي. چارلس جي سنڀال جي خيال کان جين صبوح سوير ڪم تي ويندي هئي ۽ نارائڻ هنجي موٽڻ بعد ويندو هو. نارائڻ منهن ڌوئي پنهنجي لاءِ چانهه ٺاهي رهيو هو جو جين چيو : نارمن تون اڄ ٺيڪ ڪونه ٿو لڳين.

نارائڻ اَڪرُيل آواز ۾ وراڻيو : مان ٺيڪ آهيان، جين.

جين ٻه دفعا مڙي نارائڻ ڏانهن نهاريو. هوءَ ڪجهه ڪڻڻ لاءِ بيڊروم ۾ ويئي. جڏهين هوءَ واپس رنڌڻي ۾ موٽي ته نارائڻ ڪائڻ جي ميز تي چانهه پي رهيو هو. جين منجهند لاءِ ٺاهيل سئنڊوچ پلئسٽڪ جي ڊبي ۾ وجهندي چيو : تنهنجو چهرو ٻڌائي رهيو آهي ته تون ڪجهه لڪائي رهيو آهين.

نارائڻ ڪوبه جواب ڪونه ڏنو.

ڇا ادا ٻيو ڪجهه به لکيو آهي؟ جين پڇيو.

نارائڻ ڪوڙ ڳالهائي نه سگهيو. چيائين : لکيو اٿائين. ڊيئرن جي اڪلائڻ لاءِ پئسا کپن.

جين آفيس وڃڻ لاءِ پرس هٿ ۾ ڪنيو هو. هن نارائڻ طرف نهاريو ۽ ڪجهه دير نهاريندي رهي. ڪنهن خيال اچڻ سان پرس کولي چيڪ بوڪ ڪڍيائين ۽ هڪ چيڪ تي صحي ڪري، چيڪ ميز تي رکندي چيائين : مون ڊش-واش (برتن ڌوئڻ جي مشين) لاءِ ڪجهه پئسا ميڙيا هئا، تون بئنڪ ۾ وجي ڊرافٽ ڪڍائي ادا کي موڪلي ڏج.

اڃا نارائڻ ڳالهه ڪجهه سمجهي ئي سمجهي، جين اهو چوندي،اڄ آفيس لاءِ دير ٿي ويئي آهي، دوازو کولي ٻاهر هلي ويئي. ٻاهران ڪار جي اسٽارٽ ٿيڻ جو آواز آيو.

نارائڻ چيڪ بيڊروم ۾ سائيڊ ٽيبل تي رکيل ننڍي گهڙيال هيٺان رکيو ۽ يڪ ٽڪ ننڍي چارلس ڏانهن نهارڻ لڳو. ننڊ ۾ هو هن دنيا جو

ڪان بهتر آهن. وچندڙ سنگيت جي چونڊ سٺي آهي.

ڪن منٽن ۾ ٽرين شهر جي جهوپڙين ۽ تنگ بستين کي پنيان ڇڏي ميدانن ۾ ڊڪون پائڻ لڳي. مون هميشه جيان بريف ڪيس گوڏن تي رکي فائيلن هيٺان رکيل ڪويتائن جو ڪتاب ڪڍيو ۽ پڙهڻ لڳس. ڪويتائون ننڍيون هيون. هر ڪويتا پوري ڪرڻ بعد دريءَ کان ٻاهر نهارڻ ٿي لڳس. شايد ڪويتا کي دل ۾ سمائڻ لاءِ ڪويتا پڙهڻ بعد ڪجهه دير سانت جي ضرورت پوندي آهي، يا شايد هڪ ڪويتا ڪتاب ۾ هئي، ٻي دريءَ کان ٻاهر کليل ميدانن ۾. اُس پکڙيل هئي زمين تي. دور دور ببنل وڻ تمام اڪيلا لڳي رهيا هئا. آسمان ۾ بادل تمام ٿورا هئا. ائين لڳي رهيو هو انسان جي تاريخ کي چيري هيءَ ٽرين اڳتي وڌي رهي آهي.

بيئرر جوس کڻي آيو. مان جوس پي، اُٿي، باٿ روم ويس. موٽيس، ته ڏٺم، منهنجو ڪتاب پر واري عورت جي هٿن ۾ هو ۽ هوءَ پڙهڻ ۾ ايترو ته محو هئي جو ڪيس منهنجي واپس اچڻ جي سمڪ ئي ڪانه پيئي. مون هنجي ڌيان ۾ وگهن وجهڻ ٺيڪ نه سمجهيو ۽ بريف ڪيس مان هڪ ٻيو ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڪڍيو. بريف ڪيس جي بند ڪرڻ جي آواز تي سندس ڌيان ٽٽو ۽ منهن موڙي مون ڏانهن نهاريائين.

اوه، هنجي وات مان نڪتو ۽ سندس ڳلن، چپن ۽ اکين ۾ هڪ وٺندڙ مرڪ ظاهر ٿي. مونکي معاف ڪجو، مان پڙهڻ ۾ ايترو ته ٻڏل هيس جو.....

مون سندس ست کي اڌ ۾ ڪٽيندي چيو : تون اهو ڪتاب پڙهه، مون وٽ ٻيو ڪتاب آهي.

هن مونڏي نهارڻ بنا چيو : ڪهڙي نه عجيب ڪويتا لکي اٿائين. ٻڌو، لکي ٿي. هوءَ مونکي ڪويتا پڙهي ٻڌائڻ لڳي.

مان آهيان هڪ رواجي انسان، تون ڪير؟
ڇا تون به رواجي انسان آهين؟
ته اسين آهيون هڪ جوڙو، پر نه چئه ائين!

ٽرين ۾

ٽرين پندرهن منٽ دير سان هلي. عام طرح هيءَ ٽرين مقرر وقت تي هلندي آهي. منهنجي پر ۾ وينل ٿلهي مرد ۽ پنين جڳهين تي وينل ٻن عورتن ۾ بحث هلي رهيو هو. بوڪنگ ڪلارڪ پتيءَ ڪي اڳيان، يعني منهنجي پر ۾ ۽ پتنيءَ ڪي پنيان جڳهه ڏني هئي. آخر ٿنهي ۾ سمجهوتو ٿيو. پنيان وينل اڪيلي عورت منهنجي پر ۾ اچي ويني ۽ ٿلهو مرد پنيان ويو.

مون هڪ ننڍڙي ڪن لاءِ عورت ڏي نهاريو. پر ڪنهن ننڍيءَ ڪن ۾ ٻه اکيون گهڻو ڪجهه ڏسي سگهنديون آهن. سانجهيءَ جي اُس جهڙو بدن جو رنگ، وڏيون آبدار اکيون، سڊول چست بدن، منهن ۾ ڪجهه چلولائي، گهاٽا وار جن ڇهري ڪي سڄيوَ ٿي بڻايو.

اڄ ٽرين ليٽ هلي آهي. سندس آواز صاف ۽ وڻندڙ هو.

جلد ميڪ اپ ڪري وٺندي. مون چيو.

ائين ٿي لڳو هوءَ پنين سيٽ کان هتي پاڻ کي بهتر سمجهي رهي هئي.

ها، سدا پوري وقت تي پهچائيندي آهي. هن چيو. لڳو ٿي هوءَ ٻه هن ٽرين ۾ اڪثر مسافري ڪندڙن مان هڪ هئي. مان هر مهني هن ٽرين ۾ ڀوپال کان دهليءَ ويندو ۽ واپس ايندو هوس. هونءَ هندستان ۾ مسافري ڪرڻ عذاب آهي، پر هن ٽرين ۾ مسافري ڪرڻ ائين آهي، ڄڻ ڪو پڪنڪ تي وڃي رهيو آهي. تمام تڪڙي ۽ مقرر وقت تي هلندي آهي، ايئرڪنڊيشن آهي. وهڻ جون ڪرسيون ۽ ڪاڏو هوائي جهاز

چيم : بدن کي زنده رکڻ لاءِ نوڪري ڪندو آهيان. آتما کي زنده رکڻ لاءِ ڪويتا پڙهندو آهيان.

هن چيو : زندگيءَ ۾ ائين ئي ٿيندو آهي. مان ننڍي هوندي سوچيندي هيس، مان وڏي هوندي ساهتيہ جي پروفيسر ٿيندس. پر هاڻ لائيف انشورنس ڪارپوريشن ۾ نوڪري ڪندي آهيان. انسان جا ڏينهن ۽ راتيون سندس اِڇا جي اُبتڙ گذرندا آهن. انسان ويچارو ڇا ڪري؟

بئرر ڪاڏو کڻي آيو. ڪاڏي ويل هن منهنجي ائين سار لڌي جيئن ڪا گهرڌياڻي گهر جي ڀاتيءَ جو خيال رکندي آهي. چيائين : آچار سٺو آهي، کائي ڏسو.

مان آچار ڪونہ کائيندو آهيان.

هن پنهنجو چمچو منهنجي ٿالهيءَ ڏانهن وڌائي پڇيو: مان کڻان؟ ۽ منهنجي جواب کان اڳ انبڙيءَ جي ڦار کڻي ورتي. رسگولن واري ڪٽوري منهنجي ٿالهيءَ جي ڀر ۾ رکندي چيائين : هيءُ توهان کائجو، مان مٺائي ڪونہ کائيندي آهيان.

مون پڇيو : تون ڀوپال ۾ رهندي آهين؟

نہ، دهليءَ ۾. هن وراڻيو. ڀوپال ۾ منهنجا سس ۽ سهرو رهندا آهن. مان هر مهني هنن جي سار لهڻ ايندي آهيان. سدا هن ٽرين ۾ مسافري ڪندي آهيان. ڪجهہ دير سانت رهڻ بعد چيائين : منهنجو سهرو بيمار رهندو آهي.

هو اڪيلا رهندا آهن؟

منهنجو وڏو پٽ هنن سان گڏ رهندو آهي.

مون سوالي نگاهن سان هنجي چهري ڏانهن نهاريو.

منهنجو وڏو پٽ ڪاليج جي ٻئين سال ۾ آهي.

مون اندر ۾ پنهنجو پاڻ کي چيو : عورت جي عمر جي ڪٿ ڪرڻ ۾ سدا دوکو کائبو آهي.

بيئرر ٿالهيون کڻي ويو هو. سنگيت ۾ امجد عليءَ جو سرود وڄي رهيو هو. اسين سانت ۾ دريءَ کان ٻاهر نهاري رهيا هئاسين. هندستاني

هو نيڪالي ڏيندا اسانکي سماج مان، ڇاڻي ڇڏ.
ڪيترو پوائتو آهي اوهه انسان بڻجڻ!
پڌرو پٽ، ۽ ڏيڏر جيان
پنهنجو نالو جپڻ سچو ڏينهن،
وٽندڙ گپ ۾.

واه، واه، هن خوش ٿيندي چيو. ڪهڙي نه سني ڪويتا آهي. هن ڪتاب ۾ آخر وجهي جلد تي لکندڙ جو نالو پڙهيو، ايملي ڊڪنسن. هيءُ ايملي ڊڪنسن ڪير آهي؟ مون ته سندس نالو به نه ٻڌو آهي.

هنجو خوشيءَ ۾ ٻهڪندڙ مکڙو ڏسي مونکي به مذاق سجهيو. کلندي پڇيم : ڇا تون دنيا جي سڀني شاعرن کي سڃاڻين؟

هنکي برو نه لڳو. کلندي چيائين : مون ائين ڪڏي چيو. منهنجو مطلب آهي ته هوءَ دنيا جي مشهور شاعرن مان نه آهي.
چيائين : ڏاڍيون سٺيو ڪويتائون لکيون اٿائين. هوءَ فوٽي ڏانهن ڇتائي نهاري رهي هئي. هڪ ايو ساه پري چيائين : سندس چهري تي ڪيتري اڪيلائي آهي، ۽ اکين ۾ ڪيترو سوز.

اوچتو هن جون نگاهون منهنجي هٿ ۾ جهليل ڪتاب تي پيون، جو به ڪويتائن جو ڪتاب هو. ڌيمي آواز ۾ پڇيائين :

ڇا توهان ڪويتا لکندا به آهيو؟

مان لفظن ۾ جواب ڏيئي نه سگهيس. هڪ ننڍي مرڪ منهنجي چهري تي آئي.

هن الائي ڪهڙو مطلب ڪڍيو. چيائين : سويل توهان جي هٿن ۾ وهي - ڪاتي جا فائيل هئا.

مون هنجي ديد کي دادا ڏنو. مون بريف ڪيس مان ڪتاب ڪڍڻ لاءِ پهرين فائيل ڪڍيا هئا.

مان هڪ وڏيءَ ڪمپنيءَ جو برانچ مئنيجر آهيان. هر مهني دهليءَ حساب-ڪتاب ڏيڻ ويندو آهيان.

۽ هيءَ ڪويتائون؟

سندس چوڻ جي ڍنگ تي مونکي کل اچي ويئي.

پيشاب ڪري ايندو هوندو، يا ٻڪري ڦولڙيون لاهيندي هوندي.

اتهاسڪارن انهن عورتن جي بهادريءَ کي ساراهيو آهي. جي ستي ٿي جئري پاڻ کي باهه ۾ اُڇلائينديون هيون. هنن هنن جون ڪيڪڙاٽون ۽ رڙيون نہ ٻڌيون هونديون. جنگ ۾ دشمن سان مقابلو ڪندي مرڻ سولو آهي، پر جئري.... هنجو آواز ايترو چيچريل هو جو هوءَ جملو پورو ڪري نہ سگهي.

مان سانت رهيس. ان وقت بيئرر خالي پيالا کڻڻ آيو مون پئسن ڏيڻ لاءِ کيسي ۾ هٿ وڌو تہ هن پرس کولي پئسا ڏيئي ڇڏيا. شايد بيئرر جو اچڻ سنو ٿيو. هوءَ وري اڄ جي زماني ۾ موٽي آئي.

مون چيو : تو چيو تون ننڍي هوندي ڪويتائون پڙهندي هئينءَ، اهي ڪنهنجون ڪويتائون هيون؟

اسڪول ۾ مونکي مهاديوي ورما وڻندي هئي. ڪاليج ۾ امرتا پريتم منهنجي پريہ ليکڪا هئي. اسين ڪاليج جون ڇوڪريون پاڻ ۾ هن جون ڪويتائون پڙهنديون هيوسين. مونکي اڃان بہ هن جون ڪيتريون ڪويتائون ياد آهن. هندستاني عورت جي زندگيءَ جو انهن ۾ ڪمال جو چترڻ آهي. مثال طور هنجي هيءَ ننڍڙي ڪويتا ٻڌو. ڪويتا جو سرو مونکي ياد نہ آهي.

منهنجي سيج حاضر آهي
پر جتيءَ ۽ خميص جيان
تون پنهنجو بدن بہ لاهي وٺ
هن موڙي تي رکي ڇڏ
ڪا خاص ڳالهہ ڪانہ آهي
پنهنجي پنهنجي ديس جو رواج آهي.

جڏهين هن ڪويتا پوري ڪئي تہ مون منهن موڙي هن ڏانهن نهاريو. اوچتو هن پڇيو : توهان امرتا جي رسيد ٽڪلي پڙهي آهي؟

مون ڪنڌ لوڏي هائو ڪئي.

هندستان ۾ اهڙي ڪتاب لکڻ لاءِ همت کپي. امرتا هندستاني عورت جي لڪل جذبات کي خوبصورت لفظ ڏنا ۽ هنجي گهٽن کي

ڪلاسيڪل سنگيت ۾ سدا هڪ ترقي هوندي آهي. جڏهن آتما پر ڦڙڪائي سرير کان ٻاهر اُڏڻ ٿي چاهي، پر سندس پر سرير جي ڍانچي سان ٽڪرجندا آهن ۽ آتما تڙڦي تڙڦي هار مڃي سانت ٿي ويندي آهي. پوءِ اندر ۾ هڪ دک محسوس ڪبو آهي. ڪنهن اپاءَ جو دک. پر اهو اپاءُ ڏاڍو ڏنڌلو ۽ ريڪائن هيڻو هوندو آهي. سانجهيءَ جي اسپشٽ نظارن جيان.

دريءَ ٻاهر سڄ اولهه طرف وڃي رهيو هو. ڌرتيءَ تي زندگي سست هئي. وڻ ٽڻ مون هئا، جڻ ڪجهه سوچي رهيا هئا. ڪٿي ڪٿي ٻنين ۾ ساوڪ هئي، پر انسان تمام ٿورا هئا. ڊڪندڙ ٽرين مان سست انسانن ۽ جانورن ۾ ڪو فرق نظر ڪونه ٿي آيو. جڻ شهرن ۾ رهندي انسانن ۽ جانورن ۾ فرق ڏسڻ هڪ ڪوڙ هو.

ان ويل هن لنگهندڙ بيئرر کي اشارو ڪيو. مونکان پڇيائين: ڪافي پئندا؟

مونکي ڪافيءَ جو پيالو ڏيندي هن چيو، هن ٽرين ۾، هن دريءَ مان ٻاهر نهاريندي توهان ڪجهه محسوس ڪونه ڪندا آهيو؟

مون چرڪ ڀري هن ڏانهن نهاريو.

هن چيو: الائي ڇو مان ڪا اُداسائي محسوس ڪندي آهيان.

مون چيو: هنن ميدانن تي هندستان جي تاريخ لکيل آهي. ڪئين جنگيون لڳيون هيون هتي. ڪيترن انسانن جو رت هتي جي مٽيءَ ۾ مليل آهي.

هن چيو: مان هن تاريخ کي ٻئي نموني ڏسندي آهيان. جڏهين بہ ڪو ڊٺل محل يا ڊٺل قلعو نظر ايندو آهي تہ مان انهن عورتن بابت سوچيندي آهيان جي اتي رهنديون هيون. هو عيش عشرت ۾ رهنديون هيو پر قيد بہ هيون. سندن زندگي سندن نہ هئي. هو ڪنهن ٻئي جي مرضيءَ مطابق، ۽ ٻئي ڪنهنجي زندگيءَ ۾ ڪجهه پرڻ لاءِ جئنديون هيون.

دور هڪ ڊٺل قلعو هو، مان ان طرف نهاري رهيو هوس. ڪنهن زماني ۾ اتي زندگي رهي هوندي، هاڻي شايد ڪو ڪتو اتي وڃي

بي سواد آهن....

منهنجي ويچار ڌارا ٽٽي پيئي. دهلي اچي ويئي هئي. ٻاهر بتيون جهرمر ڪرڻ لڳيون هيون. اڌ ننڊ ۾ ستل مسافر ڳالهيون ڪرڻ لڳا هئا، مان پرڳتي ميدانن جي راهن، بتين ۽ مندرن کي جاچڻ لڳس. اوچتو ٽرين رفتار گهٽائي ڇڏي، سٽيشن تمام ويجهو هئي. مون منهن موڙيو ته ڏٺم منهنجي پاسي ۾ ويٺل عورت اتي نه هئي. سوچيم شايد ٽائليٽ ۾ ويئي هوندي پر جڏهين ٽرين پليٽفارم اندر گهڙي، تڏهين به هوءَ ڪانه آئي ته دروازي طرف نهاريم. دروازي تي ڪئين ماڻهو بيٺا هئا ۽ هوءَ سڀني کان اڳ هئي.

پيٽ ۾ مونکي لهڻ ۾ دير لڳي. چوطرف نهاريم. هوءَ هڪ طرف اڪيلي بيٺي هئي. خيال آيم ڪيس سڏ ڪريان بر سري آيم ته سندس نالي جي ته مونکي خبر ئي ڪانه هئي.

ان ويل سندس مڙس کيس ڳولهيندي اتي پهتو. هو پاڻ ۾ ڳالهائڻ لڳا سندس مڙس سندس سامان پنهنجي هٿن ۾ کنيو. وڃڻ کان اڳ عورت مڙي نهاريو. سندس نظر مون تي پيئي. سندس اکين ۾ ڪو نياپو ڪونه هو، ڇڻ هوءَ مونکي سڃاڻندي به ڪانه هئي.

مان پيٽ ۾ پنهنجو رستو ڳولهڻ لڳس.

آڪٽوبر ١٩٩٤

••••

چترت ڪيو آهي. مان ڪاليج ۾ تصور ڪندي هيس ته ڪاش مان به امرتا جي ڪنهن ناول جي نائڪا هجان ها.

اُتساه ۾ ڳالهائيندي ڳالهائيندي هن پنهنجي ٻانهن ڪرسيءَ جي ٻانهن مٿان رکي. هنکي چاڻ نه هئي ته منهنجي ٻانهن ان ڪرسيءَ جي ٻانهن تي رکيل هئي، پر هن ٻانهن پري نه ڪئي، شايد اهو ڏيکارڻ لاءِ ته هوءَ رواجي هندستاني عورت نه، امرتا جي ڪنهن ناول جي نائڪا هئي. ڪجهه دير بعد مون آهستي پنهنجي ٻانهن سيري.

بيئرر ناشتو کڻي آيو هو جو اسان سانت ۾ کاڌو. اسانجي چاڻ کانسواءِ وقت گذري ويو هو جيئن اسانجي چاڻ کان سواءِ هن دنيا جا ڪيترا انسان ڪنهن اونده ۾ گم ٿي ويندا آهن. دريءَ ٻاهر اونده ٿي ويئي هئي. سنگيت ۾ هاڻ امجدعليءَ بدران روي شنڪر ستار وڄائي رهيو هو. شايد ستار جي تيز گتيءَ سان ٽرين به پنهنجي رفتار تيز ڪئي هئي. ماڻهن ۾ به بي صبريءَ سرپر شروع ٿي ويئي هئي، شايد هو پنهنجن گهرن بابت سوچي رهيا هئا. مان به دهليءَ جي پروگرام بابت سوچڻ لڳس. اوچتو مون پڇيو : تون دهليءَ ۾ ڪهڙي پاسي رهندي آهين؟

شايد هن منهنجو سوال نه ٻڌو يا نه سمجهيو. ڪجهه دير تائين جڏهين هنجو جواب ڪونه آيو ته مون چيو : اسٽيشن تي منهنجي آفيس جي ڪار مونکي وٺڻ ايندي...

هاڻي منهنجي جملي پوري ٿيڻ سان ئي يڪدم هنجو جواب آيو : اسٽيشن تي منهنجو گهوٽ مونکي وٺڻ ايندو.

هن پنهنجو پرس کوليو ۽ ان مان برش ڪڍي وار ٺاهڻ لڳي.

مان نشچنت ٿي دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳس. اونده ۾ ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي آيو، تڏهين به مان ڪجهه ڏسي رهيو هوس. سوچي رهيو هوس: هن ٽرين ۾ سوين مسافر آهن، هر هڪ کي پنهنجي ڪهاڻي آهي، جا ٻئي جي ڪهاڻيءَ کان نرالي آهي، ائين دنيا ۾ ڪروڙين ڪهاڻيون آهن، هر هڪ کي پنهنجا پنهنجا سپنا آهن ۽ ائين دنيا منجهه ڪروڙين ڪويتائون آهن، پر تڏهين به اسانجون زندگيون ڦوڳه جيان

۾ انهن پنهنجي ديس جي اخبارن ۾ هن انوکي آزمودي تي ليک لکيا هئا. ٻين ڪي پرديسي جوڙجڪي ڪم ڪندڙن به هن ڪم جي ساراهه ڪئي آهي.اولهه مان ايندڙ آرٽڪ مدد جي آڌار تي، چارو ماستر ۾ ماسترياڻيون تيار ڪرڻ لاءِ سنستا ٺاهي آهي، جئين هوءِ دور دراز جي غريب ڳوٺن ۾ جتي اڃا تعليم جي روشني ڪانه پهتي آهي، نوان اسڪول کولي. سڀ ڪم اهڙي نموني ٿي رهيو آهي جو اهي اسڪول ڳوٺن جي زندگيءَ جو حصو بڻجي پيا آهن. چارو اڪثر جدا جدا ڳوٺن ۾ ڪجهه ڏينهن گهاريندي آهي، جئين اسڪولن جي خود نظرداري ڪري سگهي.

چارو جا وار هاڻ اڇا ٿيڻ لڳا آهن. سالن جي لڳاتار محنت هن کي ڪجهه ٿڪائي به ڇڏيو آهي، پر هنجي منهن تي عجيب شانتي آهي، هن جي چهري تي اهڙو ڪوبه ڀاو نه آهي جو احساس ڏئي نه هنکي ڪو پنهنجي ڪيل ڪم جو غرور آهي، هوءِ هڪ سادگي پسند ڳوٺاڻي عورت آهي جا ڳوٺ جي ٻين رهواسين جيان نديءَ مٿيءَ جي جاءِ ۾ رهندي آهي، سادو کائيندي آهي، سادو هنڊائيندي آهي. بنارس هندو يونيورسٽيءَ مان ڊگري حاصل ڪيل چارو شادي به ڪانه ڪئي آهي. ائين ڀاسندو آهي ته هوءِ پنهنجن غريب ڳوٺن، اجڙيل ٻنين، ڏارون پيل ميدانن ۾ اڌ اُگهاڙن، بکايل انسانن ۾ جانورن جو ڪو حصو آهي. هن جي نرڙ ۾ اکين مان سندس ڌرتي ليکا پائيندي آهي.

ڪجهه وقت اڳ جرمنيءَ جي هڪ سنستا کيس اولهه يورپ جا ڪجهه تعليمي ادارا اچي ڏسڻ جي نيند ڏني هئي، دهليءَ ۾ ڪلڪتي ۾ ڪن تعليمي ڪانفرنسن ۾ سيمينارن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ به کيس نينڊيون مليون هيون، پر چارو پنهنجي ڪاريه کيتر کان پير ٻاهر نه رکيو آهي. سندس چوڻ آهي ته سندس پنهنجي زمين ۾ پنهنجا ماڻهو ئي کيس اتساهه ڏيڻ لاءِ ڪافي آهن.

ماڻڪ پورو ليکه پڙهي وري فوٽي ڏانهن نهاريو. اهو ئي سادو سودو مٽيءَ جهڙو چهرو. وڏو نرڙ، اکين ۾ ڪجهه سوز، وار پنيان چوٽي ۾ ٻڌل. ماڻڪ جي دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿي ويئي. ٽپائيءَ تي نوڪر

اڌ لکيل خط

آرتوار جو ڏينهن، پهريون پهر، ماڻڪ جي اها عادت هئي ته آرتوار ڏينهن، نيرن بعد، آرام ڪرسيءَ تي ليٽي، آرتوار جون ڪئين ٿلهيون اخبارون، پير ۾ ٽپائي تي رکي، سڀ هڪ هڪ ڪري نظر مان ڪڍندو ويندو هو. خبرن کان وڌيڪ سندس شونق مخزن وارن صفحن ۾ هوندو هو. ڪي ليکڪ سندس ڏيان ڇڪائيندا هئا ته اهي ڏاڍي غور سان پڙهندو هو.

ان ڏينهن اخبارون واچيندي، مخزن وارا پنا ورائيندي، ماڻڪ جي نظر جڏهين هڪ فوٽي تي پيئي ته هن هلڪو ڇرڪ پريو. ڪيس چهرو ڪجهه سڃاتل لڳو. هن هيٺيان نالو پڙهيو : چارو مجمودر هو اتساه ۾ اهو ليک پڙهڻ لڳو، جنهن جو تت هو :

بهار بينگال جي سرحد وٽ هڪ ننڍڙي غريب ڳوٺڙي ۾ هڪ عورت رهندي آهي، نالو اٿس چارو مجمودر. هوءَ آس پاس جي اٺن ڏهن ڳوٺن ۾ ٻارن لاءِ ڪئين اسڪول هلائيندي آهي. ڪئين ڏهاڪا اڳ هن پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ هڪڙو اسڪول کوليو هو، جتي پڙهندڙ ٻارن کي هن سکيا ڏيئي ماستر ۽ ماسترياڻيون بڻايو ۽ انهن جي مدد سان هوءَ هاڻ ڪئين اسڪول هلائيندي آهي. تعليم جو سرشتو سرڪاري تعليمي سرشتي کان بلڪل نرالو ۽ ڳوٺن جي حالتن سان ٺهڪندڙ آهي. هنن اسڪولن ان علائقي جي ڳوٺن جو وايو منڊل ئي بدلائي ڇڏيو آهي ۽ ڪيترن تعليم دانن جو ڌيان ڇڪايو آهي. ڪجهه وقت اڳ ڊينمارڪ مان به ماسترياڻون اتي ٽي مهنا اچي رهيون هيون

ڏينهن هو ليٽي نہ سگهيو. اخبار هٿ ۾ ڪٽي، ڍڪيل وڏيءَ بالڪنيءَ ۾ ٽنگيل پينگهي تي اچي وينو. يادگريون سندس ذهن ۾ گڏ ٿيڻ لڳيون.

زندگي جو پنڌ ڪٿان شروع ٿيندو آهي ۽ ڪٿي پهچائيندو آهي: هو جڏهين ننڍو هو تڏهين هاڻ کان ڪيترو نرالو هو. بنارس يونيورسٽيءَ جون جهجهيون سندس اکين اڳيان ڦرڻ لڳيون. هن گذريل اڌ صديءَ ۾ دنيا بدلجي ويئي. هو ڪراچيءَ کان بنارس پڙهڻ ويو هو. پر ايترو دور وڃڻ جي ڪهڙو ضرورت هئي؟ ڪراچيءَ ۾ بہ تہ ڪاليج هئا. ماڻڪ جو من انهن اُميدن آشائن، انهن اڻڇٽن خيالن کي ٽٽولڻ لڳو جي کيس ڪراچيءَ کان بنارس ڇڪي ويا هئا.

اجا ماڻڪ پهرئين سال ۾ هو، مهاتما گانڌيءَ هندستان ڇڏي وڃو واري هلچل جي شروعات ڪئي هئي. هاڻ سوچيندي عجب لڳندو آهي تہ گانڌي هن ملڪ ۾ ئي رهندو هو. اهو هندستان پيو هو، هندستان جا رهواسي پيا هئا، هندستان جا نوجوانن پيا هئا، ماڻڪ بہ پيو هو، اڄ کان بنهہ نرالو. ديس جي آزاديءَ جي هلچل ۾ هو بہ ٻين شاگردن سان گڏ ٽپي پيو هو. پهرين اسٽرائيڪ تي پوءِ ڪاليج بند ٿي ويا. ماڻڪ کي هاسٽل ۾ رهندڙ ڇوڪرن پنهنجو ليبر چونڊيو هو. ماڻڪ کي هاڻي ياد ڪري ڏاڍو عجب لڳو تہ تڏهين هو ڪيتريون جوش ڀريل تقريرون ڪندو هو. ڇوڪرين جي هاسٽل پاران چارو کي ليبر چونڊيو ويو هو. هو ٻئي گڏجي ڪم ڪندا هئا. پوليس جي ڊپڙ ڊونس جاري هئي. جيل ڀرجڻ لڳا هئا. ماڻڪ ۽ چارو ٻئي زير زمين ٿي ويا هئا. هر ٻئين ٽئين ڏينهن هنن کي رهڻ جون جهجهيون بدلائڻون پونديون هيون. ڪڏهين بنگلن ۾ تہ ڪڏهين جهوپڙين ۾ پندرهين ويهين ڏينهن ئي سندن ملاقات ٿيندي هئي.

ماڻڪ جيڪو سنڌ جي سٺن ڪاڏن تي هريل هو، اهو در در ڀٽڪندي. ٻکون ڪڏندي بيمار ٿي پيو هو. انهن ڏينهن ماڻڪ ۽ چارو ٻئي هڪ دوست جي گهر رهيل هئا. چارو سڄو ڏينهن ڪمن ۾ مصروف رهندي هئي، رات جو ڪنهن ڊاڪٽر کان دوائون وٺي

ڪڏهين ڪافي رکي ويو هو ڪيس سمڪ نہ پيئي هئي. هو ان فوٽي ڏانهن نهاريندو ئي رهي ها، جيڪڏهن نوڪر اهو اطلاع نہ اچي ڏئي ها تہ گهر جا سڀ ڀاتي منجهند جي مانيءَ لاءِ ميز تي ويٺا آهن.

هفتي ۾ هڪ دفعو ئي گهر جا سڀ ڀاتي آرتوار جي منجهند جي ماني گڏ هڪ ميز تي کائيندا آهن. ٻئي سڀ ڏينهن، ٻارن سوڌو، سڀ ٽڪرن ۾ هوندا هئا، نوڪرن کي سڏ پيا پوندا هئا ۽ سڀڪو پنهنجي سهوليت موجب کاڌو کائيندو هو. ماڻڪ کاڌي کائڻ واري ڪمري ۾ پهچي ڏٺو تہ اتي گوڙ لڳو پيو هو. سڀڪو پنهنجي ڳالهہ ڪري رهيو هو، ڪنهن جو بہ ٻئي ڏانهن ڌيان نہ هو، هو پنهنجيءَ مقرر ڪرسيءَ تي اچي ويٺو ۽ پنهنجي پليٽ ۾ کاڌو پائڻ لڳو. ماڻڪ سوچيو، پڪ سندس چهرو سندس اندر جي آنڌمانڌ کي ظاهر ڪندو هوندو، سٺو ٿيو جو ڪنهن ڏانهن نهاريو بہ ڪانہ. هو سانت ۾ کائڻ لڳو. ميوو کائي جڏهين هو بيڊ روم ۾ پهتو تہ سندس پتني مايا منجهند جي ننڊ لاءِ تياري ڪري رهي هئي. مڙس کي ڪمري ۾ آيل ڏسي چيائين. ياد اٿيئي اڄ شام جو شادي تي هلڻو آهي. ٻئي ڌريون بيئنل آهي، شاديءَ پيڪيدار ٿيندي. تمام گهڻا سڄاتل ماڻهو گڏجندا.

ماڻڪ وراڻيو : ياد اٿم.

مايا منهن پٺ طرف ڪري ليٽي هئي. پر وري مڙي مڙس کي مخاطب ٿي چيائين : منهنجي ٽنهي ڪٽي پارٽين جون ساهيڙيون ايندي. مان تہ پنهنجي لاءِ نئين ساڙهي وٺي آئي آهيان جيڪا اڳي بہ ڪانہ پاتي اٿم. تون بہ اهو نئون سوٽ پائجانءِ جو اڳئين مهني سبايو هوءِ.

اهو سوٽ تہ گرم آهي ۽ اڄ تہ ڪافي گرمي....

مايا ست اڌ ۾ ڪٽيندي چيو : هوٽل ائيرڪنڊيشن آهي. سڀ مرد تہ گرم فل سوٽ پائي ايندا آهن. ۽ هوءَ جواب پائڻ کان اڳہ پاسو وراٽي سمهي پيئي. ڪن ڪنن بعد ئي ماڻڪ کي مايا جا ننڊ ۾ ساهہ کڻڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳا.

آرتوار ڏينهن منجهند جو ماڻڪ بہ ڪا ويل ليٽندو هو. پر ان

سگهندا.

ماڻڪ جي منهن تي ننڊڙي مرڪ آئي هئي.

پهرين پئسينجر ريل گاڏي، هڪ هڪ اسٽيشن تي ٻهندڙ ڳوناٽن سان ستيل، مرد، زالون، ٻار، سامان جون وڏيون ٻڌل هڙون، ٻارن جو رئڻ، ٻيڙن جو ائين هلڻ ڄڻ اڌ ساهہ اٿن. ماڻڪ کي پنهنجي بيماري وسري ويئي. ڳڙ سان موڙي ڪائيندڙ ٻارن جي ڇپن تي مکيون ويٺل هيون. هڪ ٻڍيءَ جا اُگهاڙا لڙڪندڙ، سکل ٿڻ ڏسي ماڻڪ منهن ڦيري دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳو هو. چارؤ ڇيو هو. ماڻڪ تون حقيقت کان منهن ڪيئن موڙيندي هندستان اهوئي آهي. مونکي توکي ڳوٺ وٺي هلڻ جو خيال انڪري بہ آيو تہ توکي اصلي هندستان ڏيکاريان.

ان بعد هو بس ۾ ويا هئا. هڪ پراڻي جهور بس، ڪچن رستن تان ڏوڙ کي اڏائيندي، ماڻهن کي پنهنجي پيٽ ۾ نچائيندي ويئي. ماڻڪ ۽ چارو سڪوڙجي، تنگون پيٽ ۾ وجهي، هڪ بينچ نماسيٽ تي دريءَ پر ۾ وينا هئا. ماڻڪ کي همت ڏيارڻ لاءِ چارؤ ماڻڪ جي هڪ هٿ کي سوگهو پڪڙي ويٺي هئي. ماڻڪ دريءَ کان ٻاهر نهاري رهيو هو، چارو ۽ ماڻڪ ٻئي سانت هئا. دري مان اڏي آيل واريءَ چارؤ ۽ ماڻڪ جي صفيد ڪاڏيءَ جي ڪپڙن کي عجيب نموني رڱي ڇڏيو هو. ستيل ماڻهن جي پگهر جي بدبوءِ بس ۾ ڦهليل هئي.

هو جتي لٿا اُتي ڪابہ وسئن نہ هئي. ماڻڪ چوطرف نهاريو. چارؤ ڇيو هو : منهنجو ڳوٺ هتان ٽي ميل ڪن پري آهي. هونءَ تہ مان پنڌ ويندي آهيان، پر تون اجا صعيف آهين، توکي تڪليف ٿيندي. هنن وٽن پنيان هڪ ڳوٺڙو آهي. اُتي شايد بيل گاڏي ملي وڃي.

هو خوشنصيب هئا جو کين بيل گاڏي ملي ويئي هئي. گاڏيءَ ۾ جهوٻا ڪائيندڙ ماڻڪ چوطرف نهاريندي ڄڻ هر نظاري کي پاڻ ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. آس پاس جي اداسائي ۽ ايڪانت سندس انتهڪرڻ ۾ پيهي ويئي هئي. مٿي آڪاس ۾ ٻرندڙ گول سج هو، پيچرو وروڪڙ هو، ڪڏهين ڪڏهين ڪي ٻڍا وڻ تي آيا جن

موٽندي هئي. پنهنجي هٿن سان ماڻڪ کي کاڌو کارائيندي هئي ۽ جڏهن ماڻڪ جو مٿو سور ۾ ڦاٽندو هو ۽ کيس ننڊ نه ايندي هئي ته اڌ رات تائين سندس مٿي کي زور ڏيندي رهندي هئي.

هڪ ڏينهن هڪ تار چارؤ کي مليو. سندس پيءُ سخت بيمار هو. چارؤ چيو هو : ماڻڪ، مونکي ڳوٺ وڃڻو پوندو. مونکي پرون ٽا پون ته منهنجو پيءُ ڪونه بچندو، هو گهڻي وقت کان بيمار آهي ۽ گهر ۾ منهنجي ماءُ اڪيلي آهي.

هوءَ کٽ تي سهيل ماڻڪ جي مٿن کان اچي ويٺي، ماڻڪ جي نرڙ تي هٿ رکي چيائين ۽ هتي تون بيمار آهين. منهنجي پرپٺ تنهنجي پرگهور ڪير لهندو؟

ماڻڪ ڳاڙهين اکين سان چارؤ ڏانهن نهاريو هو.

چارو ڪيتري دير سوچيندي رهي، پوءِ اوچتو چيائين : ماڻڪ، تون به مونسان منهنجي ڳوٺ هل. هن حالت ۾ مان توکي هتي اڪيلو ڇڏي نه ٿي سگهان.

ماڻڪ کي تڏهين ڏاڍو عجب لڳو هو. چارو، جنهن کي هو پاڻ هيڻ سمجهندو هو اها اندر ۾ ڪيتري ڪومل هئي. هزارن جي ميڙن ۾ جڏهين هوءَ تقرير ڪندي هئي ته هڏندڙ اتساهه ۾ بيا انسان بڻجي ويندا هئا. ماڻڪ کي اهو به يقين نه هو ته چارو کيس پنهنجي ايترو ويجهو پائين ٿي جو کيس پنهنجي گهر هلڻ جي نيند ڏئي. ماڻڪ کوبه جواب ڏيئي نه سگهيو هو، صرف شڪرگذاريءَ پريل پنهنجون ضعيف اکيون کڻي.چاروءَ ڏي نهاريو هئائين ۽ پنهنجو هٿ اڳيان وڌايو هئائين. چارو مرڪندي چيو هو : تون پنهنجي ماءُ کي ته ياد ڪونه ڪري رهيو آهين؟

ماڻڪ ڪنڌ لوڏي نانهه ڪئي ته چارؤ ننڍڙو ٽهڪ ڏنو هو. هن چيو : تون هتي هلندڙ هلچل جي به چنتا نه ڪر. سڀ ته جيلن ۾ آهن. هتي رهندي ته توکي به پوليس پڪڙي ويندي. چارؤ پوءِ گنڀير ٿي چيو آهي. ماڻڪ اسان لڙائي کٽي آهي، هارائي نه آهي. هيڏو سارو ملڪ جاڳي اُٿيو هو. هن بعد انگريز هتي گهڻا ڏينهن رهي نه

اٿيئي ڇا؟

ماڻڪ مرڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو : مان ٺيڪ آھيان.

مايا ساڙھي پائيندي چيو : تو منھنجي نئين ساڙھي بہ ڪونہ ڏٺي ۽ ھيءَ نئون ڪنگڻ ڏٺئہ؟ ٻئي خاص اڄ جي پارٽيءَ لاءِ ورتا ھئم.

مايا آرسيءَ وٽ وڃي پاڻ کي ٺاھيندي پنھنجو پاڻ کي پسند ڪندي رھي، اوچتو ٽوڪ واري آواز ۾ چيائين : ھئڙي سھڻي زال ملي اٿيئي، پر ائين پيو ڏيکاري ڏين ڄڻ ڪس لڳي اٿيئي.

اھا فاءِ اسٽار ھوٽل سمنڊ ڪناري ھئي. ماڻڪ، مايا کي واقفڪارن سان ھٿ ملائيندي خوش خيريافت ڪندي اڌ ڪلاڪ لڳي ويو. ھنن ماڻھن لاءِ ھر ھفتي ڏيڊ ڪا پارٽي يا جلسو ھوندو آھي. انھن جلسن بنا سندن زندگي ڄڻ ھڪ اجڙ باغ ھجي ڪا ساوڪ، ڪو گل ڦل نہ ھجي. ھي ڪاڏي پيتي جون پارٽيون جي اڌ رات تائين ھلنديون آھن، ھنن جي زندگيءَ جو لوڻ يا کنڊ آھي. سڀ پنھنجن بھترين ڪپڙن ۾ ھئا، ھر طرف کان ٺھاڪا ڦٽاڪن جيان ٿي اُڏيا.

ڪجھہ دير بعد ماڻڪ نظر بچائيندو، ٺانگہ جيان سرڪندو، ھال کان ٻاھر ان کليل پورچ تي پھتو جتان سمنڊ پسجي رھيو ھو. ھال ۾ وچندڙ اولھہ جي سنگيت بدران ھٽ لھرن جو شور ھو. ماڻڪ جي ھٿ ۾ وسڪيءَ جو گلاس ھو، ھڪ ڪرسيءَ تي ويھي ھو اولھہ طرف لھندڙ سج جي آسمان ڏانھن نھارڻ لڳو.

ماڻڪ سوچيو، ڪو زمانو ھو جڏھين انسان فرصت جي گھڙين ۾ قدرت سان روح رھاڻ ڪندو ھو،ھاڻ انسان پنھنجي وندر لاءِ ھڪ نقلي دنيا جوڙي آھي ۽ قدرت سان سندس ناتو ٽُٽي ويو آھي. ان ڏينھن ڄڻ سالن بعد ھو لھندڙ سج کي ڏسي رھيو ھو.

چارؤ جي ڳوٺ ۾ ھو بلڪل واندو ھو. منجھند جي تپت گھٽجڻ بعد ھو ٻاھر ميدانن ۽ کيتن ۾ نڪري پوندو ھو. روز سج لھڻ ويل ڪنھن ھنڌ ٻھي ڪيتري دير دور اولھہ جي نارنگي رنگ جي افق کي تڪيندو رھندو ھو. ان ويل ھو اندر ۾ عجيب شانتي محسوس ڪندو ھو، سندس سڄي ڏينھن جو ٿڪ غائب ٿي ويندو ھو.

زمين کي ڇانوَ ڏي بخشي. چارو سانت هئي. ماڻڪ لاءِ هوءَ بہ ان پس منظر جو حصو هئي.

اوچتو چارؤ چنتا ڀڏل آواز ۾ چيو هو: ماڻڪ، منهنجو هڪ ڳالهہ ڏانهن ڌيان ئي ڪونہ ويو هو.

ماڻڪ تعجب ۾ چارؤ طرف منهن موڙيو.

چارؤ چيو : شهرن کان اسانجيءَ هيءَ ڳوٺن جي دنيا نرالي آهي. پراڻين ريتن رسمن، صديون پراڻن خيالن ۾ جڪڙيل. اسانجي هن دنيا ۾ عورت کي ڪا نجي، پنهنجي جدا هستي نہ آهي. هوءَ سدا ڪنهن رشتي سان جڙندي آهي. هوءَ ماءُ آهي، ڀيڻ آهي، پتني آهي، ڌيءَ آهي. پر انهن ناتن بنا هوءَ سماج جو حصو نہ آهي!

ماڻڪ چارؤ جي چهري کي تڪيندو رهيو.

چارو ڪجهہ دير سوچيندي رهي. چيائين : مونکي پنهنجو خيال نہ آهي. مان جڏهين بنارس آئي هيس تہ پوري ڳوٺ سان جهڳڙو ڪري آئي هيس. ننڍي هوندي کان،تعليم پرائڻ جي ضد ۾ مون هر موڙ تي بلوو ڪيو هو. پر مونکي تنهنجو خيال ٿو ٿئي. هو توکي عزت ۽ سنيهہ نہ ڏيندا.

پوءِ چارؤ انگريزيءَ ۾ چيو هو جئين ڳاڏي هلائيندڙ سمجهي نہ سگهي. ماڻڪ، جيترا ڏينهن اسين ڳوٺ ۾ آهيون اسانکي پتي-پتنيءَ جو ناٽڪ ڪرڻو پوندو. توکي تڪليف تہ ڪانہ ٿيندي؟

ماڻڪ پنهنجون اکيون چارؤ جي اکين ۾ وڌيون هيون. چارؤ ٿڌو ساهہ ڀري چيو هو : انسان انسان ٿي جيئڻ سکيو نہ آهي. هو سدا نقلي رشتا ڳوليندو رهندو آهي.

شاديءَ جي مجلس ۾ هلڻ جي تياريءَ ۾ مايا کي بہ ڪلاڪ لڳي ويا. آرسيءَ سامهون ويهي اڌ منو ڪلاڪ ميڪ اپ ڪيائين. ڪبٽ جي تجوڙيءَ مان زيور ڪڍي پاتائين، پوءِ مڙس کي سڏ ڪيائين. ماڻڪ کي تيار ٿيڻ ۾ هونءَ اڌ ڪلاڪ ڪن لڳندو هو. پر ان ڏينهن پندرهين منٽن ۾ تيار ٿي ويو.

مايا چيو : تون اڄ سست سست پيو لڳين. طبيعت ٺيڪ ڪانہ

هڪ عجيب اداسائي ۽ سانت ڳوٺ ۾ ڦهليل هوندي هئي. جنهن کي ڪڏهين ڪتن جي ڀونڪڻ جو آواز تنگ ڪندو هو.

چارؤ جي پيءُ جو ڪريا ڪرم به ماڻڪ کي ڪرڻو پيو هو. هو جڏهين مساڻ مان موٽيو هو ته چارؤ کي دروازي وٽ بيٺو ڏٺو هئائين. ٻنهي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو هو، ٻنهي جون اکيون مليون هيون، چارؤ جي اها نهار. هاڻ، هيترن سالن بعد به ماڻڪ جي بدن ۾ هڪ تير جيان چبي ويئي. انسان ڪنهن ويل ڪيترو بيوس ۽ اڪيلو هوندو آهي.

تيرهين جو ڪاريه ڪرم به پورو ٿيو. ماڻڪ ۽ چارؤ ڏينهن ٻن ۾ ڪاليج واپس ورڻا هئا. ان ڏينهن وري چارؤ جي ماءُ سندن هنڌ ڪمري ۾ گڏي لڳايا هئا. ڏيو ٻري رهيو هو. کليل اُبتو ڪتاب ماڻڪ جي پير ۾ رکيل هو. ٻاهر چانڊوڪي هئي. شايد تيرهين هئي ماڻڪ ڪڏهين اکيون کڻي ٻاهر چانڊوڪيءَ ڏانهن ٿي نهاريو. هو ڪجهه به سوچي نه رهيو هو. ماضي، حال، متسقبل ٽيئي گڏجي هڪ ٿي ويا هئا. جڻ زندگي نديءَ جي وهڪري جو وچ وارو حصو هئي، شروعات ۽ پڇاڙي کان ڪٽيل. قدمن جو آواز ٻڌي ماڻڪ منهن دريءَ کان ڦيري دروازي ڏانهن ڪيو هو. چارو هئي.

چارؤ چيو هو : ٻاهر چانڊوڪي آهي. اڄ ٻاهر اڱڻ ۾ چنڊ هيٺ سمهنداسين.

چارؤ پراڻيون فراسيون ڪنيون هيون ۽ ٻاهر اڱڻ ۾ هڪ ٻئي کان پري وڇايون. ماڻڪ جي هٿ ۾ وهاڻا ۽ مٿان اوڙهڻ لاءِ چادرون هيون.

عجيب رات آهي. ماڻڪ چيو هو.

هون چارؤ جي چپن ڦڙڪيو هو. هو پنهنجو چوٽو کولي رهي هئي. ٻيءَ کن ۾ چارؤ جا لسا ڪارا وار ٻنيءَ تي ڪري پيا. ماڻڪ ان چهري ڏي نهاريو، ڪارن ڦهليل وارن واري پس منظر ۾ ميڻائي رنگ واروگول چهرو. اڳه ماڻڪ ڪڏهين به چارؤ کي کليل وارن سان نه ڏٺو هو. هو عجب ۾ ڪجهه دير ان چهري ڏانهن نهاريندو رهيو. ميرانجهڙيءَ روشنيءَ ۾ چارؤ جي ديهه به عجيب پاسي رهي هئي. جڻ هوءَ هڏ ماس جو سرير نه، ڪنهن سنگتراش جو مٽي مان ٺاهيل

چارؤ جو ڳوٺ ڏسي ماڻڪ کي عجب لڳو هو. پوري ڳوٺ ۾ هڪ به جاءِ ثابت سلامت نه هئي، سڀ ڀڳل ڀريل. چارؤ جي گهر جي به هڪ ڀت ڪريل هئي. چارؤ جي ماءُ، چارؤ ۽ ماڻڪ جا هنڌ جاءِ جي ورانڊي نما ڪمري ۾ وڇايا هئا. ان جاءِ کي هڪ ئي ڪمرو هو جتي چارؤ جو بيمار پيءُ هڪ کٽولي تي سمهندو هو.

رات جو ڏئي جي روشنيءَ ۾ ماڻڪ ڀت کي ٽيڪ ڏيئي ڪو ڪتاب پڙهندو رهندو هو. گهر جو ڪم ڪار لاهي چارو دير سان ان ڪمري ۾ ايندي هئي ۽ ماڻڪ جي سامهون فراسيءَ تي اچي پلٿي ماري وهندي هئي.

ڳوٺ پهچڻ سان چارو بدلجي ويئي هئي ڪاليج جي هڪ شاگرداڻي بدران هوءَ ان ڳوٺ جي ئي ڪا سگهڙ عورت لڳندي هئي. ڳوٺ جي عورتن جيان ڪپڙا پهرڻ، انهن جيان سڄو گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ. پيءُ جي پوري سار سنڀال هوءَ ئي لهندي هئي.

چارؤ چيو هو : ماڻڪ مان ششدر آهيان، توکي سنو ڪاڏو به ڪارائي نه ٿي سگهان. مون بندوبست ڪيو آهي، سڀاڻي کان ڪجهه کير ملي ويندو، مان تنهنجي لاءِ سڀاڻي کان ڏهي به ڄمائيندس.

ماڻڪ ڪتاب پر ۾ رکي چيو هو : چارو، هتي پهچڻ سان الائي ڪيئن مان پاڻ کي ٺيڪ پيو سمجهان. شايد اسانجو بدن اسانجي مانسڪ استٿيءَ سان تندرست يا بيمار رهندو آهي.

چارؤ نندڙو ٽهڪ ڏنو هو.

ماڻڪ پڇيو هو : تنهنجي پيءُ جي طبيعت هاڻ ڪيئن آهي؟

چارؤ ڪنڌ لوڏيو هو. بابا ٿورن ڏينهن جا مهمان آهن. چارؤ رڪي، رڪ جيان سڪل آواز ۾ جواب ڏنو هو.

ٿوري دير ڳالهيون ڪرڻ بعد چارؤ پٽ تان فراس ڪٺندي چيو هو : مان بابا جي ڪمري ۾ وڃي ٿي سمهان.

ماڻڪ رات جو دير تائين ڪتاب پڙهندو هو ۽ ڏينهن جو ڳوٺ ۽ آس پاس چڪر ڏيندو هو. ڳوٺ جي سڀني ماڻهن ۽ جانورن جا پيٽ پنيءَ سان لڳل هئا. ڍنڍ جاين جي به ڪنهن صفائي نه ڪئي هئي.

ان بعد هو ڳالهيون ڪندا رهيا. ڪڏهين ڪڏهين وچ ۾ ڏکهي سانت اچي ٿي ويئي. ماڻڪ کي اهي ڳالهيون ياد نه آهن. پر ماڻڪ کي ان رات لڳو هو ته هو ٻه انسان هڪ ٻئي جي ڪيترو ويجهو آهن ۽ هڪ ٻئي کان ڪيترو دور آهن ۽ مٿي چنڊ آهي جو ٻنهي کي هڪ ٻئي جي ويجهو به ٿو آڻي ۽ ٻنهي کي پنهنجي سماج، مٽن مائٽن کان الڳ ڪري، اڪيلا، صرف انسان ٿو بڻائي.

ڪار ۾ مايا چيو : تون ڪٿي هئين؟ مون ٻه ئي نظرون ڦيرايون، تون ڪٿي به نظر نه آئين.

ماڻڪ ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. هو ڪار مان ٻاهر نهاري رهيو هو. رستي تي ٻنهي پاسن جي فوٽ پاٿن تي ماڻهون سمهيا پيا هئا. ائين پئي لڳو ته انسان نه، پراڻا ڪپڙا هِت هُت ٽڙيا پکڙيا پيا آهن، تر ڇڻ جي جاءِ نه هئي. هن پاڻ کان سوال پڇيو : بمبئيءَ جي رهواسين جو گهڻو حصو فوٽ پاٿن تي راتيون گذاريندو هوندو؟ پر هو ڪو جواب ڳولهي نه سگهيو.

مايا پنهنجي ساهيڙي جون ڳالهيون ڪري رهي هئي. سيني کي منهنجي ساڙهي ۽ ڪنگڻ وڻيا. سڀني پڇي رهي هئي ته مون هيءَ ڪنگڻ ڪنهن کان نهرايو آهي. اوچتو هن ڳالهه ڦيرائي چيو : خبر اٿيئي هن شاديءَ جي رسيپشن تي ملاٽيءَ جو پنج لک کن خرچ آيو آهي. چونڊا ڏيءَ کي ڏهن لکن کان مٿي ڏنو اٿائين.

اوچتو ماڻڪ بريڪ پيڊل کي زور سان دٻايو. اڳيان هڪ شرابي لڏي لمي وچ رستي تان وڃي رهيو هو. ڦاٿل پراڻن ڪپڙن ۾ شرابي بچي ويو.

ڪار پنهنجي رفتار واري پڪڙي ورتي ماڻڪ سوچيو شايد ڪنهن شرابيءَ جي ڪار هينان هيءَ شرابي اڄ پنهنجي جان کوهيندو ۽ ڪنهنکي خبر ڪانه پوندي.

بيڊروم جون سڀ بتيون روشن هيون. وڏو پلنگ هڪ اسٽيج بڻجي پيو هو جو سرچ لائيٽس جي تکن ڪرڻن ۾ روشن هو. اها مايا جي ريت ٿي ويئي هئي. هوءَ جڏهين به مڙس سان گڏ ڪنهن پارٽيءَ

بوتو هئي. ماڻڪ کي لڳو تہ چارؤ جي اکين ان سنهي، اونداهہ ۾ لپيٽيل روشنيءَ ۾ بہ ماڻڪ جي نظرن کي ڀانپيو. ٻئي پنهنجن پنهنجن هنڌن تي ويٺا ڪجهہ دير چنڊ ڏانهن نهاريندا رهيا.

چارؤ چيو هو : ماڻڪ، تون اڪيلو هوندي؟

نہ مان اڪيلو نہ آهيان.

زندگي ۾ مون ايتري اڪيلائي ڪڏهين بہ محسوس نہ ڪئي، جيتري بابا جي وڃڻ بعد ڪري رهي آهيان.

ڏينهن گذرڻ سان سڀ ساڳيو بڻجي ويندو آهي.

ڪيتريءَ دير بعد چارؤ چيو هو : تڏهين بہ سڀ ساڳيو نہ هوندو آهي. ڪجهہ دير سانت رهي.

چارؤ پڇيو : تون ڇا سوچي رهيو آهين؟

مان تنهنجي ڳوٺ بابت سوچي رهيو هوس.

منهنجو ڳوٺ اتهاس جي گرنٿ جو هڪ پنو آهي.

۽ تون؟ بنا سوچ جي ماڻڪ پڇي ويٺو.

مان ان پني جو هڪ لفظ.

ماڻڪ چارؤ ڏانهن نهاريو هو. چانڊوڪي ايتري سانت ڇو ڦهلائيندي آهي؟ ۽ هيءَ ڏرتي چانڊوڪيءَ ۾ ماءَ جي ديهہ جيان ڇو ڀاسندي آهي، جا پار جي منهن ۾ ٿڻ ڏيئي ننڊ ۾ سانت ساهہ کڻندي هجي.

تون هن چانڊوڪي ۾ عجيب لڳي رهي آهين.

هون چارؤ وٽن تان نگاهون هٽائي ماڻڪ ڏانهن نهاريو هو.

ڪا بي، جنهن کي مان نہ سڃاڻان.

شايد سچ آهي. مونکي بہ ڪڏهين ڪڏهين لڳندو آهي تہ اسين هڪ ٻئي کان ڪيترا دور آهيون، ڪجهہ دير بعد هن جملي ۾ ڳنڍيو: : ۽ ويجهابہ

ماڻڪ کي ڪو جواب نہ سجهيو هو.

چارؤ چيو : هرڪو انسان پنهنجو اتهاس کڻي جيئندو آهي. تون پنهنجو اتهاس کڻي جيئندي، مان پنهنجو.

هاسٽل، لئبري، سانجهي جو رانديون. ماڻڪ ۽ چارؤ جون وشيون ڀن هيون ۽ هاسٽل هڪ ٻئي کان دوريءَ تي، جنهنڪري هنن جي گڏجاڻين ۾ وقت جي وٿي پئجي ويندي هئي. اهي سال ڏاڍا تڪڙا گذريا هئا.

ماڻڪ کي اها سانجهي جي ياد پيئي. اهو سندن آخرين سال هو. امتحان پورا ٿي چڪا هئا. هو ۽ چارو اوچتو يونيورسٽي آفيس ٻاهران گڏيا. ٻنهي جا قدم هڪ ٻئي طرف وڌيا هئا، پر ٻنهي جي نگاهن ۾ تعجب هو، ڄڻ چئي رهيون هيون : تو ڪير آهين؟

ماڻڪ پڇيو هو : چارو تون هتي؟

آفيس ۾ ٿورو ڪم هو. چارؤ مختصر جواب ڏنو هو.

هل ڪٿي اڪيلائي ۾ هلي وهون.

اڄ سارنات ڏسڻ تي دل ٿي آهي. چارؤ چيو هو. ٻئي سائيڪل رڪشا تي سوار ٿي سارنات پهتا هئا.

ڪٿي هلون؟ ماڻڪ پڇيو هو.

ٻوڏي يونيورسٽيءَ جي ڪنڌرن ۾

ٻئي ڪنڌرن سامهون وينا هئا، هڪ ٻئي ويجهو. وڻن ۾ پکين جو شور هو، آسمان ۽ ڌرتي سانت هئا.

چارو، تو ڪاليج بعد ڇا ڪرڻ جو ويچار ڪيو آهي؟

مان پنهنجي ڳوٺ موٽي ويندس.

پوءِ؟

مان اتي اسڪول کوليندس.

تون ان ننڍڙي پڙپانگ ڳوٺ ۾ رهي سگهندينءَ؟

مان اتيئي ڄائي هيس. چارو ڪجهه دير سانت رهي هئي. وري چيائين : ماڻڪ، مان ننڍي هوندي پير واري ڳوٺ ۾ پڙهڻ ويندي هيس. ٻه ميل اچڻ، ٻه ويل وڃڻ. اهو رستو ٻنيءَ جي وچ وارن پيچرن مان هوندو هو. وچ رستي تي بانس جي وڻن جو ننڍو ٻيلو هو. مان اڪثر اتي ڪجهه دير ساهي پٽيندي هيس. اُس ۽ برسات ۾ پنڌ ڪندي مان اڪثر سوچيندي هيس : اسانجي ڳوٺ ۾ اسڪول ڇو ڪونہ

تان اڌ رات جو موٽندي هئي ته بيڊروم جون سڀ بتيون ٻاري پوءِ ڪپڙا بدلائيندي هئي. هن سلڪ جي نئين نائيٽي ڪڍي پاتي جنهن مان سندس اُگهاڙا ڳاڙها گلابي ڪلها، ڪڇون، ڇاتي، روشنيءَ ۾ ڪششدار لڳي رهيا هئا. ماڻڪ پتنيءَ ڏانهن نهاريو، هو سمجهي ويو اڄ هن جي دل آهي. مايا آرسيءَ وٽ ويهي وارن کي ڦاهي رهي هئي ۽ بدن جي ڪن ڀاڱن کي سينٽ هڻي رهي هئي.

اونده ۾ اوچتو مايا ٻئي هٿ ماڻڪ جي ڇاتيءَ تي رکي سندس بدن کي پاڻ کان پري ڪندي چيو : پي پي، تنهنجي وات مان شراب جي بانس اچي رهي آهي. سڄو مزو ڪرڪرو ٿي ويو.

ماڻڪ ششدر ٿي ويو. هن هوٽل ۾ صرف پيتو هو، کاڌو ڪونه هو.

دير رات جو، ماڻڪ گهڻن ڏينهن بعد، ننڍي لکڻ جي ميز اڳيان ٽيبل لئمپ ٻاري ويٺو هو. ڪو زمانو هو، هو آفيس جو ڪم گهر به کڻي ايندو هو، ان بعد ڪيترا سال اها ميز ڪم نه آئي هئي. مايا ننڊ ۾ الوپ هئي، ايئرڪنڊيشنر جو ڌيمو آواز ڪمري ۾ ڦهليل هو. ماڻڪ خاني مان پنهنجي نالي سان ڇپيل پئڊ ۽ پين ڪڍي ۽ خط لکڻ شروع ڪيائين :

پريه ڇارؤ،

ماڻڪ لکيو ۽ سندس قلم رڪجي ويو. پريه لفظ ڪيس عجيب لڳو. سندس ۽ ڇارؤ وچ ۾ ڪهڙو رشتو هو؟ ڇا انساني سنٻنڌن کي ڪنهن به ناتي جي لفظ سان قيد ڪري سگهجي ٿو. انساني ويجهائي جو اهو اڌورو اڄاتل سنٻنڌ، سدا سنڄها جي ميري اونڌه جيان، غيبي ۽ اسپشٽ هوندو آهي. ماڻڪ ان رشتي کي ڪهڙو نالو ڏئي؟ پر ماڻڪ کي ٻيو ڪو موزون لفظ نه سجهيو ۽ هن اڳتي لکڻ شروع ڪيو.

اڄ اخبار ۾ تنهنجو فوٽو ڏٺم ۽ توتي لکيل ليکه پڙهيم.

ماڻڪ وري منجهي پيو ته اڳتي ڇا لکي. هو وري يادگرين ۾ کوهجي ويو.

هو موٽي ڪاليج آيا هئا. وري سڀ ڪجهه ساڳيو. ڪلاس،

صرف چارؤ جي مٿي تي هٿ رکي چيو هو: چارو تون تہ بهادر آهين.

ان سانجهيءَ اونداهہ ۾ جڏهين هو اُٿيا هئا تہ پنهي جا من پريل هئا، جڏهين رڪشا ۾ موٽيا هئا تہ پنهي مان ڪنهن بہ ڪونہ ڳالهايو هو.

ماڻڪ وري خط لکڻ شروع ڪيو.

چارؤ، ڪراچيءَ ۾ مونکي تنهنجو خط مليو هو. مان تڏهين توکي جواب ڏيئي ڪونہ سگهيو هوس. جڻ منهنجو هيءَ خط ان جو جواب آهي. تو لکيو هو پنهنجي ۽ ڪٽنب جي سلامتيءَ جو احوال ڏج. پر تڏهين حالتون اهڙيون مجبوريءَ واريون ٿي پيون هيون جو سنڌي هندن ڀڄڻ شروع ڪيو هو. ڪراچيءَ ۾ پهريون دفعو ڦرلٽ ٿي هئي.

منهنجي پيءُ جو گهٽو پئسو زمينن ۽ جاين ۾ لڳل هو. انهن کي نيڪال ڪرڻ سولو نہ هو. منهنجي پيءُ کي دل جي تڪليف ٿي پيئي. ڦرلٽ کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ مان ننڍين ڀينرن ۽ ماءُ پيءُ کي وٺي بمبئي ڀڄي آيس.

چارو، هن خط لکڻ ويل جڏهين ياد ڪريان ٿو تہ لڳيم ٿو مان سڀ ڪجهہ اتي ڇڏي آيس. پاڻ کي، توکي، پنهنجن يارن دوستارن کي، پنهنجي ماضيءَ کي، پنهنجي سک-سپنن کي. چارو، هن وڏي بنا هرديہ شهر ۾ اچي مونکي لڳو هو تہ مان توکي بہ سنڌ ۾ ڇڏي آيو هوس. مونکي ياد ٿي اچي اها ميز جنهنجي خاني ۾ تنهنجا خط رکيا هئا، تنهنجا، منهنجا ۽ اسانجا گڏيل فوٽا لفافن منجهہ پيا هئا. منهنجي ننڍي هوندي جي ڊائري هئي ۽ اهو ڪبٽ جنهن ۾ منهنجا پيارا ڪتاب هئا. جن ڪتابن جي پنن تي منهنجي آڱرين جا نشان هئا، جي پنا منهنجي ساهہ سان ڇهيل هئا، ۽ انهن ۾ اهي ڪتاب بہ هئاجي تو مونکي ڪن موقعن تي سوکڙي ڪري ڏنا هئا. اهي سڀ مان اُتي ڇڏي آيس. سڀ کان وڌيڪ مان پاڻ، پنهنجي ماضيءَ کي اُتي ڇڏي آيس، هاڻ مان بنا ماضيءَ آهيان. مان اصلي ماڻڪ نہ آهيان، مان نقلي ماڻڪ آهيان، مان اهو انسان نہ آهيان جو تو ڏٺو هو، جو تنهنجو دوست هو......

آهي؟ ۽ ائين ڳوٺ جا ٻار، ننڍڙا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون منهنجي اڳين اڳيان ڦرندا هئا ۽ تڏهين ئي مون پاڻ کي چيو هو تہ مان جڏهين وڏي ٿيندس تہ پنهنجي ڳوٺ ۽ ٻارن لاءِ اسڪول کوليندس.

ماڻڪ لهندڙ سج جي روشنيءَ ۾ چارؤ جي ڳول منهن ڏانهن نهاريو هو. ڪيس اهو چهرو ننڍڙو سورج لڳو هو.

چارؤ چيو هو : تعليم لاءِ مان سڄي سانير ڳوٺ کان دور رهي آهيان، پر اهو ڳوٺ ڪڏهين بہ منهنجي من جي اکين کان دور نہ ويو آهي. مان سدا ان کي سارينديي رهي آهيان. مون سدا پاڻ کي ان ڌرتيءَ جي ڌيءَ سمجهيو آهي.

اوچتو چارؤ پڇيو هو : ماڻڪ، تو ڇا سوچيو آهي پنهنجي آئينده بابت ؟

ماڻڪ ڪجهہ دير سوچيندو رهيو پوءِ چيو هئائين : مونکي لڳي ٿو منهنجي اڃا تعليم پوري نہ ٿي آهي، مان وڌيڪ پڙهندس.

ٻئي سانت ۾ وڌندڙ اوندهہ ڏي نهاري رهيا هئا.

چارؤ چيو هو : لڳي ٿو هندستان جلد آزاد ٿيندو.

ماڻڪ وراڻيو هو : ورهاڱي جون بہ ڳالهيون ٿي رهيون آهن.

چارؤ چيو هو : ڇا سچ پچ اسين جدا جدا ملڪن جا رهواسي ٿي ويندا سين؟ ڇا اهو ممڪن آهي؟

تاريخ پڙهڻ سان لڳندو آهي، انسان اڃا اڻسڌريل آهي.

اوچتو چارو ماڻڪ ڏانهن مڙي هئي، هنجي عادت هئي تہ جڏهين بہ هوءِ اتساهہ يا جوش ۾ ايندي هئي تہ اڳلي جو هٿ پڪڙيندي هئي. هن ماڻڪ جي هٿن کي پڪڙي چيو هو : ۽ ملڪ جي ڪن حصن ۾ فساد شروع ٿي ويا آهن. ماڻهون هڪ ٻئي کي کهي رهيا آهن، عورتن جا ست لٽجي رهيا آهن.

ماڻڪ شانت رهيو هو. چارؤ جو آواز رئڻهارڪو ٿو ويو هو. اوچتو ماڻڪ پنهنجن هٿن تي چارون جي ڳول ڳوڙهن کي محسوس ڪيو. ماڻڪ عجب ۾ چارؤ جي چهري ڏانهن نهاريو هو. سندس دل ٿي هئي هو چارؤ جي چهري کي هٿن ۾ جهلي سندس نرڙ کي چمي. پر هن

هڪ ننڍڙي مرڪ

راڄن، ڪپڙا بدلائيندي، ريٽا کي، جا رنڌڻي ۾ رات جي ماني جي تياري ڪري رهي هئي، چيو : لفٽ ۾ گهڙڻ ويل ڏٺم تہ ڊاڪٽر پمناڻي لفٽ مان ٻاهر نڪتو، شايد بلڊنگ ۾ ڪير بيمار اهي.

ريٽا هٿن ۾ ڪاڏي جون شيون کڻي اچي ميز تي رکيون. پليٽون نئپڪن سان صفا ڪندي چيائين : رتي بيمار آهي، اڄ آفيس بہ ڪانہ ويئي هئي.

راڄن مانيءَ جو پهريون گرهہ وات ۾ وجهندي چيو : اڄ مونکي آفيس ۾ ڪم ڪرڻ ڪونہ پيو پچي. ائين پيو لڳي ڄڻ طبيعت ٺيڪ نہ هئي.

ريٽا راڄن ڏانهن جاچيندڙ نگاهن سان نهاريو، پوءِ ڪاڏو ڪائيندي چيائين پڌر ڏينهن موڪل آهي. ڊاڪٽر کان جاچ ڪرائي اچج.

ٻار ڇا پيا ڪن؟

پڙهن پيا. ٽرمينل امتحان ويجها اٿن.

ٻئي سانت ۾ کائي رهيا هئا. وڏي شهر جي گوڙ شور ۾ ماٺائي اچڻ لڳي هئي.

ريٽا چيو : ڀڳوان وٽ انصاف ڪونهي.

راڄن اندر ۾ ننڍو ڇرڪ پريو. سوالي نگاهن سان پتنيءَ ڏانهن نهاريائين.

ريٽا چيو : رتي ڪيتري سني ڇوڪري آهي، پر مڙس کهڙو نصيب ۾ لکيل هوس! شاهوڪار بيٺل گهر جي ڏيءَ ڪٽي اچي ڦاٿي!

ماڻڪ جو قلم رڪجي ويو، هو وڌيڪ لکي نه سگهيو. هن اخبار هٿ ۾ کنئي ۽ چارؤ جي فوٽي ڏي نهارڻ لڳو. چارؤ جي وارن ۾ هڪ اڇي چڳه ڪيس ڏسڻ ۾ آئي، هن چارؤ جي اکين ۾ نهاريو انهن ۾ هڪ سوز هو، پر اهو هڏجي اکين جي دک جهڙو هو، دک سان گڏ هڪ شانتي، ڪروڻا ۽ سادگي جو عجيب ميلاپ، ماڻڪ جون اکيون ڏنڌليون ٿيڻ لڳيون، ڇڻ انهن ۾ آنسون هجن. پر انهن ۾ پاڻي نه هو، اهي سڪل هيون، انهن ۾ دک جي ڇايا هئي. جو سامهون آهي اهو نه، ڪجهه ٻيو ڏسڻ جي چاهنا هئي. هن کي لڳو اخبار ۾ جيڪو فوٽو هو اهو چارؤ جو نه هو، اهو ڪو روشن گولو هو. نه، سمنڊ ڪناري هٽ ۾ ڪنيل واريءَ جي ڀڪ جو چتر هو، نه ٽڙيل سورجمکيءَ جو گل هو، جو سڄ کي پهچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

ماڻڪ ٿڪ محسوس ڪرڻ لڳو هو. هو ڪرسيءَ تان اٿيو سندس پير کي ننڊ اچي وئي هئي، پريات ويجهي هئي، هو بتي وسائي پلنگ طرف وڌيو.

جنوري 1995

●●●●

تي لڳو.

صوفا تي آرام سان ويهي ٽي.وي. ڏس، پر آواز وڏو نہ ڪج، ٻارن جي پڙهڻ ۾ وگهن پوندو. مان ٿورو رتيءَ کي ڏسي اچان.

راڄن صوفا تي ويهي ٽي.وي. ڏسڻ لڳو. چترهار جو پروگرام هو. فلمي گيتن تي نائڪ ۽ نائڪا نچي ٽپي ڦيرا پائي رهيا هئا. پٺيون پس منظر هر هر بدلجي رهيو هو، ڪڏهين پهاڙ هو، ڪڏهين ندي، ڪڏهين سمنڊ جو ڪنارو نائڪ ۽ نائڪا جا ڪپڙا بہ هر هر بدلجي رهيا هئا. نائڪا ڪڏهين ساڙهيءَ ۾ هئي تہ ڪڏهين پنجابي ڊريس ۾ تہ ڪڏهين شرٽ ۽ جين ۾. روز جيان اڄ هيءَ پروگرام راڄن کي پرچائي نہ سگهيو، کيس لڳو سندس من اُڪتائيل اُڪتائيل آهي، کيس ٽي.وي. ۾ نچندڙ ماڻهو انسان نہ لڳا. هو پلئسٽڪ جا رانديڪا هئا، جي بئٽري جي طاقت تي نچي ٽپي رهيا هئا. هن اُٿي ٽي.وي. بند ڪري ڇڏي.

هو سوچڻ لڳو انسان جي زندگي ڪيتري بي نڪي ۽ ٿڪائيندڙ آهي. روز روز ساڳيو ڪم ڪرڻو پوندو آهي، بنا ڪنهن مقصد جي زندگي کي ڪا معنيٰ نہ آهي، جيئڻ هڪ عادت آهي. اڄ آفيس ۾ ڪم ڪندي سندس بدن ۽ آتما ٻئي ٿڪجي پيا هئا.

ان ويل ريٽا پاسي واري گهر مان واپس آئي، چيائين : دير تي ويئي. تون ٽي.وي. ڇو بند ڪئي؟

ڏسڻ ۾ مزو ڪونہ آيو.

تون اڄ ٿڪل پيو لڳين. مان ٻارن کي سمهاري پنهنجو بسترو بہ ٺاهي ٿي وٺان. تون اسپرن جي گوري وٺي سمهہ. ننڊ اچي ويندءِ.

دروازي وٽ پهچي ريٽا مڙس ڏانهن نهاريو. چيائين : رتيءَ کي سؤ ٻہ بخار هو، پر بخار ۾ بہ هوءَ مرڪي رهي هئي.

ڪجهہ دير سندس من پنهنجو پاڻ ۾ ڪجهہ ٽٽوليندو رهيو، پوءِ راڄن چرڪ پريو. ڪئين نظارا سندس اکين اڳيان چترن جيان ڦرڻ لڳا.

هن کي روز صبوح جو اُٿڻ ۾ دير ٿي ويندي آهي. پهريون خيال جو کيس ايندو آهي تہ سندس روز واري بس نہ ڇٽي وڃي. هو هرکو ڪم تڪڙ ۾ ڪندو آهي، هر هر گهڙيال ڏانهن نهاريندو آهي. اخبار

چونتا هاڻ تہ سندس مڙس روز پي ايندو آهي. خبر اٿيئي رتيءَ جي پگهار وڌي آهي.

راجن ڪوبہ جواب سوچي نہ سگهيو. هو سانت ۾ ماني کائيندو رهيو. ٻئي ڪمري مان سندس ڌيءَ جو ڪتاب پڙهڻ جو آواز اچي رهيو هو.

ريتا ڳالهہ وڌائيندي چيو : هاڻ رتي آفيسر بڻي آهي. هزار کن پگهار وڌي اٿس.

راجن جي چهري تي ڪجهہ گنڀيرتا آئي، ڄڻ ڪا خاص خبر ٻڌي هئائين.

ويچاري صبوح جو سويل اُٿي گهر جو ڪم ڪار ڪري، ٻارن کي اسڪول لاءِ تيار ڪري، سيني کي نيرن ڪرائي منجهند جي ماني ڏاهي مڙس کي ڏئي ۽ پاڻ ڪٽي وڃي. سڄو ڏينهن آفيس ۾ ڪم ڪرڻ بعد وري رات جو ڪم. ريتا جي آواز ۾ عورت جو لڪل درد هو.

راجن ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو.

ريتا چيو : راجن، پڳوان عورتن جي زندگي اهڙي دکمئہ ڇو بڻائي آهي؟ زمانو بدليو، چيو ويندو آهي سڀ ڪجهہ بدليو آهي، پر عورتن جو نصيب نہ بدليو آهي.

راجن گرڙي ڪري آيو هو، نئپڪن سان هٿ اُگهندي پڇيائين : ڇا مسٽر ساجناڻي وڏيڪ پئڻ لڳو آهي.

ريتا چيو : چونتا، هاڻي تہ ڏنڌي ڏانهن بہ ڌيان ڪونہ ٿو ڏئي. پورو ڏنڌو چوپٽ ٿي ويو اٿس. هاڻ زال جي پگهار مان ئي گهر هلندو آهي.

راجن سکل آواز ۾ چيو : اهو ڏنڌو بہ تہ سندس سهرس کيس ڪڍائي ڏنو هو.

ريتا اپو ساهہ پريندي چيو : مائٽ ڌيءَ لاءِ سؤ اُميدون سانڍين، هزار حيلا هلائين، پر جڏهين نصيب بہ ساٿ ڏئي نہ !

راجن کي آفيس ۾ گهاريل ڏينهن ياد پيو. چيائين : مان اڄ پاڻ کي ٿڪل ٿڪل پيو محسوس ڪريان. آفيس ۾ ڪم ڪرڻ ۾ من ڪونہ

به صرف مڙدا نه آهن، رستن جي ٻنهي طرف بينل جايون صرف پٿيون نه آهن. انهن اندر ڌڙڪندڙ دليون آهن. شايد هيءَ ننڍڙي مرڪ سندس بي معنيٰ زندگيءَ ۾ ٿوري وقت لاءِ معنيٰ پريندي آهي.

وڏن شهرن ۾ بس جي مسافري سدائين تمام ڏکي هوندي آهي، ڪڏهين لڳندو آهي ته اها ڪڏهين به پوري ڪانه ٿيندي. پر هرڪا بس ڪنهن چيڙ وٽ اچي ختم ٿيندي آهي. سڀ مسافر اُتي لهندا آهن، بس ڊرائيور ۽ ڪنڊڪٽر به ڪجهه دير لاءِ لهي ويندا آهن، بس خالي کوکو بڻجي ويندي آهي. راجو جي آفيس آخرين اسٽاپ جي پر ۾ آهي ۽ رتيءَ جي ڪجهه پرتي. ٻئي آخرين اسٽاپ تي لهندا آهن ۽ ماڻهن جي سرڳس ۾ گم ٿيڻ کان اڳ راجو جون نگاهون رتيءَ اکين کي ڳولهي وٺنديون آهن ۽ اٽڪاٽائي ۾ سندس منهن تي مرڪ ايندي آهي. موٽ ۾ رتيءَ جي منهن تي به ننڍڙي مرڪ ايندي آهي. اها راجوءَ جي عادت ٿي ويئي آهي ۽ هنکي لڳندو آهي ته جڏهين سندس اکيون رتيءَ جي اکين کي ڳولهي لهنديون آهن تڏهن رتي به شايد انهن نگاهن لاءِ آسائتي هوندي آهي، شايد اها مرڪ نه پائڻ سان هوءَ ائين محسوس ڪندي ته هن ڪجهه وڃايو آهي.

ريتا ٻئي ڪمري ۾ ٻارن کي سمهارڻ جي تياري ڪري رهي هئي، هوءَ ۽ ٻار ڪنهن ڳالهه تي بحث ڪري رهيا هئا. اوچتو راجو کي خيال آيو، اڄ مونکي رتيءَ جي مرڪ نه ملي ڇا انڪري مان اُڪڙيل اُکڙيل هوس، آفيس ۾ ڪم ڪندي دل نه ٿي لڳي. ائين ڪيئن هوندو؟ رتيءَ ۽ مونکي ڪو سنبنڌ نه آهي. اسان پاڻ ۾ ڳالهائڻ يا ويجهو اچڻ جي ڪوشش به نه ڪئي آهي. موقعو ملندي به اسين بس ۾ هڪ ٻئي جي پر ۾ نه ويٺا آهيون. اسين هڪ ٻئي جي ايترو ويجهو يا ايترو دور آهيون جيترو ٻه تارا. راجو پاڻ کان پڇيو : ڇا اهو سچ ٿي سگهي ٿو ته اها مرڪ مونکي سچو ڏينهن تازگي بخشيندي هجي، سچو ڏينهن منهنجي ڇوڏاري موجود هجي.

ان ويل ريتا ڪمري ۾ آئي، چيائين : مون هنڌ وڇايو آهي.

ٻئي بيڊروم ۾ آيا. راجن پلنگ تي وهندي روز جيان پر واري

جا صرف سرا ڏسندو آهي. ڪموڊ تي ويٺي ويٺي برش ڪندو آهي. ٽڪڙ ۾ نيرن به پوري نه ڪندو آهي. ڪڏهين پئنٽ جي زپ مٿي ڪرڻ وسري ويندي اٿس. ڪڏهين پين ميز تي وساري ويندو آهي. پئنٽ جو پلو به لفٽ ۾ ڦاٿيندو آهي. رستي تي سندس پير ملندا نه آهن، ڊڪون پائيندا آهن، ڪيس پنهنجي ڦڙتيءَ تي عجب لڳندو آهي ۽ بس اسٽنڊ تي پهچندي جڏهين رتيءَ کي لائين ۾ بيٺل ڏسندو آهي ته سندس بدن ۾ ساهه پوندو آهي. رتيءَ جو قطار ۾ موجود هئڻ نشاني آهي ته سندس بس ڪيس ڇڏي ڪانه ويئي آهي. هو قدم ڪجهه ڍرا ڪندو آهي سوچيندو آهي فڪر ڪرڻ، پنهنجو پاڻ کي لوئڻ سندس عادت ٿي ويئي آهي. اجايا وهم ۽ وسوسا من ۾ پالڻ سندس سڀاءَ جو حصو بڻجي ويو آهي. هو بس بابت ائين سوچيندو آهي ڄڻ اهو بس اسٽنڊ سندس زندگي جي ڊوڙ جي منزل آهي.

هن کي ڏسي رتيءَ جي چهري تي هڪ نندي، پر پنهنجائيءَ ڀري، ڪجهه دک ڀري، ڪجهه سک ڀري، آڪاس جي ننڍڙي چنڊ جهڙي، مرڪ ظاهر ٿيندي آهي. راجو کي خبر آهي اها مرڪ سندس لاءِ آهي ۽ سندس چهرو سندس چاڻ بنا مرڪ ڏيندو آهي. هو صبوح جو سڀ تڪليفون، سڀ پريشانيون ڀلجي ويندو آهي ۽ جڏهن هو بس ۾ پنهنجي سيٽ تي ويٺو هوندو آهي ۽ بس شهر جي رڻ ڀوميءَ جي لشڪرن وچمان راهه جوڙيندي اَڪين هڏل گهوڙي جيان ڊڪندي رهندي آهي، ته اها ننڍڙي مرڪ ڦوڪڻي جيان ڦوڪجي سندس پوريءَ دل کي ڀري ڇڏيندي آهي ۽ سندس دل مان نڪتل رت ان مرڪ کي سندس سڄي بدن ۾ ڦهلائيندو آهي. هو وساري وهندو آهي ته رتي به هن بس ۾ ڪٿي ويٺي آهي. صرف اها مرڪ ساڻس گڏ هوندي آهي ۽ سندس بدن ۾ ٽانڪ جيان طاقت ۽ تازگي ڦهلائيندي آهي.

هن ۽ رتيءَ ڪڏهين پاڻ ۾ ڳالهايو نه آهي. هنن کي صرف ڄاڻ آهي ته هو پاڙيسري آهن، سندن بدن هڪ ٻئي جي ويجهو رهندا آهن، سندن روح هڪ ٻئي جي ويجهو ڦڙڦڙئيندا آهن.

راجو کي لڳندو آهي، هو مئل انسان نه آهي، بس ۾ ويٺل انسان

ماستر صاحب

ماستر صاحب کي ٽن ڏينهن کان ننڊ ڪانہ آئي هئي. ٽن ڏينهن کان سندس دماغ ۾ ڪئين خيال آيا ٿي، ويا ٿي. اهو سوچ جو سلسلو ڪنهن نديءَ يا واهہ جيان نہ هو پر ڪنهن کُن جيان گول گول ڦري رهيو هو. سڀ ڪجهہ ٻڏي ٿي ويو. ڪجهہ ظاهر نہ هو. ڪا راهہ، ڪو رستو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو.

ٽي ڏينهن اڳہ سندس اسڪول جي هيڊماسٽر کيس آفيس ۾ سڏايو هو. چيو هئائين : توکي تہ خبر آهي تہ اسڪول ۾ سنڌي پڙهندڙ ٻارن جو تعداد گهٽجندو ٿو وڃي. سڀ نوان ٻار انگريزي ميڊيم وارا ٿا اچن. اڄ ڪالهہ سنڌي پاڙهڻ گهاٽي ۾ نقصان جو ڪم آهي. مئنيجمينٽ فيصلو ڪيو آهي تہ اسڪول ۾ سنڌي پاڙهڻ بند ڪئي وڃي.

هيڊماسٽر ڪجهہ دير سانت رهيو. چپ سان چپ آلا ڪيائين : پر تون اسان وٽ تمام گهڻن سالن کان ماستر رهيو آهين. اسين نہ ٿا چاهيون تہ اسان توکي نوڪريءَ مان ڪڍون. توکي ٿوري گهڻي تہ هندي ايندي آهي. ٿوري ٻن چئن مهنن ۾ وڌيڪ سکي وٺ جيئن هيٺين درجن کي پاڙهي سگهين. هاڻ تون سنڌي مٿين درجن کي پاڙهيندو آهين ۽ هاڻ هندي هيٺين درجن کي پاڙهيندي سو پگهار ۾ تہ فرق پوندو ئي. پر توکي موقوف ڪجي انکان تہ هي بهتر ٿيندو ئي. مئنيجمينٽ ٽن ڏينهن ۾ جواب طلبيو آهي.

جيوترام جي من ۾ آيو، اسڪول مان استيعفا ڏيئي اچي، هيڙي بي عزتي ڀري زندگي کان اهو بهتر هو. پر جئين هو اسڪول کان گهر

ٽيبل لئمپ ڪانہ ٻاري.

ريٽا عجب ۾ پڇيو : ڇا اڄ مخزن ڪانہ پڙهندي؟

راجو جي اها عادت هئي تہ سمهڻ کان اڳ هو ڪجھہ دير مخزن پڙهندو هو.

نہ. هن وراڻيو ۽ وهاڻي تي مٿو رکي ليٽي پيو.

ريٽا بتي وسائي سندس پر ۾ ليٽي. چيائين : رتي کي ڊاڪٽر چئي ويو آهي تہ ڪيس هفتو ڪن آفيس نہ وڃڻو آهي.

راجو اونده ۾ ڇت ڏانهن نهاري سوچڻ لڳو هي، هفتو مرڪ پائڻ بنا آفيس ۾ ڪم ڪيئن ڪندو؟

10، اپريل 1995

••••

’ٻيو وري ڇا؟ خبر اٿوَ اڄ موهن جو آفيس ۾ فون آيو هو ته جنهن گهر ۾ منهنجي مائٽي هلائي هئائين اهي ڪانوينٽ پڙهيل ڇوڪري ٿا گهرن. مونکي سنڌي اسڪول بدران ڪنهن ڪانوينٽ ۾ پاڙهيو ها ته اڄان تائين هن گهر ۾ نه سڙندي رهان ها.‘

هيءَ لفظ رمولا ايتري ته غصي ۾ جوش مان چيا جو رنڌڻي مان ماستر جي پتني ڊڪندي آئي. ڊيءَ جو بدر ڪڻندي مڙس کي چيائين : ’توهان ٻارن جي ڳالهه مڃو ڇو نه ٿا. آخر هوئي محنت ڪري پئسو گهر ۾ ٿا آڻين. توهان سڄي عمر ۾ ڪيو ڇا؟ پنهنجو ضد پاڙي ٻارن جي زندگي به برباد ڪيو.

جيوترام ڇوڻ چاهيو : برباد ڪيئن ڪيم؟ موهن به ته سنڌي اسڪول ۾ پڙهيو هو. انجنيرنگ جي امتحان ۾ به فرسٽ ڪلاس ۾ آيو. اڄ پي.ڊبليو.ڊي ۾ اسسٽنٽ انجنير آهي. پر هو منهن کولي نه سگهيو. سندس چهرو پيلو ٿي ويو. پر هئڙي بي عزتي صرف اڄ نه ٿي آهي، روز ٿيندي آهي، نه صرف گهر ۾ پر اسڪول ۾ ۽ پوري سماج ۾. اسڪول ۾ سڀ ماستر کيس تڇ سمجهندا آهن. ڪي ته کيس منهن تي چٽي ڏيندا آهن ته تون ته مفت ۾ تو پگهار کڻين، آگرين تي ڳڻڻ جيترا ته سنڌي پڙهندڙ ٻار آهن. انگريزي پاڙهيندڙ ماستر ڳاٽ اوچو ڪري هلندو آهي، پاڻ کي ڪا شيءِ سمجهندو آهي.

جڏهين جڏهين ماستر جي اندر ۾ پيڙا سهڻ کان ٻاهر ٿي ويندي آهي ته هو سنڌ جي سکي ڏينهن کي ساريندو آهي. اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگرد ۾ اهي جيڪي اسڪول مان پڙهي وڏن عهدن تي پهتا هئا، سڀ کيس پيري پئي گڏجندا هئا. نانڪرام مختياڪار ٿي ويو هو، پر هو به ماستر کي پيري پئي گڏجندو هو. ساڌورام جي پٽ گوپال، ڪراچيءَ ۾ پيءَ جو ڌنڌو وڌائي لکين روپيا ڪمايا هئا پر جڏهين به ڳوٺ ايندو هو ته ماستر صاحب کي ضرور گڏجڻ ويندو هو. جڏهين هنجا ٻئي هٿ ماستر جي پيرن کي ڇهندا هئا ته جيوترام هٿن سان سندس ڪلهن کي جهلي کيس اُٿاري گلي لڳائيندو هو. هڪ دفعي هو ماستر صاحب لاءِ ڪراچيءَ مان ٻانهن جي واچ وٺي آيو هو. هنجي کهڙي ضرورت

تائين پهتو سندس نشچو انشچيءَ ۾ بدلجڻ لڳو. هيءَ اهوئي گهر هو جتي ڪنهن زماني ۾ سندس راڄ هلندو هو، جتي سندس عزت هئي، جتي هو پاڻ کي محفوظ سمجھندو هو. پر زماني سڀ ڪجھ بدلائي ڇڏيو هو. ڪنهن زماني ۾ اسڪول ماستر سماج جي اوچي درجي جو جيوَ ليکيو ويندو هو. پر هاڻ هو سماج ۾ ڄڻ غير ضروري جيوَ بڻجي ويو هو، ڄڻ بکيا تي پلجندو هو.

سڄو ڏينهن سڄي رات هو سوچيندو رهيو هو. اندر ۾ پيڙا محسوس ڪندو آيو هو. ڪئين خيال، ڪئين يادگريون ڪيس ويڙهي رهيا هئا. ڪيس ٻه ٽي ڏينهن اڳ وارو واقعو ياد پيو. ٽپهريءَ کان اڳ هو ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هو جو سندس ڌيءَ رمولا آفيس مان سويلئي موٽي هئي. لڳي پيو ڏاڍيءَ تڪڙ ۾ هئي. اچڻ سان پيءُ کان پڇيائين بابا، ڌوٻي آيو هو؟

ها، مون ڪپڙا ورتا ۽ ٻئي لکي ڏنامانس. ڪپڙا پلنگ تي رکيا اٿيئي.

رمولا ڪپڙا اُٿلائي پٿلائي چيو: بابا، هنن ۾ اها ڊريس ته ڪانهه آهي جا مونکي شاديءَ تي پائي وڃڻي آهي.

'ڪپڙا ته سڀ پورا هئا.'

'ڊائري مونکي ڏيو ته مان ڏسان'

رمولا ڊائريءَ جا پنا ورائيندي ناراضپي مان چيو: 'توهان ڪپڙا وري ٻه سنڌيءَ ۾ لکيا آهن. ڪيترا دفعا توهانکي چيو اٿم ته انگريزيءَ ۾ لکندا ڪريو. پر توهان پنهنجي سنڌي تي اڙيل آهيو.'

'پٽ، توکي ته سنڌي پڙهڻ ايندي آهي.'

'ڌوڙ ايندي آهي. هڪ هڪ لفظ ڪري پڙهندي آهيان ڪيتري دير لڳندي آهي. توهين ته ٿيا واندا، پر اسانکي ته سوين ڪم آهن.'

'پر تون ته اسڪول ۾ سنڌي پڙهي آهين.'

'اهو توهانجو ئي ته ضد هو جو مونکي سنڌي اسڪول ۾ پاڙهي منهنجي زندگي برباد ڪيو.'

'برباد ڪيئن ڪيم؟'

امانت

برادرم لاڏ ڪرام سلام واليڪم،

زندگي ۾ پهريون دفعو توکي خط لکي رهيو آهيان.

ڪالهه جي ڳالهه آهي. سانجهيءَ جو سمهو هو. سج لهڻ ۾ ڪجهه اوير هئي. صبوح جو بارش جا ڦڙا ڪريا هئا. سڀ ڪجهه ڏاڍو سٺو لڳي رهيو هو. ائين پئي لڳو پوري سرشتي وهنجي تازي تواني ٿي هئي. گهر ۾ وهڻ سٺو نه لڳو. در ڪولي نڪري پنڌ پيس. ٻنيون سج جي آخرين ترورن ۾ ٻهڪي رهيون هيون. سنگ نه هئا، ڄڻ زمين مان سون اڀيو هو. اولهه جي آسمان ۾ نديون، واديون ۽ پهاڙ هئا. واءُ ۾ ٿڌڪار هو. سڀ ايترو سانت ۽ سهڻو هو ڄڻ هيءَ ڌرتي هڪ سرڳ آهي. هن دنيا سان ڪا ويڌن ڪانهي. دنيا ۾ ڪو دکي انسان ڪونهي. ڪٿي ڪو دوکو ڪو، فريب ڪونهي. انسانن جي اندر ۾ ننڍڙا سفيد موتئي جا گل ٽڙيل آهن. پيچري تان هلندي تون ياد آئين. ننڍي هوندي جڏهين به بوند باراني ٿيندي هئي ته ٻئي گڏجي ڪنهن افق کي ڇهڻ لاءِ نڪري پوندا هئاسين. ائين لڳم ڄڻ تون منهنجي پر ۾ هلي رهيو هئين. ڪڏهين وڇڙيوئي ڪونه هئين. خيالن ۾ ڪوهيل، ڄاڻ ئي ڪانه پيم ته ٻنيءَ کي پاڻي ڏيڻ لاءِ اڳتون ڪسي ڪوٽيل هئي. ٿاٻو ڪائي ڪري پيس. هٿن جي ترين ۽ گوڏن ۾ رهنڊون پئجي ويم. ياد آيم هاڻي مان ٻڍو ٿي ويو آهيان. اڳين سگهه نه رهي اٿم. باقي الائي گهڻا ڏهاڙا هن جڳهه ۾ ماڳه آهي. ساهي پٽڻ لاءِ هڪ دري تي ويهي رهيس.

نڪ سامهون پڪين ٿهيل ماڙين تي نگاهه پيم. ياد آيم ڪنهن

هئي؟ ماستر صاحب چيو هو. ’توهانجي پاڪيٽ واچ چڱي پراڻي ٿي وئي آهي. هاڻ توهان هيءَ واچ پائجو.

ماستر بزار مان لنگهندو هو ته سڀ ڪيس عزت مان رام رام ڪندا هئا. جهمونءَ جا پيڙا سڄي ترَ ۾ مشهور هئا. جڏهين به جيوترام جهمونءَ جي دڪان سامهون لنگهندو هو ته جهمونءَ سڏ ڏيندو هو. ماستر صاحب، تازا پيڙا ٺاهيا اٿم. ڪوسا ڪوسا نرم نرم.

’هن وقت پيٽ ۾ جڳهه نه آهي.‘ ماستر صاحب وراڻيندو.

’ائين ڪيئن ٿيندو. توهان دڪان اڳيان ائين سڪٽا ڪيئن ويندا. هاڻ نه کائو ته ٻڌي ٿي ڏيانوَ. گهر وڃي کائجو.‘

ماستر جي نه نه ڪرڻ جي باوجود جهمون هڪ دوني ۾ پيڙا ٻڌي ماستر جي هٿ ۾ ڏيندو هو. ماستر ڀاڄيون يا گوشت وٺڻ ويندو ته ڀاڄي وارو يا ڪاسائي ٻين گراهڪن کي ڇڏي، سٺي ۾ سٺي شيءِ ڳولهي پهرين ماستر کي ڏيندو، تور ۾ به فائدو ڏيندو.

ماستر سوچيو اِهي به ڏينهن هئا، جڏهن هو محسوس ڪندو هو ته سندس جيون سڦل ٿي ۽ هاڻ، هو غير ضروري شيءِ بڻجندو ٿو وڃي. اهڙي شيءِ جنهن ڏانهن ڪنهن جو به ڌيان نه وڃي. جنهن شيءِ جو مارڪيٽ ۾ ڪو ملهه نه هجي.

مئنيجر چيو هو ته جيوترام لکت ۾ لکي ڏئي ته ڪيس سڀ شرط منظور آهن. ماستر پنو ۽ ٻين ڪنئي ۽ ٻه ٽي سٽون لکيائين. جڏهين هو صحي ڪري رهيو هو ته سندس هٿ لڏيو ۽ ٻه گرم لڙڪ سندس ڳلن تا ڪسڪندا اچي پني تي ڪريا. ماستر پنهنجي صحي پڙهي نه سگهيو ته اها ٺيڪ ڪيل هئي يا نه.

نومبر 1996

●●●●

تنهنجي دڪ ڪي گهٽايو هو.

اهو نرالو زمانو هو. جڏهن اهو اڳيون جنم هو. ان سال جڏهين هندستان کي ٻه ٽڪر ڪيائون اسين جڏهن مري وياسين. زمين تي سنگ هوا جي لوڏي تي ٽلندا هجن، آڪاس ۾ ڪو ڊيمو سنگيت هجي، دل اندر اُميدن جا باغ هجن. پوءِ اوچتو ماڪر جو وڏو ڪٽڪ اچي، ساري آڪاش جي روشني ڍڪجي وڃي ۽ ڪن پل ۾ ملڪ ويران ٿي وڃي. ائين ئي ٿيو، ها ائين ئي ٿيو اسانجي ديس سان. اڄ اسانجون دليون زخميل آهن، ڪٿي ڪو ڊاڪٽر، ڪو حڪيم ڪونه ٿو ليجي. ڊارين جئين تنهنجي خوبصورت ماڙيءَ کي بدزيبو ۽ زبون بڻائي ڇڏيو تئين اسانجي پوري ملڪ کي اجاڙ ڪري ڇڏيو آهي.

مونکي اهو ڏينهن ياد پيو جڏهين تون مون وٽ صلاح لاءِ آيو هئين. اسين هنن ٻنين ۾ ئي سچو ڏينهن رليا هئاسين. تنهنجو منهن لٽل هو، اکيون ڪن ڏينهن جي اوجاڳي ڪنا ڳاڙهيون هيون. مان توکي دلداري ڏيئي رهيو هوس تہ هيءَ حالتون گهڻا ڏينهن نہ ملنديون. ڏک سدا نہ هوندا آهن. ڏينهن بدلبا آهن. اڄ توهان لاءِ هتي رهڻ ڏکيو ٿي پيو آهي، پر فضا ۾ ڦيرو ايندو، توهان وري موٽي ايندا. توهانجو وڇوڙو لنبو نہ ٿيندو.

تو منهنجي هٿ کي ائين پڪڙيو هو جڻ ڪو سهارو ڳولهي رهيو هجين. پوءِ اوچتو تنهنجي اکين ۾ لڙڪ آيا، منهن ڪنهن پيڙا وچان مرجهائجي ويو، تو منهنجي ٻنهي هٿن کي پڪڙي چيو : 'امدادا، لڳي ٿو اسانکي هيءَ زمين ڇڏڻي پوندي، خبر نہ آهي الائي گهڻن ڏينهن لاءِ. مان هن ماڙيءَ کي تالو هڻي ڪنجون توکي ڏيئي ويندس. جيترو جلد ٿي سگهيو، واپس ورنداسين. ڀلا ائين بہ ڪڏهين ٿيو آهي تہ ماڻهون جن هن زمين تي صدين ڪان رهندا هجن، اهو هميشه لاءِ ڇڏي وڃن. ماڻهو حاڪم جي ظلم ڪارڻ پنهنجا جهڳا ڇڏي ويندا هئا، پر ظالم جي مرڻ پڄاڻان موٽي وري پنهنجي تر ۾ اچي جهوپڙي جوڙيندا هئا. ظالم مري ويندو آهي، انسان نہ مرندو آهي، هو هميشه جيئرو رهندو آهي.

زماني ۾ اهي ماڙيون نيون هيون ۽ ڏاڍيون خوبصورت لڳنديون هيون. سج جي روشنيءَ ۾ ائين ڀڪنديون هيون ڄڻ ننڍڙا محل هئا. پر هاڻي ڏاڍيون پُٽيون ۽ پراڻيون لڳنديون آهن. ڄڻ ڪو زندگي سان ڀريل ڳوٺ اجاڙ ٿي ويو هجي. انهن ماڙين ۾ ويجهي ۾ ويجهي ماڙي تنهنجي هئي. تنهنجو چهرو، تنهنجي منهنجي گڏ گهاريل زندگي منهنجي اکين اڳيان گهمڻ لڳا. مونکي اهي ڏينهن ياد آيا جڏهين اسين ٻار هئاسين. ڇا وقت وڏو قاتل آهي؟ هر منٽ ڪي پيار ڪري پوءِ انکي کُهي ڇڏي؟ انسان جي تاريخ اهڙي سوز ڀري ڇو آهي؟ هر رات ڄڻ ڏينهن جي دکن مان نچوڙيل سوز ڀرو گيت آهي. هر مرڪ ۾ غم لڪل آهي. اهي ڏينهن ڪيڏانهن ويا؟ اها سنڌ ڪيڏانهن ويئي؟ اها دنيا ئي گم ٿي ويئي.

اسين جنهن رستي تان گڏ اسڪول ويندا هئاسين، ان رستي تي هڪ گيدوئڙن جو وڻ هو. اسين پٿر هڻي ڪجهه گيدوئڙا ڪيرائي کائيندا هئاسين. اسڪول پوري ٿيڻ بعد ان رستي تان موٽندا هئاسين جنهن رستي جي پر ۾ مکي چتارام جي انبن جو باغ هو. وڻن جون ٽاريون انبڙين جي ٻار ڪنا ائين جهڪيل هونديون هيون جئين ڪا گرڀوتي عورت ٻار جي ٻار ڪنا جهڪيل هجي. ساين انبڙين تي پيلا ڇٽا اهڙا سندر لڳندا هئا جو من چوندو هو ٽپا ڏيئي اهي پٽيون. تون چوندو هئين ته تون جڏهين وڏو ٿيندين ۽ پئسا ڪمائيندين ته انکان به وڏو انبن جو باغ وٺندين ۽ انبن جي ٻور جي خوشبوءِ سڄي ڳوٺ کي معطر ڪندي.

اهي پئسن ڪمائڻ جا سپنا توهان واٽين وٽ ئي هئا، اسين توهانکي خوش ڏسي پيا خوش ٿيندا هئاسين. تو پئسو ڪمايو پر باغ وٺڻ بدران تو ڳوٺ ۾ بهترين ماڙي ٺهرائي. تو وٽ ڳوٺ جو سڀکان خوبصورت ٽانگو هو. مون وٽ اهو ننڍو ٻنيءَ ٽڪر ئي رهيو جو ورثي ۾ مليو هو. پر اسانجي دوستي قائم دائم رهي. مان توسان هر ڳالهه ۾ صلاح مصلحت ڪندو هوس ۽ تون مونکي گهر ۾ هر جشن تي گهرائيندي هئين. جڏهين تنهنجو ننڍو ڀاءُ گذريو هو ته ته مان ئي تنهنجو ويجهي ۾ ويجهو ساٿي بڻيو هوس. منهنجي موجودگيءَ ئي

پر پاسا ورائيندو رهيس. ڇڻ ڪنهنجو قرض لاهڻو اٿم. آخر اٿيس ۽ ڪبٽ مان اها ڪاٺ جي صندوق ڪڍيم جنهن ۾ تنهنجي ماڙي جي ڪنجي رکيل هئي. ياءُ، هاڻ مون ۾ هن تنهنجي امانت سنڀالڻ جي سگهه نہ آهي. منهنجا هٿ تہ اها ڏينهن ئي ڪپجي ويا هئا جڏهين سرڪاري آفيسر تالو ڀڃي تنهنجي ماڙي يوپي مان آيل ڪنهن ڀاڇوڪڙ کي الاٽ ڪئي هئي. پر الائي ڇو من ۾ مرجهائيندڙ اميد هئي تہ ڏينهن بدلجندا.... پر هاڻ من تي ڇڻ بار اٿم.

مون بخمل جي ننڍي ڳوٿري ڪڍي ڪنجي تري تي رکي. ڪيتري دير ان ڏي نهاريندو رهيس. مون ڄيان هيءَ ڪنجي بہ ڀڏي ٿي ويئي آهي ۽ سندس ڪم ڪرڻ جي طاقت بہ گم ٿي ويئي آهي. مون ڪنجي واپس ڳوٿريءَ ۾ وڌي ۽ اندر جي پيڙا ڪنا ڪندو ڪولي ٻاهر ڪليل آڪاس هيٺ آيس. ائين لڳم تارا بہ سُسي ننڍڙا ٿي ويا هئا. زمين بہ ٿڪل هئي، بنا هبڪار سامهون گلاب جي ٻوٽن تي نظر پيم جن ۾ ڪجهہ سفيد گل بينا هئا. تون جڏهين بہ منهنجي گهر ايندي هئين تہ هڪ گلاب پٽي ڪٺي ويندو هئين.

مون زمين تي اوڪڙو ويهي ٻوٽن جي پاڙن ۾ مان مٽي لپ ڪڍي ۽ ڳوٿريءَ ۾ وڌي. لڳم تنهنجي امانت سان گڏ پنهنجن ڪن سواسن کي بہ موڪلي رهيو آهيان.

اُميد اٿم هيءَ تنهنجي امانت توکي واپس ملندي.

تنهنجو امداد

نومبر 1996

●●●●

مان توکي ڪراچيءَ تائين ريل ۾ ڇڏڻ هلو هوس. ڀاڀي روئي رهي هئي. ٻارن جي اکين ۾ تعجب هو. سمجهي ڪونہ ٿي سگهيا تہ ڇا ٿي رهيو آهي. اسين ٻئي دريءَ لڳي وينا هئاسين ۽ پٺتي ڊڪندڙ ٻنين، ميدانن، وڻن ۽ ڌڻن کي ڏسي رهيا هئاسين. تنهنجي اکين ۾ حسرتون ڏسي مونکي ائين لڳي رهيو هو تہ تنهنجي وڃڻ بعد هيءَ سڀ شيون ساڳيون نہ رهنديون. خبر اٿيئي، تنهنجي وڃڻ بعد هيءَ زمين سچ پچ ساڳي نہ رهي آهي. ڄڻ اسان ڪوهي انجي وينا آهيون، پرائي ٿي وئي آهي.

پاڻيءَ جي جهاز سامهون مون رنو ڪونہ هو، پر ڳوٺ ورنديءَ سڄو وقت منهنجي اکين ۾ نير هو. آسمان ڏانهن نهارڻ تي لڳو ٿي آسمان جو رنگ بدلجي ويو هو.

دوست، وقت رڪجندو ڪونہ آهي، انسان جو ڏک سک ڏسي. مان هاڻ ٻڍو آهيان. هلندي گوڏن ۾ سور پوندو اٿم. ڊپ ٿيندو اٿم تہ ڪڏهين ٻنين جي وچ وارن پيچرن تي هلندي ڪري پوندس ۽ شايد وري نہ اٿندس. اکين جي ديد گهٽجي وئي آهي. ڪڏهين ڪڏهين اڌ رات تائين ننڊ نہ ايندي آهي. برادرم، اڄ سيني سنڌين جي ننڊ ڦٽل آهي. اندر ۾ الائي ڪهڙو ڊر آهي. اهو الائي ڪهڙو بد نصيب ڏينهن هو جڏهين اسان ٻاهران لڏي آيل دين ڀاين جو ٻانهون کولي ستڪار ڪيو هو. مان اڪثر سوچيندو رهندو آهيان تہ توهان ۾ ۽ هنن ۾ ڪهڙو فرق هو. هڪ ئي فرق لڳندو اٿم. توهان هن زمين کي پيار ڪيو ۽ هو هن زمين کي پنهنجو نہ ٿا سمجهن. انسان جي جاڻ انمان پوندي آهي تہ هو ڪنهن کي پيار ڪندو آهي. توهان شايد هن زمين کي اسانکان بہ وڌيڪ پيار ڪيو، انڪري ٿاهيو، جوڙيو، سندر بڻايو. پر هو هن زمين بدران پاڻ کي پيار ٿا ڪن. هنن ۾ اها پنهنجائپ ڪانهي. هو صرف وٺڻ چاهن ٿا، ڏيڻ نہ.

رات جي مانيءَ ويل، تنهنجي ڀاڀيءَ ٻڌايو تہ سدوري جو پٽ ديپڪ هند وڃي رهيو آهي. جي ٿورا هندو هاڻ هن ڳوٺ ۾ بچيا آهن انهنجو بہ هڪ پير هتي تہ هڪ پير هُتي آهي. رات جو ڪٽ تي سمهيس

هو ڇڻ ڪيس پنهنجين اکين تي وشواس نہ آيو.

رويءَ هٿ وڌايا، ريکا جي هٿن سندس آڱرين کي ڇهيو. پنهي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر سندن ڳلي مان آواز ڪونہ نڪتو. هو وساري ويٺا تہ هو ڪٿي آهن، ڇڻ ات هو بہ اڪيلا جيوَ هئا. هڪ ٿلهي مرد رستو پائڻ لاءِ چيو : 'Excuse me' پنهي سري رستو ڏنو، پر پنهنجي مؤ مان سجاڳ نہ ٿيا. روي ريکا کي مٿي کان پيرن تائين جاچي رهيو هو ۽ ريکا رويءَ کي. رويءَ سوچيو : ريکا ڪيتري بدليل آهي ۽ ريکا سوچيو : هوءَ پهرينءَ کن ۾ رويءَ کي سڃاڻي نہ سگهي هئي.

رويءَ چوطرف نهاريو، هڪ ڪنڊ ۾ ڪيس بہ ٽي خالي ڪرسيون ڏسڻ ۾ آيون چيائين : 'هل، هتي هلي وهون'.

هو ڪرسين تي ائين اچي ويٺا ڇڻ ساٿي مسافر هئا ۽ پنهي جي هڪ ئي منزل هئي.

ريکا جي چهري تي عجيب مرڪ هئي جنهن ۾ خوشيءَ ۽ ڏک مليل جليل هئا. چيائين : 'مونکي ائين لڳندو هو تہ زندگيءَ ير وري هڪ پئي کي ڏسي نہ سگهنداسين.'

رويءَ ريکا جي چهري ڏانهن نهاريو 'جيون جي سنجها ٿي ويئي. ڪيڏي ويران ۽ اداس گذري ويئي زندگي. مونکي تہ اجان بہ وشواس ڪونہ ٿو اچي تون منهنجي سامهون ويٺي آهين!

ريکا رويءَ جي هٿ مٿان پنهنجو هٿ رکي ان هٿ کي دٻايو. ونڙيل آواز ۾ سڏ ڪيائين : 'روي' 'چؤ' رويءَ چيو.

ريکا لفظ ڳولهي نہ سگهي، صرف رويءَ جي چهري ڏانهن نهاريندي رهي چيائين : 'تنهنجا سڀ وار اڇا ٿي ويا آهن.'

'تنهنجي وارن ۾ بہ تہ هڪ چڳ اڇي آهي.' هو يڪ ٽڪ ريکا ڏانهن نهاري رهيو هو. 'تنهنجي چهري تي اها بيحد خوبصورت لڳي رهي آهي. تون اڳہ هڪ ٻار جيان لڳندي هئينءَ ۽ هاڻ....'

'هاڻ ڪيئن ٿي لڳان؟'

رويءَ ڳالهہ ڦيرائي چيو : 'تون ڪيڏانهن ٿي وڃين؟'

'ڪلڪتي تون؟'

وڇوڙو

سنهيون بوندون آڪاس مان ڇٽي ڌرتيءَ کي پچائي رهيون هيون. اُڀ ۾ اڇا ميرانجهڙا بادل تري رهيا هئا. ڌرتيءَ تي سڀ ڏنڊ ۾ لڪل هو. هر پنجين ستين منٽين لائوڊ اسپيڪر تي پڌرائي ٿي رهي هئي ته موسم ٺيڪ نه هئڻ ڪري سڀ اڏامون دير سان شروع ٿينديون. مهرباني ڪري بيءَ پڌارائيءَ جو انتظار ڪريو.

مسافرن جون اکيون هڪ طرف لڳل وڏن ڪانچن مان اڏڻ واري ميدان کي هر هر جاچي رهيون هيون. ٻاهر ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيو. نظاري ۾ هڪ خوبصورتي هئي، پر ان خوبصورتي ڏانهن ڪنهن جو ڌيان ڪونه ٿي ويو. هو چنتا ۾ هئا ته ڪڏهين ٿو آسمان کلي ۽ هوائي جهاز اڏامڻ شروع ڪن.

لائونج ۾ اتاولا مسافر هيڏانهن هوڏانهن ڦري رهيا هئا. ڪي ڪرسين تي ويهي اخبارن يا ڪتابن پڙهڻ ۾ مشغول هئا.

روي هلندي هلندي اوچتو بيهي رهيو. سندس نگاهون هڪ سامهون ايندڙ عورت تي پيئون، جنهنجو چهرو ڪيس سڃاتل لڳو. عورت ويجهو ايندي رويءَ کي ڏٺو ته سندس قدم ڪجهه ڍيما ٿيا، پر شڪ ڳاڌڙ تپرس ۾ هوءَ اڳتي وڌي ويئي. رويءَ مڙي پٺيان نهاريو ته ان ويل ان عورت به منهن موڙي پٺيان نهاريو. رويءَ جي چپن مان نڪتو : ’ريکا‘. عورت ڦري رويءَ ويجهو پهتي ۽ مڌر آواز ۾ پڪاريائين : ’روي‘.

ٻيءَ ڪن ٻنهي جا چهرا ٻهڪي اُٿيا. ريکا جي اکين ۾ پاڻي تري آيو، سندس منهن تي انوکي مرڪ هئي، روي تعجب ۾ نهاري رهيو

’مان ڪراچيءَ پهتس ته توهانجي رهڻ واريءَ بلڊنگ ۾ ويس. اتي هڪ به هندو گهر ڪونه هو. ڪن هفتن ۾ ئي ڪراچي بدلجي ويئي هئي. لڳي پيو اها سنڌ نه هئي، يوپي يا پنجاب جو ڪو حصو هو. ٻئي ڏينهن اسين به پاڻيءَ جي جهاز ۾ بمبئي هليا آياسين.‘

هڪ زلزلو هو جنهن ۾ ڪير ڪيڏانهن ويو ڪنهن کي ڪا خبر ڪانه پيئي.‘

رويءَ چيو: ’پوري زندگي گذرڻ بعد تون مونکي گڏي آهين.‘

ريڪا جي اکين ۾ آنسون پرجي آيا.

لائوڊ اسپيڪرس تي آواز آيو: مسافر ڪرپا ڪري ڌيان ڏين. موسم بدلجڻ ۾ شايد دير لڳي انڪري مسافر پنهنجي، بورڊنگ پاس جي آڌار تي ريسٽارنٽ ۾ وڃي ناشتو ڪن.

روي اُٿيو: ريڪا به اُٿي. ريڪا جي ساڙهيءَ جو پلئه رويءَ سان ٽڪري رهيو هو.

هو هڪ ٻئي سامهون ويٺا هئا.

رويءَ چيو: ’ڪجهه پاڻ بابت ٻڌاءِ ريڪا.‘

ريڪا جي اکين ۾ اجا پاڻي تري رهيو هو. روي سمجهي نه سگهيو ته اهو دک جو هو يا سک جو. ريڪا جي منهن تي مرڪ هئي ۽ ائين تي لڳو اهڙي مرڪ سندس چهري تي سالن بعد آئي هئي.

ريڪا سانت هئي.

’تو جواب ڪونه ڏنو ريڪا؟‘

ريڪا ڌيمي آواز ۾ وراڻيو: ’ڪن عورتن جي زندگي ڪانه ٿيندي آهي. هو پنهنجيون زندگيون نه جئنديون آهن، پين لاءِ جيئنديون آهن.‘

روي چپ رهيو.

ريڪا پڻ پڻ ۾ چيو: ’شادي ٿي، ٻار ڄڻيائين، ٻڍي ٿي.‘

’ڇا ايتري نندڙي ٿيندي آهي عورت جي جيون؟‘

’ٻڍاپي ۾ پنيان نهارڻ سان ته ائين ٿو ڀاسي.‘ ريڪا چيو.

هو ڪاڏو ڪائي رهيا هئا. رويءَ چيو: ’منهنجي جيون تمام لنبي رهي آهي، تمام لنبي ڪڏهين ته هڪ رات هڪ سال برابر گذري

’دهليءَ‘

’ڪلڪتي ۾ ڪنهن وٽ؟‘

’ڪلڪتي ۾ منهنجو گهر آهي.‘

’ڪير ڪير آهن گهر ۾؟‘

’منهنجو پتي. هو ڊيڪٽر هيون، اهي شادي ڪري ويئون.‘ ۽ دهليءَ ۾ تنهنجو گهر آهي. ان گهر ۾ ڪير ڪير رهندا آهن؟

’مان اڪيلو آهيان.‘

’تون اڪيلو آهين؟‘

’مون شادي ڪانه ڪئي‘.

ريڪا تعجب ۾ رويءَ ڏانهن نهاريندي رهي. هوءَ رويءَ سان اکيون ملائي نه سگهي. سندس اکيون رويءَ جي نرڙ تي ڄميل هيون آخر هن پڇيو : ’ڇو؟‘

رويءَ ريڪا جي هٿ کي دٻايو چيائون : ’من نه مڃيو‘.

ريڪا پوري ڏکي ويئي. رويءَ جي هٿ ۾ اهو ڄاتو. ريڪا دور هڪ بند دروازي ڏانهن نهارڻ لڳي. آخر هن پاڻ سنڀالي ورتو. ڏکويل آواز ۾ چيائين : ’تو انجام ڇو نه پاڙيو؟‘

’ڪهڙو انجام؟‘ رويءَ پڇيو

’تو چيو هو تون گوٺ مان مائٽن کي وٺي ٻن هفتن ۾ موٽي ايندين.‘

رويءَ ريڪا جي چهري ڏي نهاريو. ريڪا جي نڪ ۾ پيل هرو چمڪي رهيو هو. سندس اکين هيٺان مرانجهڙو رنگ هو. ڏکي ڳچيءَ تي به ليڪون ظاهر هيون. رويءَ چيو : ’ريڪا، مان مائٽن کي وٺي ڪراچي آيو هوس، پر ڏهن ڏينهن جي دير پئجي ويئي، امان کي مدي جو بخار ٿي پيو هو. توهان انتظار ڇو نه ڪيو؟‘

’اسان به چار ڏينهن انتظار ڪيو پر پوءِ حالتون ڏکيون ٿي وييون. پاڙي مان سڀ گهر لڏي ويا هئا. اسانجي بلڊنگ ۾ جن ماڙين تي ڪلف لڳل هئا، اتي بهاري ۽ پنجابي ڪلف ڀڃي قبضو ڪري اچي ويٺا. در کولڻ مشڪل هو. آخر بابا لڏڻ جو فيصلو ڪيو.‘

ريکا پنهنجي ساڙهيءَ جو پلئه سنڀاليو ۽ پنهنجي پرس کي. لڳو ٿي هوءَ پنهنجو پاڻ کي سنڀالي ڪانه ٿي سگهي. رويءَ ڪيس پنهنجي هٿ جو سهارو ڏنو ۽ ڪيس در تائين وٺي آيو.

اوچتو ريکا پنهنجي بدليل آواز ۾ هڪ سڏڪو ڀڏو ۽ هن آنسن ڀريل منهن رويءَ جي ڇاتيءَ ۾ لڪائي ڇڏيو.

رويءَ چيو : 'روءُ نه ريکا. هن ورهاڱي الائي گهڻن انسانن کي وڇڙايو هوندو.'

ريکا ڀڳل منهن مٿي ڪنيو. رويءَ ريکا جي نرڙ کي چميو. ريکا رومال سان اکيون اگهندي گيٽ طرف وڌي. روي سندس پٺيان نهاريندو رهيو. هوءَ ڀين مسافرن ۾ هلي گم ٿي ويئي.

••••

هوندي.‘

ريڪا رويءَ ڏانهن نهاريندي رهي. هن ڇمڇو رکي پنهنجو هٿ رويءَ جي هٿ مٿان رکيو.

رويءَ چيو : ’مون به ٽي سال دهليءَ ۾ ڪاليج ۾ پاڙهيو... پوءِ امتحان پاس ڪري فارين سروس ۾ گهڙيس. نوڪرين ۾ ڪئين ملڪ گهميس عجب آهي هر ملڪ ۾ مون توکي ڳوليو ۽ هر ملڪ ۾ مون توکي اندر ۾ پاتو!

’هاڻي ڏينهن ڪيئن گذارين؟‘

’دهليءَ ۾ هڪ فلئٽ اٿم، نوڪر صبوح شام ڪم لاءِ ايندو آهي. ڪتاب پڙهندو آهيان. من کي ريجهائڻ لاءِ سنگيت ٻڌندو آهيان. ڪي سنڌي ڪئسيٽ هٿ ڪيون اٿم جن ۾ اهي گيت آهن جي تون ڪاليج ۾ ڳائيندي هئينءَ. سال ۾ هڪ دفعو پهاڙن تي ويندو آهيان توکي ڳولهڻ لاءِ.‘

ريڪا رويءَ جي خميص جي ڪليل ڪالر جي بٽڻ ڏانهن نهاري رهي هئي.

ڊائينگ هال مان ماڻهو نڪري رهيا هئا، هو به اٿيا ۽ واپس لائونج ۾ آيا. آڪاس گهڻو صاف ٿي چڪو هو.

لائوڊ اسپيڪرس تي آواز آيو : ’ڪلڪتي جي فلائيٽ تيار آهي. مسافر ٽئين نمبر دروازي مان وڃن.‘

ريڪا ۽ روي هڪ هنڌ ٿمي بيهي رهيا. هنن اهو سوچيو ڪونه هو ته اها ملاقات ٿوري وقت لاءِ آهي. رويءَ ريڪا ڏانهن نهاريو. هوءَ ڪجهه دير اڳ ڪوهيڙي مان ٻاهر نڪتي هئي ۽ هاڻ واپس ڪوهيڙي ۾ لپٽ ٿي رهي هئي.

رويءَ چيو : ’ريڪا مونکي ڪلڪتي جي ائڊريس ۽ فون نمبر ڏي، مان فون ڪندو رهندس.‘

ريڪا پاڻ سنڀاليو چيائين : ’نه روي، منهنجو مڙس تمام پراڻن خيالن جو آهي.‘

ڪلڪتي جي فلائيٽ لاءِ وري ٻڌائي ٿي.

اڇو. توهان منهنجا پٽ آهيو، منهنجي وارث. ’مون پنهنجي زندگيءَ جا سڀ فرض پورا ڪيا... باقي هڪ هون ڪرائڻ چاهيان ٿو : آرتوار ڏينهن، جڏهين سڀ ڪٽمب گهر ۾ هجي... جانوءَ کي به آمريڪا فون ڪريو ته هو مڙس ۽ ٻارن سان آرتوار تائين پهچي وڃي.‘

نند چي : ’ڊئڊي، مان اڄ ٿي برهمڻ کي فون ڪري ٿو چڏيان.‘

پرڀداس ڪنڌ لوڏيو. ’برهمڻ جي ضرورت نه پوندي هون جي سامگريءَ جي به نه. صرف ٻاهه ٻارڻ لاءِ ڪو برتن ۽ ٿوريون چندن جون ڪاٺيون هجن.

پرڀداس پنهنجي وڏي فليٽ ۾ دالان نموني هڪ اهڙو ڪمرو نهاريو هو جتي گهر جا سڀ ڀاتي گڏ ٿي ڳالهيون ٻوليون ڪري سگهن پر گهڻن سالن کان اهو ڪمرو اُجاڙ پيو هو. هون جو اتيئي بندوبست ڪيو ويو هو. جانو يعني جانڪي آمريڪا مان پهچي ويئي هئي. هن پيءَ کي ڀاڪر پائي، ڳل سان ڳل ملائي چيو : ڊئڊي، سندر اڇي ڪونه سگهيو، ڪيس بزنيس جو گهڻو ڪم هو. مون توهان لاءِ تمام اڇو ريشمي گائون آندو آهي. توهانکي اهو پوڄا تي پائڻو آهي.

پرڀداس سامهون بيٺل ڏوهٽي ۽ ڏوهٽيءَ ڏانهن نهاريو. هو اڌ هندستاني، اڌ آمريڪي لڳي رهيا هئا. ماءَ جي سڏ ڪرڻ تي به هو ويجهو نه آيا. اکيون ڦاڙي هو ناني ڏي ائين نهاري رهيا هئا جڻ هو ڪا عجائب گهر جي شيءِ هو.

گهر ۾ سيني ائين سمجهيو ته ڪا خاص پوڄا ٿيندي. نند ۽ انيل نئون ريشمي گهاٽي رنگ جو ڪڙتو پاجامو پاتو هو. نهرن اڇيون ساڙهيون پائي پاڻ سجايو هو. سندن بدن زيورن سان جهنجميم هئا جانو آمريڪا مان پوڄا لاءِ خاص ڊريس وٺي آئي هئي. ٻار ڪنهن جلي جي موڊ ۾ هئا.

نرس ڦيٿن واريءَ ڪرسيءَ تي ويٺل پرڀداس کي وٺي آئي ۽ هون ڪنڊ جي سامهون ڪرسيءَ کي بهاريائين. پرڀداس چوطرف نهاريو. هڪ هڪ چهري تي سندس نگاهون ڪن پلڪ لاءِ رڪيون ٿي،

هڪ سنڌيءَ جي آتم ڪٿا

وڏي ايئرڪنڊيشن بيڊروم جي هڪ ڪنڊ ۾ بيٺل ٻه ڊاڪٽر پاڻ ۾ صلاح ڪري رهيا هئا. ڪجهه دير بعد هڪ ڊاڪٽر نند ڏانهن نهاريو. ٻئي پائر نند ۽ انيل ڊاڪٽرن جي ويجهو ويا. حالت سٺي نه آهي، ڪنهن به وقت ڪجهه به ٿي سگهي ٿو. هڪ ڊاڪٽر چيو : پائرن ٻئي ڊاڪٽر ڏانهن نهاريو ٻئي ڊاڪٽر چيو : دوائون اثر نه ڪري رهيون آهن. باقي سڀ ايشور تي آهي. توهان مريض کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪيو. ڪانئس سندس آخرين خواهش پڇو، جئين هو هلڪي من سان دم ٽوڙي.

ڊاڪٽرن کي لفٽ تائين ڇڏي ٻئي پائر پيءُ جي پلنگ وٽ آيا. پرڀداس جو منهن ٻئي طرف هو. نند سڏ ڪيو : ڊئڊي، پرڀداس منهن ڦيري پٽن ڏانهن نهاريو. انيل چيو : ڊئڊي ڊاڪٽرن چئي رهيا هئا ته هاڻ توهانجي صحت سڌري رهي آهي. هو دوائون گهٽائي ويا آهن. توهان کي صرف آرام جي ضرورت آهي.

پرڀداس پٽن ڏانهن نهاريندو هيو. ڪجهه دير بعد چيائين : مان سڀ ڄاڻان ٿو. ڊاڪٽرن جي چهرن تي سڀ لکيل هو. توهانجو آواز به سچي ڳالهه ٻڌائي رهيو آهي.

نندي ۽ انيل اڳيان وڌي پڇيو : 'ڊئڊي، توهانجي ڪا اڇا، ڪا تمنا ؟'

پرڀداس پاڻکي ٻڏندي محسوس ڪيو. اکيون بند ڪري ڪجهه دير بعد کوليائين. آواز کي سهيڙيندي چيائين : ''نند، انيل، ويجهو

اسانجو مٽيءَ جو گهر جتي اسين رات جو لالٽين جي روشني ۾ پاڇن سان لڪ چپ ياند ڪندا هئاسين، اهو ڪوهه جتي اسين سنان ڪندا هئاسين، اهي واريءَ ۽ مٽي واريون گهٽيون جن ۾ ڪسين مان ايندڙ بانس هوندي هئي...

’نه مان توهانکي بور نه ڪندس. مان سڀون ۽ پنا ڇڏيندو ويندس ۽ انهن کي باهه ۾ ساڙيندو ويندس....‘

’... اسانجو متلاڻي پاڙو هو، منهنجي تڙ ڏاڏي جو پورو اولاد، اڻ ڏهه گهر، هڪ ٻئي سان گڏيل، سڀني گهرن ۾ رهندڙ پاڻ کي هڪڙيئي وڏي جو اولاد سمجهندا هئا.

..... ننڍڙي ليڪ جهڙي سوڙهيءَ بزار ۾ اسانجو منائي جو ننڍو دڪان هو. منهنجو پيءُ صبوح جو مٽي تي ڪومڇو ڪٽي ڪچالو دال ۽ مڱ گهر گهر وڪڻڻ ويندو هو. هڪ پئسي ۾ پني تي دال ۽ ٻئي تي ڪچالو ۽ ان مٿان چٽڻي. پوءِ هو ياڻرن گڏ دڪان تي وچي ڪم ڪندو هو.... سالن بعد جڏهين ڳوٺ ڪجهه وڏيرو ٿيو ۽ اسانجو منائي جو دڪان هلڻ لڳو نه منهنجي پيءُ هي ڪم ڇڏيو... اسانجي دڪان جا پيڙا سڄي تر ۾ مشهور هئا، اهڙا نرم جو انهن کي ڏند هڻڻ جي ضرورت ئي نه پوندي هئي...

’... اسانجي ڳوٺ ۾ صرف مڊل اسڪول هو. پنهنجي آڪهه ۾ مان پهريون ٻار هوس جو ٻه ڪوهه پري وڏي ڳوٺ ۾ هاءِ اسڪول پڙهڻ ويس. مان پڙهڻ ۾ سٺو هوس پر ڪن دوستن جي سنگ ۾ رولاڪ ٻڻجي ويس ۽ ڪجهه بُريون عادتون ٻه پرايم. منهنجي ڏاڏي کي الائي ڪيئن چاڻ پيئي، ۽ جڏهين مئٽرڪ ۾ هوس نه مونکي اسڪول مان ڪڍائي ڪنهن واقفڪار معرفت ڪراچيءَ ۾ نوڪريءَ ۾ لڳائي ڇڏيائين... منهنجي پگهار تڏهين ٽيهه روپيه هئي ۽ ڪنهن ڏوراهين مائٽ وٽ رهندو ۽ کائيندو هوس جن کي مهني مهني پندرهن روپيا ڏيندو هوس....

’جڏهن منهنجي پگهار چاليهه روپيه ٿي نه ڏاڏي مونلاءِ ڇوڪري چونڊي.... هڪ ڏينهن پوسٽ ڪارڊ مليم نه ٻئي هفتي

وري ٻئي ڇهري تي پيون ٿي. هن کي لڳو سڀ بدلجي ويا آهن ڇڻ هو سڀاتل پنهنجن ماڻهن بدران اڻسڃاتل غير ماڻهن کي ڏسي رهيو آهي.

اوچتو پريداس جو آواز آيو: ’نند، هون ۾ ڪائيون وجهہ ۽ باهہ ٻار.‘

جرڪندڙ روشنيءَ ۾ پريداس جو منهن روشن ٿي ويو. هو هن گهر جو ڀاتي نہ لڳي رهيو هو. هن پر ۾ رکيل ٽپائي تان پنا کنيان. گلو معاف ڪرڻ لاءِ ڪنگهيائين.

’توهان جي من ۾ سوال هوندو تہ هنن پنن ۾ ڇا آهي. هنن پنن ۾ منهنجي ۽ توهانجي جيون ڪهاڻي لکيل آهي. مونکي خيال آيو هو تہ هيءَ پنا ڇپائي توهان سيني کي هڪ هڪ ڪاپي پڙهڻ لاءِ ڏيان. پوءِ ياد آيم تہ توهان مان ڪنهنکي بہ سنڌي پڙهڻ ڪانہ ايندي آهي. مون انگريزيءَ ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي پر فتحياب نہ ٿيس. پنهنجي اندر جو اظهار ڪرڻ لاءِ مونکي اها ٻولي ڪم آئي جنهن جو مون ڪيترن ڏهاڪن کان استعمال نہ ڪيو هو.

’هيءَ پنن جي ٿهي ڏسي ڊڄو نہ. مان سڀ پنا ڪونہ پڙهندس، صرف ڪن پنن مان ڪي ٽڪرا پڙهندس ۽ پڙهڻ بعد اهو پنو هون جي باهہ ۾ وجهندس جو مان نہ ٿو چاهيان تہ اسانجي ڪٽنب جي ڪابہ ڳالهہ اسانجي ڪٽنب کان ٻاهر وڃي. مان توهانکي صرف ايترو ٻڌايان تہ هيءَ پنا مون تڏهين لکيا هئا، جڏهين مان پنهنجي بيڊروم ۾ اڪيلو ۽ دنيا کان ڪٽيل هوس، توهان سڀ مونکي وساري وينا هئا.‘

نرس پريداس ڏانهن نهاريو ۽ گلوڪوس مليل پاڻيءَ جا ٻہ ٽي ڊڪ کيس پياريائين.

’مان سنڌ جي هڪ ننڍڙ واهڻ علڻ ديرو ۾ ڄائو هوس. توهان مان ڪنهن بہ سنڌ ڪانہ ڏٺي آهي. توهان نہ سنڌ جو تصور ڪري سگهندا، نہ پنهنجي ابن ڏاڏن جو مونکي سنڌ ڇڏي بہ اڌ صدي ٿي وئي، پر هيءَ سٽون لکندو مونکي عجب لڳو تہ سنڌ جا نظارا، سنڌ جون ڳالهيون منهنجي اندر ۾ وڌيڪ چٽيون ۽ صاف آهن بنسبت هتي جي نظارن ۽ ڳالهين جي جتي منهنجي متي زندگي گذري آهي. اهو

روئي پونديس...''

'... اتي مون پنهنجو ماءُ پيءُ وڃايو. اتيئي جانڪي نند ۽ انيل پئدا ٿيا. ... منهنجا چاچا راجستان طرف ويا ۽ اتي به هڪ ٻئي کان وڇڙي ويا.... توهان وڏي وڏا ٿيا آهيو پر توهان پنهنجن ويجهن مائٽن جا نالا به نه ٻڌا آهن، انهن جا منهن به نه ڏٺا آهن....

'.... اتفاق سان مونکي خبر پيئي ته جنهن سيٺ وٽ مان ڪراچيءَ ۾ ڪم ڪندو هوس تنهن بمبئي ۾ ڪوٺي کولي آهي ۽ سنو ڪم پيو هليس...

'.... مونکي خبر نه آهي ته هن دنيا منجهه مٿي چڙهڻ لاءِ محنت ضروري آهي يا نصيب.... سيٺ جي گذاري وڃڻ سان سندس پٽ ڪرسيءَ تي وينو. هن ڪيترن اڻ پڙهيل ملازمن کي نوڪريءَ مان ڪڍي وڏيڪ پڙهيلن کي رکيو...

منهنجو چڱ نصيب ڪليو. هاڻ سيٺ بدران مان پنهنجي لاءِ دلالي ڪرڻ لڳس.

'پئسو ندي جيان وهي منهنجي گهر اچڻ لڳو. مان پاڻ تپرس ۾ پيس. جڏهين پئسا نجوڙين ۾ بند ڪرڻ کان وڌيڪ ٿي ويا ته مون هڪ بلڊر سان ڀائيواريءَ ۾ ڪنسٽرڪشن جو ڪم شروع ڪيو، اهو ڪم مٽيءَ مان سون بڻائڻ جيان هو.

'... هي منهنجي جيون جو ٽيون اڌياءَ هو. تڏهين لڳو هوم هيءَ اڌياءَ تمام ڏکهو ۽ تمام اهم هو، پر هاڻ ائڪٽر بدران درشڪ بڻجي ان رول کي ڏسان ٿو ته اهي ڏينهن به تمام نندا ۽ خسيس هئا...

'.... زماني جي فيشن انوسار مون اهو سڀ ڪجهه ڪيو جو اڄ ڪالهه سڀ سنڌي ڪري رهيا آهن. وڏي جاءِ، فرنيچر سان سجايل، موٽرون، ٻارن کي اهڙي تعليم ڏنم جئين وڌيڪ ۽ وڌيڪ پئسو ڪمائي سگهن. ڌيءَ کي آمريڪا پرڻايم پئسن لاءِ شاهوڪار گهرن مان سندر ونيون ورتم. مان پاڻ کي شيءَ سمجهڻ لڳو هوس ۽ هن گهر جو راجا. هڪ ڏکه هو پارٽي ماڻ بڻجي نه سگهي. نُهر هن تي ڪلنديون هيون، ڪڏهين ڪڏهين مان به ان ڪل ۾ شامل ٿينديون هوس'.

تنهنجي شاديءَ جو مهورت نڪتو آهي، موڪل وٺي ڳوٺ پهچ. مون جڏهين سيٺ کان شاديءَ تي وڃڻ لاءِ موڪل گهري ته هن منهنجي پنج روپيه پگهار وڌائي... شاديءَ کان ٽي ڏينهن اڳ مان ڳوٺ پهتس ۽ شاديءَ بعد ٽئين ڏينهن ڪراچي موٽي آياسين...'

ان بعد پنهنجي پگهار جو اڌ ڳوٺ موڪليندو هوس ۽ ٽين ٽين مهني ٽي ڏينهن موڪل ملندي هئي ۽ ڳوٺان ٿي ايندو هوس.

هرهڪ پنو پڙهڻ بعد پريداس باهه ۾ اڇليندو ٿي ويو. باهه جو شعاءُ وڌيو ٿي ۽ پنو اڇي مان ڪارو ٿي، رک بڻجي ٿي ويو. هُن هاڻ به ٽي پنا بنا پڙهڻ جي باهه ۾ اُڇلايا ۽ سانت ۾ باهه ڏانهن نهاريندو رهيو. شايد اندر ۾ اُٿندڙ يادگرين ۾ اُڏمن ڪيس هيٺو ڪري ڇڏيو هو. نرس ڪيس گلوڪوس پياريو تڏهين به هو ماٺ ڪيو ويٺو رهيو. سيني جون اکيون هن منجهه هيون.

هن باهه تان نگاهون هٽايون ۽ چپ چپ سان ملائي آلا ڪيائين.

'... هڪ ڏينهن اسانکي سنڌ ڇڏڻي پيئي.' سندس آواز جي بدلاءِ تي سيني هن ڏانهن نهاريو. سڀ اوچتو ٿيو. اسانکي سوچڻ ۽ ڪا رٿا ٺاهڻ جو موقعو به نه مليو. سيني جو گڏ نڪرڻ ممڪن نه هو. منهنجو ڏاڏو گذاري ويو هو. منهنجي پيءُ سيني پاڙن ۾ وڏو هو ۽ مان پيءُ جي ٻارن ۾ سيني کان وڏو منهنجيءَ ڀيڻ جي شادي تمام ننڍڙ ۾ ٿي. تڏهين هوءَ صرف پندرهن سالن جي هئي. ان بعد مان وري ان ڀيڻ سان گڏجي نه سگهيو آهيان، هندستان جي الائي ڪهڙي ڪنڊ ۾ آهي. آهي يا مري ويئي.'... پريداس جو آواز ڀرجي آيو پر هن پاڻ سنڀالي ورتو......

'... هڪ ڏينهن مون پاڻکي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ ڀاتو. هڪ ٻئرڪ جي ننڍي حصي ۾ اسان ڳوٺين جو ڀتيون ٺاهي پنهنجو نئون گهر ٺاهيو....'

پريداس منهن مٽي ڪري چوطرف نهاريو، پنهنجي خوبصورت محل جيان سينگاريل فليٽ ڏسندي. چيائين : اتي گهاريل زندگيءَ بابت مان توهانکي ڪونه ٻڌائيندس. جو لکيو اٿم اهو پڙهندس ته

ڪمري ۾ اڪيلو پيو رهڻ ڪيترو ڏکيو، ڪيترو پيڙادائڪ هوندو....

'..... ۽ ان اسهه پيڙا ۾ ئي مون هي ڪاغذ ڪارا ڪيا..'

اوچتو پرڀداس جي هٿن مان باقي پنا ڪري پيا جي نند ٽپ ڏيئي کنيا ۽ باهه ۾ وجهي ڇڏيا. باهه جو پنيٽ ٻريو. پرڀداس ايترو ٿڪجي پيو هو جو نرس اهو بهتر سمجهيو ته هنکي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي وڃي سمهاري.

هوءَ ويل چيئر هلائي هنکي پنهنجي بيڊروم ۾ وٺي ويئي.

ڪرسين سرڪائڻ جا آواز آيا ۽ پڙ پڙ شروع ٿي. ٻار موقعو ڏسي پنهنجي ڪمري ۾ ٽي.وي. ڏسڻ لاءِ ويٺا. نند ۽ انيل ناراض هئا ته سندن پيءُ سندن خلاف ڳالهايو هو. نهر غصي ۾ هيون ته سندن سهري سندن شخصي جيون تي ٽپڻي ڪئي هئي، جنهنجو ڪيس ڪو اڌڪار ڪونه هو، اجايو سندن وقت به ضايع ڪري سندن موڊ خراب ڪيو هئائين.

نرس پرڀداس کي پلنگ تي ليٽايو. فرج مان ڪير جو پيالو ڪڍي آئي ۽ کيس پيماريئاين. 'سر، توهان تمام ٿڪجي پيا آهيون، ڪجهه دير اکيون پوري آرام ڪريو.'

نرس اڱرين سان پرڀداس جي چپرن کي هيٺ ڪيو ته سندس آڱريون آليون ٿي ويون.

●●●●

اوچتو پرڪاش جو آواز ٽٽو. هو لڙڪن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. 'اوچتو هوءَ هلي ويئي'. موڪلائڻ بنا. ڪجهه دير هو ماٺ ۾ رهيو، پوءِ وري پڙهڻ شروع ڪيائين... گهر ۾ ڪجهه به نه بدليو، آفيس ۾ به ڪجهه به نه بدليو، پر منهنجي اندر ۾. ڪجهه ٿيو... مان اڪيلائي کان ڊڄڻ لڳس. ان اڪيلائيءَ کان پاڻ بچائڻ لاءِ مان ڏينهن رات آفيس ۾ ڪم ڪرڻ لڳس...

'... توهانکي خبر آهي انهن ٻن سالن ۾ ڏنڊو بيٺو ٽيٺو ٿي ويو...

.... هڪ رات آفيس ۾ ڪم ڪندي مونکي دل جو دورو پيو.... مان توهانجو ٿورائتو آهيان ته توهان بهترين ڊاڪٽرن کان بهترين اسپتال ۾ منهنجو علاج ڪرايو ۽ منهنجي سني پر گهور لڌي'... پرڪاش ٽي چار پنا باهه ۾ وڌا.

'... ڇهن مهنن بعد مان آفيس ويس، جنهن ڏينهن لاءِ مون ڪيترو واجهايو هو... سڀ ڪجهه بدلجي ويو هو، منهنجيءَ وڏي ڪئبن کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٻن وڏي پگهار کٽندڙ ملازمن کي وهاريو ويو هو...

'.... پڻن جا اهي لفظ اڄان منهنجي ڪنن ۾ گونجندا آهن. 'ڊئڊي، هاڻي توهانکي آفيس ۾ اچڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، اسان ڪم سنڀالي ورتو آهي. توهان گهر ۾ آرام ڪيو.'

... گهر ۾ آرام ڪندي مون ڄاتو ته هاڻ مان نه صرف آفيس جو مالڪ نه رهيو هوس، پر گهر ۾ به ڌاريو ۽ فالتو هوس، جنهنجو گهر ۾ ڪو مُلهه ڪونه هو.... مون پڻن سان شڪايت ڪئي ته هنن چيو ته سنيتا ۽ سشما کي ته فرصت ڪانهي اسين توهانکي نرس رکي ٿا ڏيون. نند ۽ انيل ته ايترو مشغول هئا جو آرتوار ڏينهن پڻ منٿ منهن ڏيکاريندا هئا.

'..... مان پوري زندگي مشغول رهيو هوس، مون پنهنجيءَ زندگي جو هر پل پئسو ڪمائڻ ۾ وتيت ڪيو هو، جهنکي مان زندگيءَ جو سڀ اهم ڪم ڪري سمجهندو هوس تنهن کي هڪ

مون پرسان وينل سکم نواسي (جنهن اڳ ٻڌايو هو ته هو ماستر آهي) کي چيو : ’توهانجون عورتون تمام سندر آهن.‘ ماستر مرڪيو. سندس منهن تي ننڍڙي خوشي ظاهر ٿي. پنيان وينل هڪ هندستاني واپاري، جيڪو هر سال واپار لاءِ سکم ۾ چار پيرا اينهدو هو ۽ سندس ڪپڙن، هٽ جي آڳرين ۾ پيل منڊين ۽ ڳلي ۾ پيل سوني چين مان لڳو پئي ته هو سمگلنگ جو ڪم ڪندو هوندو. هو جڏهن بس ۾ چڙهيو هو ته سندس وات ڳانءِ جي وات جيان ڪجهه چٻاڙي رهيو هو ۽ سندس منهن تي ايتري ته پرسنتا هئي ڄڻ اهي سڀ زمينون جي بس جي ٻنهي طرف هيون، سندس ملڪيت هيون، هن جو آواز ٿلهو هو. هن چيو : ’رات ريڊئي ٻڌايو هو ته هن سال به هندستاني عورت کي وشوَ سندري چونڊيو ويو آهي.‘ هن ڪوٽ جي اندرئين کيسي مان اخبار مان ڪٽيل فوٽو ڪڍيو، ۽ اسانکي ڏيکاريندي چيائين : ’ڏسو، ڇا ته غضب جي سونهن آهي.‘ ڇوڪري ترڻ واريءَ ڊريس ۾ هئي جنهن سڀ سندس بدن جي خوبصورتي ڏسي سگهن. سندس مٿي تي ڪوڙن هيرن ۽ موتين جو تاج هو ۽ سندس مرڪ ايڏي ته وڏي هئي جو سندس منهن بي ڊولو بڻجي ويو هو.

سمگلر سندريءَ جي مرڪ جيان مرڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو : ’خبر اٿو ته سندس بدن تي هي جا ٻن ميٽرن ڪپڙي جي ڊريس آهي سا ٻن لک جي آهي. جنهن مرد هن جي ميڪ اپ ڪئي تنهن جي في پنجاهه هزار هئي. جنهن فوٽوگرافي هن کي مرڪڻ جي ريهرسل ڪرائي سو خاص آمريڪا مان هو ائي جهاز ۾ گهرايو ويو هو.‘

ٿلهي پيٽ واري وات مان امپورٽيڊ چيگم ڪڍي ڦٽو ڪيو ۽ وات ۾ پيو وڌائين. وري تقرير ڪندي چيائين : ’جڏهين هوءَ هندستان واپس ايندي ته پريزيڊنٽ ۽ پرڌان منتري به ساڻس هٿ ملائي کيس واڌايون ڏيندا. اخبارون سمپادڪي ليک لکنديون ته هن هندستان جو نالو روشن ڪيو آهي.

سونهن جي ڳولها

منهنجو من رولاڪ آهي، منهنجو تن رولاڪ آهي. پير سدا پنڌ ڪرڻ چاهيندا آهن، منزل بنا. ڇا هن سنسار ۾ ڪا منزل آهي؟ روز صبوح جو سج نئين زندگيءَ کي جنم ڏيندو آهي ۽ هر رات اونده ياڪر پائي چوندي آهي، اڇ، اڇ مونسان هڪ ٿي وڃ، ڪجهه ڪلاڪ مري وڃ جئين وري نئون جنم وٺي سگهين.

مونکي پهاڙ وڻندا آهن. پهاڙن تي هر ٻن ٽن ڪلاڪن جي پنڌ تي سڀ ڪجهه نئون پائبو آهي. پهاڙن تي سدا صبوح هوندو آهي، ساهه وارا ڌرتيءَ آسمان جو حصو هوندا آهن ڌرتيءَ آسمان کان طلاق نه ورتو آهي هو هر رات سهاڳه رات ماڻيندا آهن ۽ نئين ڏينهن کي جنم ڏيندا آهن.

مان تڏهين سڪم ويو هوس. پهاڙن جي وچمان نديءَ جيان هڪ راهه تڪڙ بنا، پنهنجي موج ۾ مگهن ڪنهن اڄاتل جي ڳولها ۾ هلندي ٿي ويئي. بس ۾ مان دريءَ لڳه وينو هوس. ائين پئي محسوس ڪيم ته مان ٻيڙيءَ ۾ وينو آهيان ۽ ٻيڙي ٻن ڪنارن جي وچمان پاڻيءَ مٿان ترندي وڃي رهي آهي. ڪيڏانهن؟ ڇا ڪنهن به انسان کي ڄاڻ آهي ته چند منٽن بعد دنيا ڪهڙي هوندي.

ٻنين ۾ عورتون ڪم ڪري رهيون هيون پهاڙن تي عورتون مردن کان وڌيڪ ڪم ڪنديون آهن، انڪري هو وڌيڪ سندر ۽ وڌيڪ سگهاريون هونديون آهن. ائين محسوس ٿيندو آهي هو قدرت کان جدا نه آهن، ڌرتيءَ تي اُپريل خوشبوءِ دار گل آهن.

ڪئي هئي. هن پنهنجي ڳوٺ ۾ خوبصورت باغ ٺهرايو هو جتي هر بسنت ۾ سندس راڄ جا جوان ۽ جوانڙيون گڏ ٿي نچندا ۽ ٽپندا هئا. شاديءَ ڪيل پنهنجن ونين سان ايندا هئا ۽ ڪنوارا جوان ۽ جوانڙيون اتي پنهنجا جيون ساٿي چونڊيندا هئا.

هر سال جيان وري بسنت آيو. باغ گلن سان سجيل هئا. هوا ۾ هبڪار هئي. چوڏينهن‌ءَ چانڊوڪيءَ ۾ راجا ۽ راڻي تلاءَ جي پر ۾ هڪ چبوتري تي وينا هئا. تلاءَ ۾ سفيد ڪمل گل نينگرين جي چنچل بدنن جيان تري رهيا هئا.

اوچتو راڻيءَ پڇيو : ’راجا، سچ ٻڌاءِ، سانجي هن ننڍڙي ديس ۾ سڀني کان وڌيڪ خوبصورت عورت ڪير آهي؟‘

راجا ان مکڙي ڏانهن نهاريو جو چاندني سان ڌوتل هو۽ چنڊ ڏانهن نهاريائين. راڻي، تون چنڊ کان به وڌيڪ خوبصورت آهين. توکان وڌيڪ خوبصورت عورت دنيا ۾ جائي ڪانه هوندي.‘ راڻيءَ جو منهن ٽڙي پيو.

’وڏي باغ ۾ ميلو معل هو. گل ٽڙيا هئا پر سانت هئا. انسانن جي خوبصورت بدنن ۾ لوچ هئي. هو نچي رهيا هئا، ڳائي رهيا هئا. سندن پراڻي ڪهاوت هئي : هيءَ ڌرتي ڪيتري خوبصورت آهي. آسمان جو پاڪر ڪيترو پيارو آهي. پون جي چپن کي چمڻ ۾ ڪيتري چاشني آهي.

اهو هڪ ڏينهن نه هو. اها هڪڙي زندگي نه هئي. اها دنيا جي آد ۽ انت جي وچ واري وچوٽي هئي. ملڪ جي بهترين چترڪار ۽ سنگتراش تي اهو ڪم رکيل هو ته هو ان سال جي سڀني کان وڌيڪ خوبصورت عورت چونڊي. هيءَ چترڪار جوانيءَ ۾ بيحد خوبصورت ۽ سگهارو مرد هو. ڪا به سندري هڪ دفعو کيس ڏسندي هئي ته ڪئين راتيون ننڊ نه ڪري سگهندي هئي، پر سنگتراش ڪڏهين به پنهنجو گهر نه ٺاهيو. هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ، ڪڏهين پهاڙ ڪڏهين وادي، ڪڏهين جهنگلن ڪڏهين نديءَ ڪناري رلندو رهندو هو. جتي به سونهن ڏسندو هو اتي ٻه چار ڏينهن ديرو ڪندو

هو ڳالهائيندي ٿڪجي پيو هو، انڪري ٿوري دير ماٺ رهيو. پر شايد هنکي لڳو ته هڪ ضروري ڳالهه ٻڌائڻ وسري ويئي هيس. چيائين : 'ٿورن ڏينهن ۾ هوءَ ائڪٽريس بڻجي ويندي. سڄي ديش جا جوان ۽ جوانڙينو، ته ٻڍيون ۽ ٻڍا به سندس نالو جپيندا ۽ بلئڪ ۾ ڪروڙين رپيا گڏ ڪندي.'

واپاري جي سانت ٿيڻ بعد اسان سک جو ساهه کنيو. درين مان ٿڌيري ۽ خوشبوءِ ڀريل هوا اچي اسانجي بدن ۽ آتما کي تازگي بخشي رهي هئي. هاڻ دور دور جا پهاڙ ڪجهه ويجها ٿيا هئا. ائين پئي لڳو ته هيءَ پهاڙ ڀڳوان کان به اڳه چاوا هئا. بس جو ڊرائيور بس ائين هلائي رهيو هو ڄڻ هو خدا جو ٺاهيل انسان نه، انسان جو ٺهيل روبات هو. منهنجي پر ۾ ويٺل ماستر چيو : 'مونکي هڪ ڪهاڻي ياد ٿي اچي، ٻڌنديں؟'

مونکي هيءَ پهاڙي ماستر وڻيو هو. سندس بدن ۽ چهري تي من موهيندڙ سادگي هئي. هو ماستر کان وڌيڪ ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ هاري لڳي رهيو هو. مون هن ڏانهن نهاريو.

منهنجي اکين ۾ راضپو پڙهي هن چيو : هڪ آڳاٽي ڪهاڻي آهي. اڄ ڪالهه ماڻهو آڳاٽيون ڳالهيون وساري وينا آهن. سچ ته هو اهو به وساري وينا آهن ته هو اصل ۾ ڪير آهن. مون هيءَ ڪهاڻي تڏهين ٻڌي هئي جڏهين مان ننڍو هوس مان اها وساري ويٺو هوس. پر اڄ اها اوچتو ياد آئي آهي.

'ڪو زمانو هو هن ڌرتي تي نه وڏا شهر هئا ۽ نه وڏيون رياستيون هيون. ماڻهو ننڍڙن ڳوٺڙن ۾ رهندا هئا، جيڪي هڪ ٻئي کان سڏ پنڌ تي هوندا هئا. راجائون لشڪر نه پاليندا هئا جو لڙايون لڳن. ڪجهه ڳوٺ گڏجي پنهنجو راجا چونڊيندا هئا جيڪو سياڻو هوندو هو ۽ پنهنجي زمين ۽ پنهنجي آسمان کي ماءُ ۽ پيءُ ڪري سمجهندو هو. هو پنهنجيءَ رعيت کي به ڏاڍو پيار ڪندو هو. جنهن راجا جي ڪهاڻي آهي سو، تن ۽ من ۾ سهڻو هو ۽ هرخوبصورت شيءِ سندس من موهي وٺندي هئي هن شاديءَ به خوبصورت ڇوڪريءَ سان

ٻاروتل وارو ٻَول سج. هوءَ اڌ عورت هئي اڌ ٻار، اڌ انسان هئي اڌ قدرت، اڌ چانڊوڪي هئي اڌ سورج جي سوني روشني. هوءَ پنهنجي ڪم ۾ ايتري ٻڏل هئي جو هن منهن مٿي ڪري آيلن ڏانهن نهاريو به ڪونه. سندس مٿن تي، سندس ٻانهن تي، سندس ڳلن تي، سندس سفيد رنگ جي ڪپڙن تي هت هت چيڪي ڳوهيل مٽي چنبڙيل هئي. سندس اڌ ڪارا، اڌ ڪڪا وار ڇهيل نه هئا ۽ ڪجهه ڇڳون هوا ۾ نچي رهيون هيون.

’ڌرتي جي ڌيءَ‘ چترڪار سڌ ڪيو. اهو سڏ هڪ ڪويتا جيان هو ۽ اڌ ٻار ۽ اڌ عورت عجب ۾ درويش ڏانهن نهاريو جو اڌ انسان اڌ فرشتو لڳي رهيو هو، جيڪو وقت جي ماپ کان ٻاهر نڪري چڪو هو. ڪي ڪنون هو هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا رهيا. عورت اکيون هيٺ ڪيون، مٽي جو چاڻو هٿ ۾ ڪنيو ۽ مٽي ڳوهڻ لڳي.

’راجا، هيءَ آهي ديش جي سڀني کان وڏيڪ خوبصورت عورت.‘

راجا ۽ سندس درٻاري عجب ۾ پيا. راڻي ۽ سندس سهيلين ڀرين چرڪ پريو. سندن چهرا ڀرين پيلا ٿيا، پوءِ ڳاڙها ٿيا، پوءِ ڪارا ٿيا. خوبصورت جوانن جي جهنڊ سمجهيو چترڪار پاڳل ٿي ويو آهي، پر ڪنهنکي به همٿ ڪانه ٿي جو وات کولي.

عورت مٽي ڳوهيندي رهي، راجا جا نوڪر سندس سامهون سوکڙين جا ٿالهه رکندا ويا. عورت انهن ڏانهن نهاريو به ڪونه. راجا چيو : ’تون اڄ کان پوءِ مٽي نه ڳوهيندي‘ : عيش آرام ۾ زندگي گهاريندي. هيءَ سڀ ڪپڙا لٽا، زيور، سونا سڪا تنهنجا آهن.‘

مٽيءَ لٿل هٿ سان عورت نرڙ اڳيان وارن جي ڇڳه کي پاسي ڪيو ۽ ائين سندس نڪ تي مٽي جمي ويئي. جهوپڙين ۾ رهندڙ ٻار پنهنجي راند اڌ ۾ ڇڏي رونشو ڏسڻ لاءِ ويجهو آيا. نيون شيون ڏسي سندن من للچائجي ويو. عورت ٻارن ڏانهن نهاريو ۽ هنن اکين مان سندن من-منشا ڄاڻي ويئي. هوءَ اُٿي ۽ ڪيس مليل شيون ٻارن ۾ ورهائڻ لڳي. پل ۾ سڀ ٿالهه خالي ٿي ويا ۽ هوءَ وري وڃي

هو. ڳوٺاڻا ڪيس ڪاڏو ڪارائيندا هئا ۽ هو چتر ڪڍي ڳوٺاڻن ۾ ورهائيندو هو. سندس ڪيسي ۾ ڪڏهين به ڏوڪڙ نه رهيا. جنهن ڳوٺ ۾ ويندو تنهن ڳوٺ جا رهواسي سندس گهرجون پوريون ڪندا. چٽ هينان سمهڻ بدران هو آڪاس هينان سهمڻ پسند ڪندو هو. اڌ رات تائين، چنڊ ۽ تارن سان سانت ۾ ڳالهيون ڪندو هو. صبوح جو سج اُڀرڻ سان اُٿندو ۽ ڪيتري دير سج ڏانهن نهاريندو رهندو ڇڻ هن انکان اڳ ڪڏهين سج ڪي ڏٺو ئي ڪونه هو. ائين ئي هو هر انسان ڏانهن نهاريندو هو ڇڻ مو هن ڪي سچائي به، نه به سچائي.

هاڻ هنجي منهن تي سفيد ڊگهي ڏاڙهي هئي. اکيون ميرانجهڙيون هيون. نوڙ تي ڪجهه ليڪون هيون. سندس آواز گهرو هو ڇڻ سندس بدن نه، سندس آتما ڳالهائيندي هئي. سندس بدن تي بادلن جي رنگ جو جبر هو ۽ پير اُگهاڙا. اڳيان هو، پٺيان راڄ ۽ سندس راڄ درٻاري ۽ پنيان ڪئين جوان. راه جي ٻنهي طرف راڄ جون جوان، خوبصورت، انيڪ نصونن سان سينگاريل عورتون ۽ دڙڪندڙ دلين سان ساهه روڪي بيٺيون هيون.

’درويش‘، راجا چيو، ’باغ جو چيڙو اچي ويو. اوهان اسانجي ديش جي پوري سونهن ڏٺي. هاڻ پنهنجو فيصلو ٻڌايو.‘

چترڪار ڪي ملڪ ۾ سڀ درويش چوندا هئا ڇاڪاڻ ته هو سدا اڌ سوجهري، اڌ اونده واري سانجهيءَ جيان لڳندو هو.

درويش هيلتائين هڪ حرف به نه ٻوليو هو. پڇيائين : ’راجا هو سامهون جهوپڙيون ڪنهن جون آهن؟‘

’درويش، اتي باغ ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو رهندا آهي. مالهي، ڪونڊيون ٺاهيندڙ ڪنيار، ٻهاري پائيندڙ ڀنگي....‘

چترڪار پورو جملو ٻڌڻ ڪان اڳ اڳيان وڌيو.

سج جي روشنيءَ ۾، پٿر جي صندلي تي به مظبوط، سندر هٿ مٽي ڳوهي رهيا هئا. نوننٽ تائين اگهاڙيون ٻانهون. سادي سفيد ڪپڙي ۾ لپيٽيل بدن. اچي تازي ڏهيل ڪير جهڙي ڳچي ۽ ان مٽان

بس ڏهہ منٽ بهندي'.

رستو ويڪرو هو ۽ موڙ ڪاٺي مٽي تي ويو. هڪ ننڍي جهوپڙيءَ ۾ چانهہ بيڙيءَ جو دڪان هو.

'چانهہ پئندا؟' ماستر مونکي ۽ سمگلر کي مخاطب ٿي پڇيو. مون ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي. ٿلهي پيٽ واري واپاريءَ ڪو جواب ڪونہ ڏنو ۽ دڪانڙي کان سگريٽ جو پئڪيٽ ورتائين گهاٽي، مني چانهہ جا گلاس هٿ ۾ جهلي مان ۽ ماستر رستي جي ڪناري بيٺا هئاسين. واپاري هڪ وڻ پٺيان ويو، زپ کولي پيشاب ڪيائين، پوءِ ڪوٽ جي کيسي مان بوتل ڪڍي بہ ٽي ڍڪ پيتائين. مان ۽ ماستر هيٺ واديءَ ڏانهن نهاري رهيا هئاسين.

ماستر چيو : اسانجي ٻولي ۾ ڪهاوت آهي تہ هر پرڀات سونهن جو مينهن پوندو آهي ۽ وادي سونهن ۾ ٻهڪڻ لڳندي آهي، هوءَ ائين آلي هوندي آهي جڻ هن سونهن ۾ سنان ڪيو آهي. هرهنڌ ماڪ ڦڙن جا هيرا ٻهڪڻ لڳندا آهن.

ڊرائيور هارن وڄايو، سڀ بس ۾ چڙهڻ لڳا.

سيپٽمبر 2000

● ● ● ●

پنهنجي ڪم ۾ لڳي.

راڻيءَ پنيان بيٺل سندس سهيلن ۾ خلولي مچي ويئي: اِنهن مان ڪي ڊڪيون ۽ ٻارن ڪان شيون ڦرڻ لڳيون. ڪن ٻارن کي ٽڪر جا پئسا ڏيئي پنهنجون من پسند شيون خريد ڪيون. راڻي نفرت مان هن ڇوڪري ڏي نهاريو جنهن ڪڏهين به پنهنجي بدن کي ڪونه سينگاريو هو. جيڪا انهن سڀني شين ڪان اڻڄاڻ هئي جن سان عورتون صدين ڪان پاڻ سينگاريندي هيون مردن جو منهن موهڻ لاءِ سندس بدن مان عطر جي سرهاڻ بدران مٽيءَ جي سڳنڌ اچي رهي هئي. سندس اکين ۾ ڪاجل ۽ چپن تي سرخي نه هئي. سندس سادن ڪپڙن تي ڪئين چتيون لڳل هيون. راڻيءَ نفرت مان منهن موڙي ڇڏيو.

هڪ هڪ تي سڀ موٽي ويا. سڄو ميدان خالي ٿي ويو هو. ٻار ويچارا ٻڌجي انهن عورتن ڏانهن نهاري رهيا هئا جن سندن هٿن مان سڀ سوکڙيون ڦري ورتيون هيون. ڪن ٻارن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا.

مالهي سڏ ڏيندي چيو : اُٺ ڏيءَ، اونڌهه دروازي وٽ بيٺي آهي، جاڻ اندر آئي. اُتي ڏيو ٻار ۽ روئلو سيڪ.

’ها، بابا‘ ديس جي سڀ کان خوبصورت عورت چيو : ’توهان روئلو بصر سان کائيندا يا مرچن سان؟‘

’تون اٽي ۾ لوڻ وجهي پچاءِ،توکي ته اهو وڻندو آهي.‘

ڇوڪري اُپ ڏانهن نهاريو. پهريون تارو نڪتو هو.

هو جهل مل ڪري رهيو هو. هوءَ جڏهين ننڍي هئي ته ان تاري سان ئي ڳالهيون ڪندي هئي.

هاڻ هوءَ جڏهين به تاري ڏانهن نهاريندي هئي ته کيس لڳندو تارو سانت ۽ گنڀير ٿي ويو آهي. ڳالهين ڪرڻ بدران هو ڪجهه سوچيندو رهندو آهي.

ڊرائيور بريڪ ڏيئي بس بهاري ڇڏي. جهوٻي ۾ چڙ اٿو ڳوهيندڙ عورت جي ڪهاڻي ختم ٿي ويئي. ڪنڊڪٽر چيو : ’هتي

گهٽيءَ ۾ ٿي پهتا ۽ وري هڪ دڪان منجهه ٿي گهڙيا. ائين هو ڪئين دڪان گهميا. هنهي جون پسندگيون الڳ الڳ هيون ۽ ڪو فيصلو ڪري ڪانه سگهيا. هڪ وڏي دڪان وٽ اچي هو بيهي رهيا. منوج چيو ''هتي سٺيون شيون رکيون آهن، اندر هلون؟'' انوءَ دڪان جو معائنو ڪيو، پڻ پڻ ۾ چيائين ''مهانگو هوندو'' ڪڏهين ڪڏهين وڏن دڪانن تي شيون سستيون ملنديون آهن.'' منوج چيو .

هو اندر گهڙيا. هنهي جي دل ٺري پيئي. هرڪا شيءَ ڪشش واري هئي. انوءَ ڪي شيون ڪڍايون، آخر آسماني رنگ جي هڪ نائيٽي پسند ڪيائين، منوج کي به اها ڏاڍي پسند آئي. سيلس گرل جي منهن تي مٺي مرڪ آئي، انگريزيءَ ۾ چيائين، ''مئڊم ٽراءِ اِٽ'' ٽرائل روم ۾ انوءَ آرسيءَ آڏو بيهي نائيٽي بدن تي رکي. انوءَ کي سالن بعد احساس ٿيو ته هوءَ سهڻي آهي.

ليبل تي اگهه ڏسي منوج جي چهري جو رنگ ڦڪو پئجي ويو. انوءَ اهو ڏٺو ۽ مڙس جي ڪن وٽ چپ آڻي چيائين ''لڳي ٿو سنڌيءَ جو دڪان آهي، سڀ سيلس پرسنس سنڌي آهن، ڇوڪريءَ سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائي ڏس، شايد ڪجهه گهٽ ڪري.''

منوج، هٻڪندي ڇوڪريءَ سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايو ۽ ڪيس وينتي ڪيائين ته ڪجهه ڊسڪائونٽ ڏئي. ڇوڪريءَ سڀ سمجهيو ۽ وري به جواب انگريزيءَ ۾ ڏنائين ته اهو اگهه ڊسڪائونٽ ڪٽي آهي.

انو هاڻ نااُميديءَ ۾ چوطرف نهاريو، ڄڻ ڪنهن مدد لاءِ واجهائيندي هجي. ان ويل هڪ پٽيوالي اچي چيو ''توهانکي مئڊم ڪئبن ۾ سڏي رهي آهي.'' ٻئي ۽ اُميد وچپ لڏندا هو شيشي جو ايئرڪنڊيشن ڪئبن وٽ پهتا. ميز پٺيان هڪ وچوليءَ عمر جي عينڪ پاتل عورت ڪاغذ ڏسي رهي هئي. اُڇي سهڻي ساڙهي، ڪلهن تائين ڪٽ ٿيل وار، ٻانهن ۾ سوني ڊائمنڊ جڙت واچ، چپن تي هلڪي لپسٽڪ، ڪنن ۾ هيرن جڙت جهومڪا، سڄ جي پهرئين تروري جهڙو رنگ، سندس شخصيت ڪشش واري ۽ روبدار هئي. هو ڪئبن اندر گهڙيا ته عورت ڪاغذن مان منهن مٿي ڪري هنن ڏانهن نهاريو، سندس چهري تي سنجيده مرڪ آئي. چيائين مون توهانکي پريائين سڃاتو،

سوکڙي

ان ڏينهن منوج سوير پرو جاڳيو هو، ڏٺائين انوءَ کي اڃان ننڊ آهي. ڪنڌ جهڪائي انوءَ جي ڳل تي مٺي ڏيئي چيائين : ’جنم ڏن مبارڪ‘.

انو ڇرڪ ڀري اُٿي ويٺي. ڳالهه کي سمجهڻ سان سندس منهن تي مرڪ ظاهر ٿي. اڌوريون ہوٽيل اکيون ڇپيندي چيائين ”سڪٽين واڌاين سان ڪم نہ هلندو.“

منوج انوءَ کي ٻانهن ڏانهن ڇڪي ٻاڪر ۾ ڀرڻ جي ڪوشش ڪئي. چيائين، ”مون رات ئي سوچي رکيو هو تہ اڄ بزار هلنداسين ۽ تو لاءِ هڪ سٺي سوکڙي وٺي ايندس.“

انوءَ خوشيءَ ۾ مڙس جي ڳل کي چميو ۽ ٽپو ڏيئي اُٿي کڙي ٿي. منوج تيار ٿي ڪاليج ويو تہ انو ڪيڪ ٺاهڻ لڳي. هن سوچيو شاديءَ بعد هيءُ سندس پهريون جنم ڏن آهي، سٺي نموني ملهائيندي. شاديءَ بعد منوج انوءَ کي ڪاٻہ سوکڙي وٺي ڪانہ ڏني هئي. پگهار مان جيترو بہ بچندو هو گهر لاءِ ننڍيون وڏيون شيون وٺڻ ۾ خرچ ٿي ويندو هو. هن مچهند جي ننڊ بہ نہ ڪئي، ناول کڻي پڙهڻ جي ڪوشش ڪيائين پر ڏيڊ صفحي کان وڌيڪ پڙهي نہ سگهي. اُتساهہ سان سانجهيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳي.

شام جو بزار لاءِ نڪتا. هو ائين خوش ۽ چلولا هئا جئين شاديءَ کان اڳ هوندا هئا. هو وساري ويٺا هئا تہ بزاريون بيحد ڏگهيون ٿينديون آهن ۽ ريڙ جيان ڇڪجنديون وينديون آهن، گهٽين ۾ سدا ميلو متل هوندو آهي. هو دڪان ۾ گهڙي، شيون ڏسي، ٿوري دير بعد واپس

”ڇا؟“ منوج پڇيو.

”مان مئڊم جي چوڻ تي انگريزي ڇڏي سنڌي وشيه نه کڻان ها ته مونکي اڄ نوڪريءَ لاءِ در در نه ڀٽڪڻو پوي ها. ڪنهن چڱيءَ فرم ۾ اسٽينو سيڪريٽري هجان ها ۽ پئسي جي چنتائن کان به مڪت هجون ها“.

منوج چيو : ”انو، ڪاليج ۾ سنڌي پاڙهيندي ڪڏهين ڪڏهن منهنجو من به بد تيڻ لڳندو آهي. شاگرد ڪل ان-ڏهه ۽ اهي به سنڌي پڙهڻ لاءِ نه، ڊگري وٺڻ لاءِ ايندا آهن. ڪڏهين ڪڏهين ته ائين لڳندو آهي ته مان انسانن کي نه ،پٿين ۽ بينچن کي پاڙهي رهيو آهيان.“

انوءَ چيو : ”مئڊم، تمام سني بزنيس پرسن نڪتي.“

منوج چيو : ”شايد اهو اسان سنڌين جي خون ۾ آهي.“

هو ٻئي ڪاڏو ڪاٺي رهيا هئا، ۽ پنهنجي پنهنجي نموني الائي ڇا سوچي رهيا هئا. انوءَ جي نائيٽي پائڻ جو خوشيءَ ڀريل اتساهه ڊيمو پئجي ويو هو. منوج جي من ۾ به ڪا پيڙا هئي جو سانت ٿي ويو. پر سوادي کاڌي سندن موڊ ڪجهه ٺيڪ ڪيو.

گهر پهچڻ سان انوءَ جو اتساهه وري جاڳي اُٿيو. نائيٽي ڏسڻ ۽ پائڻ جي لالسا هوءَ ڪن به روڪي نه سگهي. منوج ڪپڙا مٽي رهيو هو ته هوءَ نائٽي پائي ڊريسنگ ٽيبل جي آرسيءَ اڳيان بيٺي. ڊريسنگ ٽيبل جي تيز بتيءَ جي روشنيءَ ۾ هوءَ نئين نائيٽيءَ ۾ ٻهڪي رهي هئي. سندس چپن تي خوشيءَ ڀري مرڪ آئي، ڪنڌ ورائي منوج ڏانهن نهاريندي چيائين : ”ڪيئن ٿي لڳان منوج؟“

منوج ڪپڙا بدلي پلنگ تي ويهاڻي کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو. چيائين : ”ونڊر فل. اڄ، منهنجي ڀاڪر ۾ اچ“

”اون، هون.“ انوءَ آرسي ۾ پاڻ کي ڏسندي خوشيءَ ڀريئي آواز ۾ چيو. هوءَ آرسيءَ ۾ پنهنجي هر عضي کي جاچيندي رهي. اوچتو سندس نگاهه پنهنجي پيٽ تي پيئي جو ڪجهه ٻاهر نڪتل هو. انوءَ پنهنجي پيٽ کي هٿ لائي ڏٺو، ڪيس لڳو ڄڻ اندر ڪير چري پري رهيو آهي. هوءَ ڪجهه دير سوچيندي رهي. سندس منهن تي بادل مڙي آيا. انوءَ ڊريسنگ ٽيبل جي اسٽول تي ويٺي منوج ڏانهن منهن ڪري چيو

وهو. ڪيئن آهيو؟''

منوج ۽ انوءَ هاڻي مس ڪرپالاڻيءَ کي سڃاتو. جڏهين هو ڪاليج ۾ پڙهندا هئا ته مس ڪرپالاڻي ڪاليج ۾ وائيس پرنسيپال هئي ۽ ڪاليج ۾ سنڌي پاڙهيندي هئي. هنجي اثر هيٺ منوج ۽ انوءَ انگريزي ساهت ڇڏي سنڌي وشيه ۾ ايم. اي. ڪئي هئي. پوءِ اوچتو هوءَ ڪاليج ڇڏي ويئي هئي.

مئڊم ڪرپالاڻيءَ جي چوڻ تي پليوالو هڪ خوبصورت ٽري ۾ ٻه سافٽ ڊرنڪ جا امپورٽيڊ ٽڏا دٻا کڻي آيو. هو ڊرنڪ پي رهيا جو مئڊم انٽرڪام تي سيلس گرل سان ڳالهايو. ڪن منٽن ۾ ئي سيلس گرل گفٽ پئڪ جو هڪ پئڪيٽ کڻي آئي. مئڊم پنهي هٿن سان اهو پئڪيٽ انوءَ کي ڏيندي چيو ''مون توهانجي شاديءَ بابت ٻڌو هو. هيءَ منهنجي پاران ننڍڙي سوکڙي.''

ڪرپالاڻيءَ ٻه ٽي منٽ هنن کان حال احوال ورتو ۽ پوءِ وري ڪاغذ سيري اهي پڙهڻ لڳي. هو اشارو سمجهي ويا ۽ اُٿي کڙا ٿيا.

رستي تي هميشه جيان پيڙ هئي. ٻئي ڪنهن خيال ۾ ٻڏل هئا ۽ ماڻهن جي ڪلهن کان پاڻ بچائيندا سانت ۾ هلي هئا. انوءَ چيو ''اسان مئڊم کي ٿئنڪيو به ڪونه چيو.''

منوج چيو: ''انو، اڄ اسين هوٽل ۾ ماني کائينداسين.

انو اهو سوچي خوش ٿي ويئي ته اڄ رات ماني کانه ٺاهڻي پوندي. هو هڪ ''بي'' گريڊ هوٽل ۾ هڪ ٻئي سامهون ويٺا هئا. هن هوٽل جو ڪاڏو مشهور هو، پر ڪجهه مهانگي هئڻ ڪري هو ٻه ٽي دفعا خيال ڪندي به نه آيا هئا.

انوءَ چيو : ''منوج تنهنجو هڪ ڳالهه ڏيان ته هن دڪان تي سڀ انگريزيءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئا. مئڊم ڪرپالاڻيءَ به انگريزيءَ ۾ ڳالهايو.''

منوج چيو : ''اهو اڄ ڪالهه جو فيشن آهي.'' ڪجهه دير سانت رهي ڳنڍيائين : ''ٿي سگهي ٿو ان کي ڏنڌي جي فتحيابي ۽ بهتر نموني ڪم ڪرڻ جو ڍنگ به سمجهيو وڃي.''

انو ڪيتري دير سانت رهي. پوءِ چيائين : ''مان هڪ ٻي ڳالهه به سوچي رهي هيس.''

اُداس فلئٽ

هو قطار ۾ بس لاءِ بيٺو هو. وڏي شهر جي ميرانجهڙي سانجهي آڪاس ۾ هت هٽ مات ۾ بيٺل بادل، چوطرف آفيس مان موٽندڙ ماڻهن جا سٽون پائيندڙ ٿڪل بدن. مرجهايل چهرا، پر اکين ۾ ڪا اُميد. هڪ زندگيءَ کان ٻيءَ زندگي ڏي پينگهه جيان لڏڻ جو احساس.

ڪنهن چندر جي ٻانهن تي اچي هٿ رکيو، چندر چرڪي منهن موڙي نهاريو. پهرينءَ نهار ۾ هو سڃاڻي نه سگهيو، ٻيءَ کن سندس منهن تعجب ۽ خوشيءَ ڪنا ٻهڪي اُٿيو، ’تون ميران!‘

ٻنهي جا هٿ ڳنڍيا. ميران چيو : ’مون سمجهيو، ڪونه سڃاڻيندي. ڪيترا سال گذري ويا.‘

ميران جي منهن تي مرڪ آئي ۽ پوءِ هن ننڍڙو ٽهڪ ڏنو. اهائي مرڪ ۽ اهوئي ننڍڙو ٽهڪ جنهن کي چندر سڃاڻندو هو. ’تون اصل ڪانه بدلي آهين، بلڪل ساڳي آهين.‘ چندر چيو.

ميران جي منهن تان مرڪ غائب ڪانه ٿي هئي، جڻ سندس چپ مرڪ سان راند ڪري رهيا هئا. پڇيائين : ’دهليءَ ڪڏهين آئين؟‘

’ٽيو ڏينهن. پنهنجي آفيس جي ڪم سان آيو آهيان.‘

’هاڻ ڪيڏانهن پيو وڃين؟‘

’مائٽن جي گهر، جتي لٿل آهيان‘. چندر وراڻيو.

ميران چندر جي هٿن کي دٻايو. چندر ميران جي آڱرين جي ڊگهاڻ ۽ سنهاڻ محسوس ڪئي. ميران مرڪي چندر جي اکين ۾ پنهنجون اکيون وڌيون، چيائين : اڄ منهنجي گهر هل، رات جي ماني گڏجي کائينداسين. ۽ جواب ملڻ کان اڳ ميران هنکي ٻانهن کان ڇڪي، قطار مان ٻاهر ڪڍي ورتو.

هو وڏي رستي تي هلڻ لڳا. ڪين رستو لتاڙڻ لاءِ ترسڻو پيو. هو وري هلڻ لڳا. گڏو گڏ. ميران هڪ فاسٽ فوڊ ريسٽارنٽ وٽ بيٺي ۽ چندر جي هٿ کي ڇڪي چندر کي ٻه ٻهاريائين. ميران ڪاڏو پئڪ ڪرائڻ لڳي، چندر پت تي لڳل مينو پڙهڻ لڳو. بيئرر کي بل آڻيندو ڏسي چندر کيسي ۾ هٿ وڌو. ميران چيو : ’چندر نه، تون اڄ منهنجو

: ”منوج، تو ڪڏهين اسان جي ايندڙ ٻار بابت سوچيو آهي.“

منوج سمجهي نہ سگهيو تہ هيءَ ڳالهہ اوچتو ڪٿان آئي. هو تہ هڪ خوبصورت رات جا سپنا ڏسي رهيو هو. ملايم، ريشمي نائيٽيءَ ۾ لپٽيل انوءَ جو بدن ڪنهن پريءَ جي بدن جيان هوندو. سنهيءَ نائيٽيءَ مان انوءَ جون گل ڇاتيون ائين بڪنديون جئين چوڏهينءَ جو چنڊ. هو ڪو جواب ڏيئي نہ سگهيو.

انو پلنگ تي منوج جي سامهون اچي ويٺي، سندس ٻئي هٿ جهلي چيائين : ”ڪن مهنن بعد اسانجو هيءُ ٻار دنيا منجهہ ايندو. اڄ ڪالهہ ٻار کي پالڻ ڪيڏو مهانگو آهي.“

منوج ڪجهہ بہ سمجهڻ بنا انوءَ ڏي نهاريندو رهيو.

انوءَ چيو : ”مونکي ٻي بہ هڪ ڳالهہ ياد آئي. ٻئي مهني تنهنجي ڀيڻ جي ڌيءَ جي شادي آهي. اسانکي رتنا کي ڪا سوکڙي ضرور ڏيڻي پوندي.“ انو رڪجي ويئي. منوج سانت ۾ هنجي چهري کي تڪي رهيو هو. انوءَ چڻ ساهہ روڪي چيو : ”ڇو نہ هيءَ نائيٽي رتنا کي شاديءَ تي سوکڙي ڏيون. منوج کي ڳالهہ دل سان لڳي پر هن انوءَ کي خوش ڏسڻ ٿي چاهيو : ”هيءَ توکي جنم ڏن تي مليل سوکڙي آهي. رتنا کي ڪجهہ پيو وٺي ڏينداسين.“

”توکي تہ اسانجي مالي حالت جي خبر آهي ءَ اڄ تو ڏٺو سوکڙيون ڪيتريون مهانگيون آهن.“

منوج ڪجهہ دير سوچيندو رهيو. ڪيس دڪ ٿيو جو رات لاءِ ڏٺل سپنا پنگ ٿي رهيا هئا. چيائين :”تون هيءَ نائيٽي دل ڪري وٺي آئي آهين. اڄ رات پنهنجي جنم دن تي پاءِ، سياڻي پريس ڪرائي رتنا لاءِ رکنداسين.“

انوءَ چيو : ههڙي سني نائيٽي رتنا ضرور سهاڳہ رات تي پائيندي. منهنجو من نہ ٿي مڃي تہ هوءَ سهاڳہ رات لٿل ڪپڙا پائي.“

انوءَ ڊريسنگ ٽيبل وٽ وڃي نائيٽي لاهي ويڙهي رکي. پوءِ ٻتي ٺاري پاڻ کي مڙس جي ٻانهن ۾ اُڇلائي ڇڏيائين. ان رات هنن هڪ ٻئي کي جيترو ويجهو محسوس ڪيو، ان کان اڳہ ڪڏهين ڪونہ ڪيو هو.

••••

درن ۽ درين جو رنگ ڇڪمرو، ڀتين جي سيڙهي لهي ويل. ميران چندر جي چهري ڏانهن نهاريو، پر هُئي ڪن نگاهون ڦيرائي ڇپائين : رنڌڻي ۾ ڪاڏي جون شيون رکي اچان.'

چندر به رنڌڻي ۾ ميران پٺيان ويو. رنڌڻي ۾ اهڙو ڪجهه ڪونه هو جو انکي ڪنهن ڪٽنب جو رنڌڻو چئي سگهجي. رنڌڻي جي نشاني صرف هڪ گئس، هڪ پاڻيءَ جو مٽ ۽ ٻه ٽي برتن هئا. چندر کي پنهنجي گهر جو رنڌڻو اکين اڳيان آيو، جتي سندس زال ضرورت کان گهڻو وڌيڪ شيون گڏ ڪري انکي موديءَ جو دڪان بڻائي ڇڏيو هو.

هو وچ واري دالان ۾ پيل ڇئن موڙن مان ٻن تي اچي ويٺا. چندر جهڪيءَ روشنيءَ ۾ ميران ڏانهن نهاريو. هنکي هوءَ به ان گهر جو ڪو حصو لڳي ۽ چندر محسوس ڪيو ته ان گهر جي اداسائي سندس رڳن ۾ به پيهي رهي آهي.

چندر پاڻ کي سهيڙيندي ڳوري آواز ۾ چيو : ائين پيو لڳي ته هتي ڪير ڪونه رهندو آهي.

ميران ڪيتري دير سانت ويٺي رهي. سندس هٿ سندس گود ۾ هئا. هن جڏهين ڳالهايو ته چندر سندس آواز سڃاڻي نه سگهيو اهو آواز ڪنهن ٻئي انسان جو هو. چندر، هتي ڪير رهندو به ڪونه آهي. ڏسين ڪونه ٿو ڪنهن به شي مٿان انساني ڇهاءُ ڪونهي. سڀ شيون بنا ساهه جي آهن.'

چندر ميران جي اکين مان ٽپڪندڙ اڪيلائپ کي ڏسي پاڻ سنڀالي لاءِ اٿيو ۽ سڄو گهر گهمي آيو. هڪ ڪمري ۾ ٽي فوٽ ويڪرو لوهه جو پلنگ، بنا ميز پوش ٽپائي ۽ هڪ ڪرسي رکيا هئا. ٽپائيءَ تي ٿورا ڪتاب ۽ ڪنڊ ۾ سادي ٽيبل لئمپ پيئي هئي. ٻئي ڪمري ۾ ڪاٺ جي صندل مٿان هنڊ وڇايل هو. باٿ روم جي در پرسان ڀت تي لڳل ڪوڪي مان هڪ ڪئليندر لٽڪي رهيو هو.

چندر موٽي موڙي تي اچي ويٺو. هن چيو : 'ميران مون ٻڌو هو تو شادي ڪئي آهي.'

ميران ڪنڌ مٿي کڻي چندر ڏي نهاريو. هن ننڍڙو ٽهڪ ڏنو. 'ڪئي ته آهي، تڏهين ته هيءَ گهر ٺهيو.'

چندر سانت ۾ ميران ڏانهن نهاريندو رهيو. سندس اکيون

مهمان آهين.'

هو وري هلڻ لڳا. آڪاس مان اونده هيٺ لهي آئي هئي، ميران هٿ مٿي کڻي هڪ آٽو رڪشا واري کي بيهڻ جو اشارو ڪيو. رڪشا ۾ وهڻ بعد ميران پنهنجن ڊگهن وارن کي ور ڏيئي چوٽي ۾ سوگهو ڪيو. چندر ميران ڏانهن نهاريو. من ۾ سوچيائين : نه ميران ساڳي نه آهي. هنن ۾ ڪافي تبديلي آهي، پر اها ڪهڙي تبديلي هئي هو چائي نه سگهيو. 'اهي ڪاڏي جا پئڪيٽ مونکي ڏي. تنهنجا هٿ ٿڪجي پوندا'. ميران جو آواز آيو.

'نه، ٺيڪ آهي.' چندر چيو.

هٿن جي ويڙهه ۾ ميران ڪليو. پرس گود ۾ رکي هن پئڪيٽ هٿن ۾ جهليا. سامهون ايندڙ موٽرن جي روشنيءَ ڪڏهين ميران جي بدن کي روشن ٿي ڪيو ۽ وري اونده ۾ گم ٿي ويئي. ساوٽي وسڪاري جيان جو لڪ چپ راند ڪندو آهي. جڏهن ميران تي روشني ٿي پيئي ته چندر جون نگاهون هنجي چهري تي ٿي پيون. چندر کي ميٽائينءَ روشنيءَ ۾ اهو چهرو مٽيءَ جيان ٿي لڳو جنهن ۾ گلن وارا بوٽا پوکيل هجن ۽ رنگبرنگي گل ٽڙيل هجن. ميران سانت ۾ الائي ڇا سوچي رهي هئي. چندر کي ڪاليج واري ميران ياد پيئي جنهنجا ٺهڪ مشهور هوندا هئا. سندس اکين ۾ چمڪ ايندي هئي، پوءِ لرزندڙ چپ مرڪ ۾ بدلجندا هئا، ان بعد نڪرندڙ ٺهڪ پوري چهري کي روشن ڪري ڇڏيندو هو. ڪاليج جي هوءَ انهن ٿورين ڇوڪرين مان هئي جن مٿان ڇوڪرا مفتون هوندا هئا. ميران ساهيڙين جي ڀيٽ ۾ دوستن سان وڌيڪ رليل مليل هوندي هئي.

'هتي بهار.' چندر کي ميران جو آواز بدليل لڳو. چندر هيٺ هلي چوطرف نهاريو. هڪ سرڪاري ڪالونيءَ جون اداس بدزيبيون، ننڍيون فليٽس. چوطرف هڪ مايوسي ڇانيل رستي جون بتيون پري پري هيون ۽ انهن ۾ ٻرندڙ بلب نه ڏيئا هئا.

ميران پرس مان ڪنجن جو ڇلو ڪڍي پراڻو ڪلف کوليو. اندر پهچي ميران هڪ هڪ ڪري سڀ بتيون ٻاريون، چندر کي گهر ننگو لڳو. ننگو انسان سندر لڳندو آهي پر ننگو گهر پوتن جو وشرام گره لڳندو آهي. هو وشواس ڪري نه سگهيو، ته ميران جهڙي ڇوڪري هن گهر ۾ رهندي هوندي. ٻُنيون پتيون، سيمينٽ سان ليپو پاتل فرش،

’غير رواجي ماڻهو؟ چندر تعجب ۾ سوال ڪيو.‘

’تولاڻيءَ ۽ مان پاڻ ۾ ڳالهائيندا ڪونہ آهيون. ڪيترن سالن کان مان سندس ڪمري ۾ ڪانہ ويئي آهيان ۽ نہ هو منهنجي ڪمري ۾ آيو آهي.‘

’ائين ڪيئن ٿيو؟‘

’شايد... شايد ڏوهہ منهنجو هو.‘ ميران پاڻ سنڀاليندي چيو. ’هر هندستاني عورت کي شاديءَ بعد پاڻ بدلائڻ گهرجي. پنهنجي نجي شخصيت وساري مڙس جي خيالن کي اپنائڻ گهرجي.‘

’مون نہ سمجهيو، ميران؟‘

اوچتو ميران پاڻ کي سنڀالڻ ۾ اسمرٿ ٿي ويئي. سندس اکين مان آنسن جي ڌارا وهي هلي. سندس سرير ڍلو ٿي ويو. سڏڪن کي دٻائيندي چيائين : ’پر ڇا اهو ايترو سولو آهي. پنهنجي سرير ۾ پنهنجو پاڻ کي ماري ڪنهن جي ڪا ڌاري زندگي جئڻ.‘

چندر تمام جهڪي آواز ۾ سڏ ڪيو. ’ميران!‘

ميران پاڻ سنڀالي ورتو هو. هن ڳلن تان لڙڪ اگهيا ڪونہ، پر سندس اکين ۾ جل بدران تجلو هو. تو تہ ڪاليج ۾ منهنجو سياءُ ڏٺو هو. مان سڀني ويجهن سان free (آزاد) هوندي هيس. منهنجي مرڪ، منهنجا ٽهڪ مونکي ٻين کان نيارو بڻائيندا هئا. ان ڪارڻ ئي مان ڪاليج ۾ گهڻن جي ويجهو هيس.‘

ميران هاڻ مڪمل طرح پاڻ سنڀالي ورتو. سندس منهن تي سباجهي ۽ خوبصورت مرڪ هئي جا لڙڪن لاڙڻ بعد ايندي آهي، جئين سانجهيءَ جي ڇڊي ڪارڻ سنڌيا تارو چمڪي.

’شادي‘ بعد مون پاڻ کي بدلائڻ ضروري نہ سمجهيو. مان تولاڻيءَ جي دوستن ۽ پنهنجن دوستن سان ائين هلندي هيس جئين ڪاليج ۾. تولاڻيءَ کي اهو ڪڏهين پسند پوندو هو، ڪڏهين نہ. انجو مدار سندس موڊ تي هوندو هو.

ميران ساهي پٽي ۽ اندر ۾ ڪجهہ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪيائين. ’مڪيش تولاڻي‘ جو ويجهو دوست هو. هو اسڪول ۾ گڏ پڙهيا هئا. هو دهليءَ ۾ انٽرويو ڏيڻ آيو هو ۽ اسانجي گهر رهيو هو. تڏهين اسانجو گهر اڄ جيان پرپانگہ نہ هو. سڀني پاڙي ۾ وٽندڙ فرنيچر سان اسانجو گهر سجايل هو. منهنجا ٽهڪ گهر جي هر ڪنڊ ۾ ڪنهن قدر

ڪاليج واري ميران جي ڪل کي ڳولهي رهيو هيون. ميران چيو :
’تولاڻي هڪ ڪمري ۾ رهندو آهي. مان ٻئي ڪمري ۾.‘
چندر چيو : ’جنهن ڪمري ۾ ڪتاب رکيا آهن.‘ شايد اهو تنهنجو ڪمرو آهي.‘
’ها.‘
چندر ڪجهه سوچي رهيو هو، ميران اڌ اونڌه ۾ هن ڏانهن نهاري رهي هئي. اوچتو هو شيءِ ڏيئي اُٿي. ڪاڏو تڏو ٿي ويندو وري گرم ڪرڻ ڪنهنڪان پڇندو اچ تہ پهرين ڪائي وٺون.‘
’مسٽر تولاڻي؟‘
’هو دير سان ايندو آهي ۽ ڪاڏو ڪائي ايندو آهي.‘
چندر ڪجهه چوي انکان اڳ ميران رنڌڻي ڏانهن هلي ويئي ننڍيءَ ٽپائي تي پليٽون رکي هنن سانت ۾ ڪاڏو ڪاڏو. ميران رنڌڻي ۾ جوٺيون پليٽون رکي آئي. چندر گرڙي ڪري واپس موڙي تي اچي ويٺو.
چندر چيو : ’تنهنجي ڪمري ۾ مون وويڪانند جا ڪجهه ڪتاب ڏٺا.‘
’مونکي وويڪانند وڻندو آهي. تو سسٽر نويدتا جو وويڪانند تي ڪتاب پڙهيو آهي؟ ظاهر آهي هوءَ وويڪانند کي پيار ڪندي هئي. ٻن انسانن ۾ پيار ائين ٿي هئڻ گهرجي. ٻنڌن مڪت، سوارٿ کان خالي‘
چندر سوچيو هر انسان اندر ڪيترا ٻن ٻن انسان لڪل هوندا آهن. چيائين : ميران مون ٻڌو هو توکي تمام سٺي نوڪري آهي. ڪافي سٺي پگهار اٿيئي.
ميران صرف مرڪيو.
’پوءِ بہ هيڙو گهر؟‘
’چندر، گهر انسانن سان ٺهندو آهي، پئسن سان نہ. اسين هن گهر ۾ صرف هڪ سال کان رهندا آهيون ۽ هاڻ هن گهرجي اصل مسواڙي چيو آهي تہ اسين اٿي وڃون. اسين هر سال ڏيڍ مڪان بدلائيندا رهيا آهيون. اسانجي هلت چلت ڏسي، هر جاءِ واري کي شڪ شبها جاڳندا آهن ۽ غير رواجي ماڻهن کي ڪير بہ جاءِ رهڻ لاءِ نہ ڏيندو آهي.‘

With Best Compliments From :

THE NAV JEEVAN CO-OPERATIVE BANK LTD.

ULHASNAGAR

Our 6 Branches

MAIN BRANCH / HEAD OFFICE

BHAWANI SAWMILLS COMPOUND, ULHASNAGAR - 421 003.
Tel. : 543847, 547145, 544256 DIRECT : 560462 FAX : 548213

1) GUR PLAZA
OPP. Bus Stop,
ULHASNAGAR - 1.
TEL.: 548291, 548292

2) CHELLARAM MARKET,
SIRU CHOWK,
ULHASNAGAR - 2,
TEL. : 708214, 708215

3) TURNING POINT
CHOPRA COURT,
ULHASNAGAR - 3.
TEL.: 557940, 545652

4) RATTAN MANSION
HEMU KALANI CHOWK,
FOUNTAIN, UNR - 4.
TEL.: 581929, 583960

5) GURN NANIK BAZAR,
ULHASNAGAR - 5.
TEL.: 531430, 526060

ALL BRANCHES ARE OPENED ON SUNDAY WEEKLY HOLDAY SATURDAY

All deposits upto Rs. 1/- Lac are insured with DICGC

Save Today For Better Tommorrow.

Customers Service is our Motto.

Our Bank has tied up at par cheque payable arrangement with ICICI Bank Ltd.

سنگيت جيان پڌبا هئا.

’مڪيش کي نوڪري ملي ويئي ۽ جيستائين ڪيس پنهنجي جاءِ ملي اسانجي گهر رهڻ لڳو. مان هن اڳيان ائين در پيش آيس جئين پنهنجي ڪنهن دوست سان. خوب ڳالهيون ڪنديون هيون، ٺهڪ ڏبا هئا. هو ڪنوارو هو. هو مون لاءِ سوکڙيون وٺي ايندو هو تولاٽيءَ کي هيءَ سڀ سنو نہ لڳو. هڪ ڏينهن هن مونکي ڏاڍو ڳالهايو. ڪي اهڙيون ڳالهيون چيائين جو منهنجي اندر ۾ ڪجهہ ٽٽي پيو. منهنجو هن تان ارواهہ لهي ويو. ان ڏينهن کان اسين هڪ ٻئي لاءِ ڏاريا آهيون.‘

اوچتو ميران جون نظرون وريءَ کان ٻاهر وييون. اڻندي چيائين ؛ ’چندر، ڏاڍي دير ٿي ويئي آهي. هل توکي بس اسٽنڊ تي ڇڏي اچان.‘

ٻاهر سن سانت هئي. ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ آرامي هئا. آڪاس ۾ تمام سنها تارا هئا. هو سانت ۾ هڪ ٻئي جي پر ۾ هلي رهيا هئا. اوچتو هنن هڪ ڪليل دريءَ مان ووڊ-پارٽيءَ تي ايندڙ هڪ گيت جا شبد ٻڌا. سئگل جو آواز هو.

مورا نئيهر ڇوٽا جاءِ، گڏ هلندڙ هنن ٻنهي ڪجهہ ساڳيو محسوس ڪيو. ڪا پيڙا هنن جي اندر ۾ جاڳي ۽ ميران جي هٿ چندر جي هٿ کي ڳولهي ورتو. چندر پهرين ميران جي هٿ ۾ ڪجهہ آلاڻ محسوس ڪئي، پوءِ ڏيري ڏيري اهو هٿ گرم ٿيڻ لڳو. جڏهين هو بس اسٽئنڊ تي پهتا تہ چندر محسوس ڪيو ميران جي بدن ۾ ٻرندڙ ساهہ سندس بدن کي سيڪي رهي آهي. وڏي قطار هئي. هو قطار جي آخر ۾ بينا هئا.

بس آئي. ماڻهو بس ۾ چڙهڻ لڳا. اوچتو ميران ٻانهون ورائي چندر کي پنهنجي پاڪر ۾ پري ورتو. هو بينا رهيا جيستائين ٻيا ماڻهو چڙهن. ميران جي بدن جي تپت چندر کي ڇهي رهي هئي. بس ۾ آخرين ماڻهو چڙهيو تہ ميران چندر کي آزاد ڪري ڇڏيو. چندر ڊڪ پائي بس ۾ وڃي چڙهيو.

بس هلي ويئي. ميران ئي اڪيلو جيوَ هئي جا اُتي بيني هئي. هوُ پنهنجي ان اداس فلئٽ ڏانهن هلڻ لڳي جو گهر نہ هو.

آگسٽ 1996

● ● ● ●

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

SUDHA CLASSES

For VIII, IX & X All Subject with Science Practicals



4th Floor, Prince Market, Ulhasnagar - 3.

✆ : 564243

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

M/s Parwani Brothers

New Prince Market, Ground Floor,
Ulhasnagar - 421 003.

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان
صاحبن ۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

HASSO
H. PARYANI

7, Hansa Apartment, Plot No. 126 - 127,
Garodia Nagar, Ghatkopar (E). Mumbai - 400 077.
✆ : 5122544 - 5103108

With Best Compliments From :

Shahani Health Home

A FAMILY HOLIDAY TRADITION

Shahani Health Home in Lonavala has been the choice Holiday retreat for families since the last 25 years. It is also perfect for conferences.
Among its numerous features are :

- ★ 62 Well Appointed Rooms with attached Bathrooms
- ★ Now Deluxe Rooms with Televisions
- ★ 3 Luxurious Garden Rooms
- ★ Two Large Conference Halls
- ★ Restaurant Serving Mughlai & Sindhi Cuisine
- ★ Badminton Court, Table Tennis Tables and Other Gaming Facilities
- ★ Chidren's Playground Garden
- ★ Walking Distance From Lonavala Market & Railway Station

Shahani Health Home Is a Trust Property
Run On a Non Commercial Basis.

For Bookings : Shahani Trust, 5A Court Chambers, 35 New Marine Lines, Mumbai - 20. Tel.: 200 18 95.

With Best Compliments From :

چيتي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

POOJA ENTERPRISES

LIQUID GLUCOSE, MAIZE
STARCH, SUGAR KHANDSARI,
GUR & MAIDA MERCHANT

2, Pooja Complex, Pawai Chowk, Ulhasnagar - 421 003.
✆ : Resi.: 542135

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن ۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

Bhawani Builders

Builders & Govt. Contractors

M/s. Bhawani Saw Mills Compound, Ulhasnagar - 3.

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن ۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

Chander Talreja
Sunil Talreja

L & T Cement

Authorised Stockist :

Gobindram Lachhmandas & Co.

Shop No. 459, Ghansham Niwas, Main Road, Ulhasnagar - 3.

✆ : Off. 547624 - 545123 - 548323

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن ۽ سڄي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

V.L. Pharma

MANUFACTURERS OF : AYURVEDIC MEDICINE

Office : 20, Lokmanaya Tilak Marg,
Mumbai - 400 003. ✆ : 322435
318 / A, Ulhasnagar - 1. Dist. Thane. ✆ : 540356

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان
صاحبن ۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

NATIONAL
GAS AGENCIES



Dealers in :

Oxygen, Acetylene, Nitrogen

Head Office :

2, Sai Darshan Society, RKT College Road, Ulhasnagar - 3.
✆ : 550894, 551714

Godowns :

1. Kalyan Amb. Road, Near Hanuman Mandir, Ulhasnagar -3.
2. Laxmi Niwas, Opp. Ajit Weight Bridge, Kalyan Shell Road, MIDC, Dombivli (E) ✆ : 466656
3. 5, Laxmi Narayan Shopping Centre, Kalyan Badlapur Road, Ambernath.

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

MUKATA
CLASSES



For the Best Teaching From
Std. V to X

Rakhi Apartment (Basement)
Ulhasnagar - 421 004. ✆ : 525406

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

LULLA CERAMICS

Authorised Stockist of :-

- ★ Johnson Ceramic Tiles
- ★ Bell Ceramic Tiles
- ★ Bal Building Adhesive
- ★ Johnson Granite
- ★ Pedder Ceramic Tiles
- ★ Nitco Ceramic Tiles

116-117, Press Bazar,
Opp. Bharat Green Lawns, Ulhasnagar - 421 003.
✆ : 548155 - 549155 Fax : 0251 - 557244

With Best Compliments From :

چيتي چند (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

Ashok R. Tolani
Director

Haresh R. Tolani
Managing Director

HARDAYAL
Pharma Distributers Pvt. Ltd

Shop No. 6, Sneh Sagar Apt., Near Post Office, O.T. Section, Ulhasnagar - 1. ✆ : 543979

With Best Compliments From :

چيتي چند (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

RAMA WINES

Ulhasnagar - 421 002.

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

Bacharam Rupchandani

MEMBER

ULHASNAGAR MUNCIPAL CORPORATION

RUPCHANDANI MANSION

Block A-698, Ulhasnagar - 5. ✆ : 522852 Corp. 554287

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان
صاحبن ۽ سڀي ڪٽنب کي لک لک واڌايون

M.K. Achhra & Co.
A.M. Achhra & Co.

AUTHORISED TRANSPORT CONTRACTORS



94, Surat Street, 2, Fancy Chambers,
Masjid, Mumbai - 400009. ✆ : 346651
Section 17, Ulhasnagar - 3.

With Best Compliments From :

Prop.: Murli Rohra

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

MURLI BUILDERS



Regd. Govt. Contractors



HEAD OFFICE :

112, New Prince Market, 1st Floor, Ulhasnagar - 3.
✆ : Off.:564241 Gram : MURLIBUILD

RESIDENCE :

Opp. Telephone Exchange, Ulhasnagar - 3. ✆ : 550775, 551557.
Fact.: 546450 / 548637 Mobile : 9822017559

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

ANIL
SUNIL

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن ۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون .

NARENDRA RAJANI

District President, Bharatiya Janata Party
(Ulhasnagar Dist.)

Member - Telephone Advisory Committee
(Kalyan Telecom Circle)

Municipal Corporator ward No. 51
Special Executive Officer

B.J.P. Office - Plot No. 2, 1st Floor, Shyama Prasad Mukherjee Road, Near Shivaji Udyan, Ambernath (E).

Office : Krishna Villa, BK. 1482, Section 30-B,
Ulhasnagar - 421 004. ✆ : 58 13 13, 58 19 20
Mobile No. 98220 98930 Fax : 58 13 13

Presents

Sheila Mangtani's

دلبر - دلبر

A heart throbbing and touching album of Sindhi Ghazals

Singer : Sheila Mangtani
Lyrics : Folk, Tulib-E-Maula, Govardhan Bharti
Music : Manoj Gajendra

With Best Compliments From :

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان صاحبن
۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

M/S. SHANKAR MAHADEV & CO.

Civil Engineers & Contractors

Office : Section 17, Ulhasnagar - 421 003.

✆ : 550512, 550912, 551293.

Resi.: Section 19, Ulhasnagar - 421 003.

✆ : 550615

C.S
72

Reg. No. MAH 745 TNA 3
Licence to Post - Pre payment Licence No. 02
SINDHI TIMES
(Registered as a Newspaper in India)
Registered No. 6372 / 62

KRISHIN KHATWANI

PAHINJA PARAWA

By : KRISHIN KHATWANI

SINDHI TIMES PUBLICATION
(Quarterly Book Series Issues 1-2 Jan - Feb - Mar - April - May - June 2002)

VISHAL : UNR - 4. ✆ 581932